ماهوار مئگزين

# همسري

حيدرآباد

مارچ 2020




**اٺين مارچ جي ڏينهن تي**
**عورت جي سڀ کان بنيادي گهُر!**
**ڪيس ملڪيت تصور ڪرڻ بجاءِ**
**انسان جو درجو ڏنو وڃي.**






Shop #320 ,

Level-3 Park Towers, Karachi

0213-5876912, 5876913

Regd. No: 3160-A
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
A.B.C
CERTIFIED

مئنيجنگ ايڊيٽر:
ڊاڪٽر شمس صديقي
ايڊيٽر:
زاهده ابڙو
جوائنٽ ايڊيٽر:
ارم محبوب
سب ايڊيٽر:
لطيف گاد
خصوصي عيوضي:
محمد راهب ڳاهو
سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر:
علي کهاوڙ
مئنيجر مارڪيٽنگ:
مظفر علي آگرو
سرڪيوليشن مئنيجر:
محسن علي پٽي
ڪمپوزنگ:
سليم سولنگي
ڊيزائين اينڊ لي آئوٽ:
شهزاد علي منگواڻو
سول ڊسٽريبيوٽرز:
شاهه لطيف نيوز پيپر ايجنسي

آفيس ايڊريس:
بي -49 شريف اسڪوائر
حسين آباد، حيدرآباد، سنڌ
فون: 022-3820363
فيڪس: 022-3820363
اِي ميل: humsari.sindh.pk@gmail.com
ويب سائيٽ: www.humsari.com

Volume: 06
Number: 03
March 2020
Regd. No: 3160-A Copr.
قيمت: =/100 رپيا
هي پرچو زاهده ابڙو
خوشبو پرنٽنگ پريس حيدرآباد تان
ڇپائي پڌرو ڪيو.

# سٽاءُ

| | | |
|---|---|---|
| ايڊيٽوريل | | 4 |
| **راءِ ۽ تبصرا** | | |
| همسري ۾ همسفر تي | | 5 |
| **ادب، سماجيات ۽ تاريخ** | | |
| نظم و ضبط انساني شعور جو اظهار | مشتاق ميراڻي | 7 |
| ڪامريڊ تاج محمد ابڙو | مسلم شميم | 8 |
| سنڌ يونيورسٽي جون ساروڻيون | پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي | 11 |
| جذباتي عدم توازن قومي وجود لاءِ به خطرو آهي | صالح ميمڻ | 14 |
| ڇا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ماحول سازگار آهي | شوڪت لوهار | 17 |
| تين آوازين تين شاعر | افتخار عارف | 19 |
| مياڻي جي جنگ جو هيرو: مير جان محمد ٽالپر | امين جويو | 20 |
| **ڳالهه ٻولهه** | | |
| روبينا احمد | زاهده ابڙو | 23 |
| **ٽريو لاگ** | | |
| پراگ ڏانهن | اعجاز منگي | 27 |
| **سلسليوار ناول** | | |
| رنگ گرهڻ | ضراب حيدر | 29 |
| **آن لائين وٽ ارم** | | |
| انور ابڙو | ارم محبوب | 32 |
| **قانون** | | |
| عورتن جا بنيادي حق قانون جي روشني ۾ | عامر درازي | 34 |
| **ڪهاڻيون** | | |
| مداري | انور شيخ | 35 |
| حرام خور | باغي حنيف ڪوسو | 37 |
| صرف حاصل ڪرڻ جي تمنا | ياسمين چانڊيو | 38 |
| جهرڪين جو آکيرو | انيتا ڪمل | 38 |
| **شاعري** | | |
| شاعري | | 39 |
| **ڪتاب تي تبصرو** | | |
| عالمگيريت ۽ سنڌي سماج | عيسيٰ ميمڻ | 41 |
| **رپورٽون** | | |
| پاڪستان جي ماءُ ٻولين جو ادبي ميلو | زاهده ابڙو | 42 |
| اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي طرفان ڪوئايل قومي سيمينار | اياز چنا | 43 |
| **اڪري سئو وڪري** | | |
| شاهه لطيف بيت، ڀاڪو، مختصر ڪهاڻي، نظم | | 44 |
| **آرٽ ڪارنر** | | |
| پينٽنگ | توفيق سولنگي | 46 |

ماهوار مئگزين
Regd. No: 3160
همسري
حيدرآباد

## ايڊيٽوريل

# 8 مارچ عورتن جو عالمي ڏينهن

8 مارچ سڄي دنيا ۾ عورتن جي حقن لاءِ عالمي ڏينهن طور ملهايو ٿو وڃي. پاڪستان ۾ هن وقت شهري توڙي ٻهراڙيءَ جي عورت پنهنجن حقن جي شعور ۾ مضبوط ٿيندي نظر اچي رهي آهي. سڄي دنيا سان گڏ پاڪستان ۾ به عورت جي حقن لاءِ ڪيترائي قانون جوڙيا ويا آهن، پر ڪيترائي قانون اڄ به رڳو ڪاغذن جي زينت بڻيل آهن. افسوس ته ان ڳالھ جو آهي ته عورت جڏهن پنهنجن حقن لاءِ آواز تي بلند ڪري ته طاقت مٿان قابض ڌريون جن ۾ ڪجھ مرد ۽ عورتون جيڪي هڪ ئي سوچ سان تعلق رکن ٿا اهي سندن حقن جي گهر ڪان خوفزده ٿي وڃن ٿا. عورت جي حقن جي ڳالھ ڪا نئين ناهي صدين ڪان وٺي عورت جا بنيادي حق ڦريا ويا آهن ۽ صدين ڪان انهن ڪي موٽائي وٺڻ لاءِ ڪجھ باشعور عورتون مسلسل جدوجهد ۾ آهن ته ڪين سماج ۾ برابريءَ وارو انساني حق ڏنو وڃي. ڪين صنفي تفريق ڪانسواءِ انسان تسليم ڪيو وڃي. سندن ذهني لاڙن ڪي سمجهيو وڃي، هنر ۽ پورهئي ڪي مان ڏنو وڃي، ڪين گهر ۾ فيصلي سازيءَ ۾ شامل ڪيو وڃي، عورت ڪي پنهنجي مرضيءَ سان زندگيءَ جو ساٿي چونڊڻ ۽ ضرورت پوڻ تي ڇڏڻ جي آزادي هجڻ گهرجي. عورت جيڪا هڪ بنيادي اداري ڪي جوڙي ٿي جنهن ڪي اسين گهر چئون ٿا ڪيس اتي به تحفظ حاصل ناهي. ملڪ جي اڌ آبادي ڪان وڌيڪ عورت جي تحفظ لاءِ رياست ڪي ڪيس طاقتور بنائڻو پوندو ۽ ان لاءِ ضروري آهي ته عورت جي تعليم تي مرد جي برابريءَ ۾ سيڙپ ڪئي وڃي. ڪيس اڳتي اچڻ لاءِ هر مناسب موقعو فراهم ڪيو وڃي. سندس تحفظ لاءِ اهڙا قانون جوڙيا وڃن جو هوءَ آرام سان گهمي ڦري سگهي ۽ ڪم ڪري سگهي.

افسوس ان ڳالھ جو آهي ته جڏهن ڪنهن به عورت جو ريپ ٿئي ٿو ته ضلعي سطح تي ان جي تحقيق ڪرڻ لاءِ اسان جي سنڌ حڪومت فنڊ جاري نٿي ڪري، جنهن لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪي 27 فيبروري تي هوم سيڪريٽري ڪي حڪم جاري ڪرڻو پيو آهي ته عورتن جي ريپ ڪيسن لاءِ جلد ئي فنڊ جاري ڪيا وڃن ۽ ڪنهن به ڪيس جي صورت ۾ ٽن ڏينهن اندر رپورٽ جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي. ان قسم جا عدالتي حڪم اصل ۾ صوبائي حڪومت جي عورتن جي بنيادي حقن ڪان لاپرواهيءَ جو طرز عمل واضح ڪن ٿا. جنهن سماج ۾ ٻار ۽ عورت محفوظ ناهن اهو سماج پنهنجن قدرن ۾ انتهائي ڪريل سماج ليکيو وڃي ٿو.

صرف 8 مارچ تي ڪانفرنسون ڪرڻ ۽ ريليون ڪڍڻ سان مسئلا حل نٿا ٿي سگهن ان لاءِ صوبائي سطح تي ۽ ملڪي سطح تي سيني ادارن ڪي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

*****

---

# پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ ماءُ ٻوليون پنهنجو حق گهرن ٿيون!

گاديءَ واري هنڌ اسلام آباد ۾ 21، 22، 23 فيبروري 2020 تي انڊس ڪلچرل فورم طرفان مادري ٻولين جو ميلو ٿي گذريو جنهن ڪي پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس جو تعاون حاصل رهيو. هن ميلي ۾ پاڪستان ۾ ڳالهائجندڙ 20 ٻولين جا نمائندا شامل هئا. ان قسم جا ادبي ميلا انهن مسئلن جي سنجيدگيءَ جو اظهار آهن جن ڪي 72 سالن ڪان نظر انداز ڪيو پيو وڃي. هن ميلي ذريعي پاڪستان جي اندر لڳ ڀڳ 75 ماءُ ٻولين جي حيثيت ڪي قومي ٻولين جي حيثيت ڏيارڻ لاءِ لابنگ ڪرڻ جي هڪ بهترين ڪوشش ڪئي وئي. هڪ ٻوليءَ جي هڪ هٽيءَ سبب صوبن جي وچ ۾ اها ويجھڙائي نه ٿي سگهي آهي جنهن جو شايد تصور ڪيو ويو هو. رياستي ۽ حڪومتي سطح تي ڪي به اهڙيون ڪوششون ٿيندي نظر نٿيون اچن جنهن سان سڄي ملڪ جا رهواسي پاڻ ڪي هڪ تصور ڪري هڪٻئي جي ويجهو اچي سگهن ۽ پنهنجي انفراديت ڪي اجتماعيت جو حصو بڻائي سگهن. ٿيڻ ته ايئن گهربو هو ته چئني صوبن اندر اهڙا ادارا قائم ڪيا وڃن ها جتي صوبائي ٻولين ڪي سيکارڻ جو مفت بندوبست ڪيو وڃي ها ته جيئن هر پاڪستاني پنهنجي ملڪ جي صوبائي ٻولي ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهي.

هن وقت اهڙي ضرورت ڪي محسوس ڪندي آءِ سي ايف پنجن سالن ڪان ان مقصد ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ته ڪري رهيو آهي، پر انهن ڪي پنهنجي مقصد ڪي اجان وڌيڪ واضح ۽ اثرائتو بڻائڻو پوندو ته جيئن سرد خاني ۾ پيل ٻولين واري بل ڪي وري سرد خاني مان ٻاهر آڻي ان تي بحث مباحثو ڪرائي سگهجي. ايندڙ سال اميد آهي ته هڪ سيشن ٻولي بل جي لاءِ مخصوص ڪيو ويندو جنهن تي مخالف ۽ حمايت ۾ سيني سياسي ڌرين ڪي گهرائي مڪالمو ڪرايو ويندو ته جيئن اهڙي بحث مان نوس نتيجن ڏانهن وڌڻ لاءِ راھ هموار ڪرائي سگهجي. ماءُ ٻولي ڪنهن به قوم يا گروھ جي ثقافت جو تمام اهم حصو آهي. ان ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ پنهنجي ٻوليءَ ۾ سوچي ٿو، پنهنجن خيالن ڪي ٻين تائين منتقل ڪري ٿو ۽ انهيءَ ٻوليءَ ۾ ادب تخليق ڪري ٿو ۽ ان ٻوليءَ جو محافظ بڻجي ان ڪي ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪري جياري ٿو. هر ٻولي ڳالهائيندڙ جي اها خواهش آهي ته سندس ماءُ ٻوليءَ ڪي رياستي سطح تي عزت وارو درجو ڏنو وڃي ۽ ان حساب سان هر ٻوليءَ ڪي قومي ٻوليءَ جو درجو ملڻ گهرجي.

پاڪستان ۾ ڳالهايون ويندڙ سيئي ٻوليون رياست ڪان اها گهر ڪن ٿيون ته ڪين قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي جنهن سان يقينن وفاق پاڪستان ڪي وڌيڪ مضبوطي ملندي ۽ سڀ گڏجي پاڪستان جي ترقيءَ ۾ حصو وٺي سگهندا.

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

# همسري ۾ همسفر تي
# آءُ ونديون خيال دل جا

خط جي متن سان ايڊيٽر جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي

## ڪشمير هڪ نيوڪليئر فليش پوائنٽ آهي

**ٽئگور فياض/سرهاڙي**

ڪشمير کي اڄڪلهہ سياسي ٽرم ۾ نيوڪليئر فليش پوائنٽ جو نالو ڏنو پيو وڃي. تي سگهي ٿو تہ پاڪستان ۽ انڊيا وچ ۾ ڪشمير جي معاملي تي ائٽمي جنگ ڇڙي پوي. ڇو تہ ڪشمير جاگرافي لحاظ سان پنهجي هڪ الڳ حيثيت رکي ٿو ۽ ٻئي ملڪ ڪشمير مان ڪنهن بہ طريقي سان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار ناهن. انڊيا 1974 ۾ ائٽمي ڌماڪا ڪري ائٽمي ملڪ بڻجي ويو. ان وقت پاڪستان هڪ ائٽمي قوت نہ هو. ائٽمي ڌماڪن ٻنهي ملڪن جي طاقت جي توازن کي بگاڙي ڇڏيو. انڊيا جي بدمعاشي کي منهن ڏيڻ لاءِ نيٺ پاڪستان 28 مئي 1998 تي ائٽمي ڌماڪو ڪري ائٽمي قوت وارن ملڪن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو لکرائي ڇڏيو. پهريان هڪ سيڪڙو لڳي پيو تہ انڊيا ۽ پاڪستان ٻئي ملڪ ملي ڪري مستقبل ۾ ڪشمير جو مسئلو حل ڪري وٺندا، پر انڊيا ۾ مودي حڪومت اچڻ ڪانپوءِ لڳي ٿو تہ ايندڙ سئو سالن ۾ بہ ڪشمير جو مسئلو حل ٿي نہ سگهندو. هاڻي ڪشمير مسئلو ان ڪري بہ حل ڪرڻ مشڪل آهي، ڇو تہ گذريل سال 5 آگسٽ تي انڊيا 370 آرٽيڪل ختم ڪري ڇڏيو جنهن جي ڪري ڪشمير کي دنيا ۾ هڪ خاص درجو مليل هو. 370 آرٽيڪل ختم ڪرڻ ڪانپوءِ مقبوضہ ڪشمير کي انڊيا جو اٽوٽ انگ چيو ۽ سمجهيو پيو وڃي. انڊيا جي ان سياسي چال جي ڪري پاڪستان جي ڪشمير مسئلي کي حل ڪرڻ جي پرامن ڪوشش کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي. هاڻي انڊيا Cold Start Doctrine ذريعي آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان کي قبائڻ چاهي ٿو. انهن ٻنهي علائقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انڊيا ننڍي پئماني تي ائٽمي جنگ جي ڳالهہ بہ ڪري رهيو آهي اسان واري ڊي. جي. آءِ. ايس. پي. آر انڊيا جي ڌمڪي جي جواب ۾ چيو آهي تہ جنگ شروع توهان ڪندؤ، جنگ کي ختم اسين ڪنداسين. پاڪستان گذريل ٻن ڏهاڪن کان دهشتگردي جي خلاف فرنٽ لائين پليئر جي حيثيت سان مصروف رهيو ان ڪري انڊيا پلي ننڍي پئماني تي جنگ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري، پر ان جنگ جي جوابي ڪارروائي ۾ پاڪستان انڊيا کي ٽوٽا چٻائي ۽ ملهہ ماري سگهي ٿو. جيئن پاڻ اڳ ۾ ئي گذريل سال 27 فيبروري جو ٽريلر ڏسي چڪا آهيون. انڊيا پاران 370 آرٽيڪل ختم ڪرڻ ڪانپوءِ ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا ٺيڪ ٿيندي نظر نہ پيا اچن. P5 جي ملڪن کي گهرجي تہ ڪشمير مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اڳتي اچي هن خطي کي ائٽمي جنگ کان بچائين.

***

**محمد وارث عباسي/قاسم آباد حيدرآباد**

سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ ماهوار همسري مئگزين ٽپال ذريعي هر مهيني گهر ويٺي ملي وڃي ٿو. آئون سمجهان ٿو تہ اشاعت جي معاملي ۾ همسري مئگزين گوءِ کٽي ويو آهي. مئگزين ۾ سهيڙيل ۽ سمايل قلمڪارن جو علم، علم جي طلبگار کي فيضياب، دل ۽ دماغ ۾ علم جو ڏيئو روشن ڪري ٿو. اهي سڀ ڪاوشون ۽ محنتون ايڊيٽر صاحبہ جون آهن جو هن ڏکئي ۽ افراتفري واري دور ۾ هن اڙانگي سفر کي پابندي ۽ ذميداري سان جاري رکندا پيا اچو. هي ڏاڍو سخت دور آهي پڙهڻ لکڻ ۽ قدر ڪرڻ وارن جي وڏي اڻاٺ آهي. اوهان هڪ سهڻو ۽ دل کي موهيندڙ مئگزين شايع ڪري رهيا آهيو. بهرحال هن ڏکئي دور ۾ حالتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. مئگزين جيڪي بہ ملن ٿا علم ۽ تجربا حاصل ڪرڻ لاءِ قلمڪارن جي لکيل مضمونن، ڪن جو تہ سرسري تہ ڪن جو وري گهرائيءَ سان مطالعو ضرور ڪندو آهيان، جو ذهن انهن جي ذهنن جو جوهر ۽ اوهان جي اشاعت جو مظهر آهي. ان لاءِ اوهان جي ۽ قلمڪارن جي محنتن کي جس هجي. هن مهيني جي شايع ٿيل مئگزين ۾ استاد محترم سليم چنا جيڪو خدائي خدمتگار ۽ درويش صفت ماڻهو آهي ۽ پراڻو تجربيڪار ليکڪ آهي جو محترم حميد سنڌي مرحوم جي جيون جنتري جيڪا مئگزين جي صفحي نمبر 8 تي شايع ٿي هئي جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪيم. ليکڪ قلم وسيلي سائين جي حياتيءَ جون وڏيون يادگيريون واضح ڪيون آهن. اوهان صاحبہ جو برطانوي تاريخدان محترمہ ساره انصاري کان ورتل انٽرويو جيڪو مئگزين جي صفحي نمبر 23 تي شايع ٿيل هو، هيرن ۽ موتين سان جڙيل مالا جيان هو جيڪو اوهان جي علم، مشاهدي ۽ تجربي جي عڪاسي ڪري ٿو. تصوف جو تاريخي پسمنظر جي عنوان سان ڊاڪٽر پيا علي جتوئي صاحب جو قلمي پورهيو ۽ معلومات قيمتي علمي خزانو آهي جيڪو مئگزين جي صفحي نمبر 18 تي شايع ٿيل هو، مضمون پڙهي وڏي معلومات حاصل ڪيم. شاعر صاحبان بہ شاعري جا بهترين جرڪيدار جوهر جرڪايا، سيني جي ذهنن ۽ پورهئي جو قدر ڪجي ٿو. آئون سنڌ واسين، بزرگن، نوجوانن ۽ نياڻين کي گذارش ٿو ڪريان تہ علم سان محبت ۽ دل ۾ لکڻ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪريو. همسري مئگزين جي ايڊيٽر صاحبہ سان تعاون ڪري ان جي حوصلا ۽ همت افزائي ڪريو تہ جيئن انهن کي هن ڏکئي سفر ۾ ڪا دشواري نہ ٿئي. آئون هر وقت هن اڙانگي سفر ۾ ڪاميابيءَ جو دعاڳو آهيان جو هن ڏکئي ٻرندڙ اوڙاهہ واري دور ۾ مئگزين شايع ڪرڻ بيحد ڏکيو ۽ دليري جو ڪم آهي. الله سائين اوهان کي هر موڙ ۽ منزل تي ڪاميابي عطا فرمائيندو.

***

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# ميري باتون مين هي تاثير کي مين،
# دل مين لکتا هون قلم سي پهلي.

***

## ايڊووڪيٽ اُميد خاتون/ٺري ميرواهه خيرپورميرس

محترم ايڊيٽر صاحب: ماهوار همسري سال کان وٺي پڙهندي پئي اچان. جڏهن کان توهان جا ڪجهه گهاريل نيو يارڪ ۾ ڏينهڙا پڙهيا هئا، توهان اسان سيني عورتن جو فخر ۽ ناز آهيو. توهان جو رسالو مواد سان ڀرپور هئڻ سان گڏوگڏ معياري پڻ آهي. خاص ڪري توهان جيڪي خاص شخصيتن کان انٽرويو وٺندا آهيو تمام گهڻا پسند آهن، جيئن هن شماري ۾ برطانوي تاريخدان ساره انصاري جو انٽرويو آهي. ان کانسواءِ ٻاهرين ملڪ جا سفر نامه، آرٽ ڪارنر، آن لائين مهمان وغيره وغيره جهڙو مواد دلچسپيءَ جو سبب بڻجي ٿو. همسري جي خاص خوبي اها آهي جو هر پڙهندڙ لاءِ مواد شامل هوندو آهي. شاعري، ڪهاڻي، ڪتاب تي تبصرو وغيره جهڙو مواد شامل ڪرڻ سان پڙهندڙ جي دلچسپي وڌي ٿي ۽ مهيني سر مهيني انتظار رهي ٿو. وڌيڪ خوشيءَ جهڙي ڳالهه اها به آهي ته توهان قانون کي به شامل ڪري پڙهندڙن لاءِ ڄاڻ جو خزانو کوليو آهي. منهنجي شهر ٺري ميرواهه تائين توهان جو رسالو اچي ٿو، اها توهان جي فتح آهي جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين توهان جا پڙهندڙ موجود آهن ۽ انتظار ڪندا رهن ٿا. ڪنهن شخصيت کي ڀيٽا ڏيڻ ۽ انهن جي يادن کي تازو ڪرڻ پڻ ساراهه جوڳو عمل آهي. اسين دعاڳو آهيون ته ان عمل کي اڃان به وڌائيندا رهندا ۽ عورتن کي وڌ ۾ وڌ شامل ڪري انهن جي احساس محرومين کي ڪجهه گهٽائي سگهندا ته وڌيڪ بهتر ٿيندو.

***

## منورعلي "منور" ڪيهر/ڳوٺ آگاڻي لاڙڪاڻو

محترم ايڊيٽر صاحب: همسري ماهه فيبروري 2020 وقت سر مليو، وقت سر پڙهي پورو ڪيم ۽ ٻاڙ لاٿم. سچ پچ ته هن وقت هڪ رسالو همسري ئي بچيو آهي جيڪو هر مهيني ادبي پياس اجهائي ٿو. همسري جي سر ورق تي ڪٽڪ ٻُڪ ۾ ورتل آهي "پاڪستان ۾ اٽي جي بحران جو سبب مافيا يا حڪومتي نااهلي؟!!" پر اٽي ۽ ڪنڊ جو بحران ان جا سبب وري به حڪومتي نااهلي طرف وڃن ٿا. ڀل ته ان جا ٻيا سبب يا مافيا هجي پر مافيا جو طاقتور ٿيڻ به ته حڪومت جي ئي نااهلي آهي. قاسم سوڍر صاحب جو مضمون حقيقت تي ٻڌل آهي. همسري سياست کانسواءِ پڻ هڪ بهترين ادبي رسالو به آهي. سليم چنا صاحب محترم حميد سنڌيءَ کي ڀيٽا پيش ڪئي آهي. هن سال 2020 جي جنوري مهيني اسان کان اسان جو محبوب ماڻهو حميد سنڌي کسي ويو آهي. حميد سنڌي سان منهنجون به ڪافي ملاقاتون ٿيون، بهترين انسان هو. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس جو اعليٰ مقام عطا ڪري. امين. "لاڙڪاڻو سنڌ جو شانتي نڪيتن" تمام سٺو ٽائيٽل ڏنو آهي مسلم شميم لاڙڪاڻي کي... ها! هڪ وقت هو گذريل صدي جو ستون اٺون ڏهاڪو جڏهن ڳوٺ آگاڻي کي چين جو هُنان ۽ ٻلهيڙجي کي روس جو ماسڪو سڏيو ويندو هو، هي ٻئي ڳوٺ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهن. ادي زاهده ابڙو کي سلام پيش ڪيان ٿو جو ادي انٽرويو ڳولي ڳولي املهه ماڻڪ ماڻهن کان ڪندي آهي ڄڻ ته تاڙ ۾ رهندي آهي ته ڪنهن ماڻهوءَ کان ڪٿي انٽرويو ڪرڻو آهي. پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي طرفان ڪوٺايل عالمي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر ساره انصاري برطانيه مان آئي ته ادي ڪانئس انٽرويو ڪري ورتو. ٻئي ڪهاڻيون ۽ اکري سٺو وکري ۾ مختصر ڪهاڻي سٺيون لڳيون، طارق حسين سومرو جي پينٽنگ سٺي آهي، شاعري جا صفحا گهٽ آهن، ڪهاڻين ۾ ڪٽوتي ڪئي وئي آهي، شاعري سڀ سٺي آهي. قاضي منظر حيات جو شاعراڻو نثر "وصيت" سچي شاعريءَ جي سونهن آهي. اميد ته همسري جي ساري سٽ، گهر، ٻار، اولاد سميت خوش هوندا.

***

## زاهد حسين تنيو/اڳڙا

محترم ايڊيٽر صاحب: فيبروري 2020 جو خوبصورت همسري سامهون اٿم، جنهن جو ٽائيٽل، ايڊيٽوريل، محترم حميد سنڌي صاحب جي جيون جنتري سليم چنا جي ڀيٽا خوبصورت هئي. برطانوي تاريخدان ساره انصاري جو انٽرويو به ساراهه لائق هو. ڪهاڻي ڏنڀ آصف رزاق مهر جي لاجواب هئي، شاعري رحيم داد جوڳي، ستار سروهي، برڪت شيخ، زين ڪوسو جي ساراهه لائق هئي ۽ ٻيو ڪافي مواد ساراهه جوڳو هو.

***

## زين ڪوسو/جوهي

محترم ايڊيٽر صاحب: همسري فيبروري 2020 جو تازو شمارو مطالعي هيٺ آندم. پنهنجي روايتن جي پاسداري ڪندي هن دفعي به خوبصورت معلوماتي مضمونن، ڪهاڻين، رپورٽن، تبصرن ۽ شاعري تي ٻڌل هو. هن دفعي به ايڊيٽوريل حڪومتي بدانتظامي ۽ اٽي جو بحران، جهڙي اهم ٻرندڙ مسئلي تي لکيو آهي. سچ پڇو ته هن رسالي ۾ اهم ليک ايڊيٽوريل ئي آهي. شاعري ۾ مسافر هاليپوٽي جو غزل ۽ اطهر منگي، اصغر باغي، قاضي منظر حيات، رحيمداد جوڳي، ستار سروهي ۽ آتم دراوڙ جا نظم وڻيا، باقي منظور بيدار جي غزل جا قافيا عيبدار ۽ ان ۾ فني جهول به هئا. مستقل سلسلا به وڻندڙ هئا.

***

## بخت حسين ملاح/شهباز ڪالوني خيرپور ناٿن شاهه ضلعو دادو

محترم ايڊيٽر صاحب: ماهوار همسري فيبروري، 10 تاريخ تي ڪاوش ۽ ڪوشش هاڪر ڪي اين شاهه مصطفىٰ ٻگهيو کان خريد ڪري پڙهيم، سٺي معلومات ملي. ايڊيٽوريل اٽي جو هٿرادو بحران، سليم چنا جو محترم حميد سنڌي کي ڀيٽا، مشتاق ميراڻي جو ڪاميابي لاءِ پروفيشنلزم، مسلم شميم جو لاڙڪاڻو سنڌ جو شانتي نڪيتن تمام بهترين لڳا. روڊ حادثا ۽ سنڌ حڪومت جي بي ڌياني ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو، برطانوي تاريخدان ساره انصاري جو انٽريو تمام سٺو بهترين هو. اعجاز منگي جو پيسا ڏانهن پنڌ، ڏنڀ ۽ قاتل، آصف رزاق مهر ۽ ليڪراج ميگهواڙ تمام ڏکوئيندڙ احساس هئا. آن لائين وٺ ارم جهڙي ڳالهه مطلب ته سڄي همسري لائق ۽ فائق آهي. اسان به همسري سان همسفر ٿيڻ لاءِ اميد رکون ٿا. ساليانه ميمبر ٿيڻ لاءِ ۽ ڪجهه شعر، مقالا، مضمون لکي موڪليندا سين، اسان کي به همسري جو حصو ملي ته بهتر ٿيندو.

# نظم و ضبط انساني شعور جو اظهار

مشتاق ميراڻي

جيڪي ماڻهو ترقي ڪيل ملڪ گهمي آيا آهن يا أتي رهن ٿا انهن ڪي تجربو آهي ته انهن ملڪن ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اتان جا ماڻهو ڪيئن نظم و ضبط ۾ رهن ٿا. خريداري وقت، ريل يا جهاز جي ٽڪيٽ وٺڻ وقت، رستي هلندي، ٽريفڪ ۾، سيمينار ۾ شريڪ ٿيڻ يا يونيورسٽي ۾ تعليم وٺڻ وقت هو نظم و ضبط ۾ رهن ٿا. ان جو سڌو سنئون فائدو انهن ماڻهن ڪي پهچي ٿو ۽ هر ماڻهو سڪون جي زندگي گذاري ٿو. نظم و ضبط ۾ عورتون ۽ ٻار وڌيڪ سلامت رهن ٿا. هر ڪم خوشي سان ٿئي ٿو. شهر ۾ نه ڪو شور نه هنگامو ٿئي ٿو. ڪنهن قدرتي آفت جي هنگامي صورتحال ۾ به ماڻهو ٻڌي ۽ نظم و ضبط ۾ رهي ان مصيبت سان منهن ڏين ٿا. ان جي برعڪس اسان جي ڏتڙيل سماجن ۾ هر جڳهه تي ڇڻ افراتفري نظر ايندي. نظم و ضبط جي غير موجودگي ۾ بيچيني ۽ بي سڪوني وارو ماحول پيدا ٿئي ٿو ۽ ان ۾ انسان ذهني دٻاءُ جو شڪار رهي ٿو.




اسان جي گهرن ۾ اڃان به وڌيڪ بي ترتيبي ۽ نظم و ضبط جي غير موجودگي نظر اچي ٿي. ترتيب ۽ نظم و ضبط ۾ ساڳئي گهر ۾ رهڻ ڪري وڌيڪ سڪون ملي ٿو. صفائي رهي ٿي، گهر ڀاتين جي وچ ۾ پيار ۽ محبت ملي ٿي. اسان جي سنڌ ۾ ٻهراڙي هجي يا شهر بي ترتيبي ۽ نظم و ضبط جي غير موجودگي هر جڳهه تي نظر اچي ٿي.
نظم و ضبط هڪ قانوني طريقي سان حاصل ڪجي ٿو يا ٻيو ماڻهن جي برتاءُ ذريعي اُن تي عمل ٿئي ٿو.
ٽريفڪ جو نظام قانوني طريقي سان هلايو وڃي ٿو. ان ۾ هر جڳهه قانون واضح لکيل آهي. ٻيو مثال جتي شهرن جي ترتيب آهي اتي هڪ سِرَ به شهر ۾ توهان پنهنجي مرضي سان رکي نٿا سگهو، جيڪڏهن قانون توهان کي اجازت نٿو ڏئي. توهان پنهنجي مرضي سان جڳهه نٿا ناهي سگهو، جيڪڏهن ان جو نقشو قانون جي خلاف هجي. نظم و ضبط ۾ گهر اندر توهان غير قانوني طور بجلي جي فٽنگ نٿا ڪري سگهو. ڪار جي پارڪنگ، فيڪٽري، دڪان جي تعمير يا اسڪول جي جڳهه به قانون جي تابع آهي. اهي سڀ شيون قانوني نظم و ضبط جي دائري ۾ اچي وڃن ٿيون.
سماجي نظم و ضبط جي اصول مطابق عوامي جڳهين ۾ گوڙ ۽ هنگامو نه ڪجي. سيمينار يا ڪانفرنس ۾ نظم و ضبط سان شريڪ ٿجي. دوستن ۽ محفل ۾ هڪ اخلاقي نظم و ضبط سان شريڪ ٿجي. گهر ۾ وڏن يا ننڍن سان اخلاق سان برتاءُ ڪجي. عورتن ۽ ٻارن سان احترام ۽ پيار سان هلجي. عام پبلڪ ۾ تميز ۽ اخلاق سان پيش اچجي. هر جڳهه تي ٻين کي سهولت ڏجي ۽ انهن جي حقن جو احترام ڪجي. ٻين سان بدتميزي سان پيش نه اچجي. عام ميڙن، جلسن ۽ جلوسن ۾ ٻين سان انتهائي اخلاق سان شريڪ ٿجي ۽ انهن کي ذهني ۽ جسماني تڪليف نه ڏجي. عوامي ميڙن ۾ جڏهن اسان ٻين کي جسماني ۽ ذهني تڪليف ڏيون ٿا اهو ان نظم و ضبط جي لتاڙ ڪريون ٿا ۽ ٻين جي انساني حقن تي ڌاڙو هڻون ٿا. جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جي عالمي اصول جي ڀڃڪڙي ڪريون ٿا، جيڪو ڪنهن به حالت ۾ قبول ناهي. اسان روز ڏسون ٿا ته ڪي ماڻهو ٻين کي تڪليف ڏين ٿا، جيڪو انساني تهذيب جي بلڪل خلاف آهي. اهي ماڻهو غير مهذبيت جو مظاهرو ڪن ٿا.
شهري زندگي تهذيب جو هڪ اعليٰ اهڃاڻ آهي ۽ اهو سڄو سارو نظم و ضبط تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن شهري زندگي مان نظم و ضبط ڪڍيو وڃي ته مڪمل طور افراتفري پيدا ٿيندي. دنيا ۾ جيڪي به ترقي ڪيل ملڪ آهن پهريون ڪم انهن جي شهرين کي نظم و ضبط ۾ رهڻ سيکارين ٿا. اهڙا قانون ناهين ٿا جو هر شهري نه صرف نظم و ضبط ۾ رهي ٿو، پر ٻين شهرين جي حقن جو مڪمل احترام ڪري ٿو.
دنيا جي مختلف ترقي ڪيل ملڪن جي هر شهر ۾ خاص مرڪز ٺهيل آهن ۽ اتي هزارين ماڻهن جو روزانو گذر ٿئي ٿو. اتي ماڻهو ڪيئن نه نظم و ضبط ۾ سفر ڪن ٿا، ويهن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي خوش ڪن ٿا. لنڊن جو ٽفلگار چوڪ، ماسڪو جو ڳاڙهو چوڪ، نيويارڪ جا رستا، اهي مرڪز تفريح ۽ خوشي ڏيڻ جي مرڪزن طور مشهور ٿيا آهن. ان جي برعڪس ڪراچي جو صدر هجي، حيدرآباد جو حيدر چوڪ، سکر جو گهنٽا گهر چوڪ يا لاڙڪاڻي جو پاڪستان چوڪ هجي، اهي ڄڻ ته ماڻهن لاءِ آزار جا مرڪز هجن ٿا. اهو سڄو ماحول حڪومت جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي ۽ نظم و ضبط جي کوٽ ڪري آهي.
حڪومت هر شهري کي نظم و ضبط واري زندگي لاءِ قانون ٺاهي ۽ ان تي عمل ڪرائي. نظم و ضبط ۾ هر شهري سڪون سان رهي سگهي ٿو ۽ پنهنجي نوجوان نسل کي به ان جو احترام ڪرائي سگهي ٿو. هتي شهري نظام ۾ جيترو نظم و ضبط هوندو. اوترو ئي ماڻهن کي ان جو احترام ۽ عمل جي سکيا تيز ٿيندي.
بي ترتيبي ۽ بي ضابطو، افراتفري کي جنم ڏئي ٿو. اهو هر شهري کي بيزار ڪري ٿو. سڪون ۽ امن واري زندگي هر شهري جو حق آهي ان جي حفاظت حڪومت جو فرض آهي ته هو شهرين لاءِ نظم و ضبط واري زندگي جون سهولتون پيدا ڪري. نظم و ضبط واري ملڪ ۾ معاشي ترقي وڌيڪ ٿئي ٿي ۽ سيني شهرين لاءِ روزگار ۽ آمدني جا موقعا پيدا ڪري سگهي ٿي. جيترو وڌيڪ نظم و ضبط وارو ملڪ هوندو، اوترو ئي وڌيڪ ترقي ڪيل هوندو.
نظم و ضبط جي هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري ماڻهو پنهنجي شعور جو اظهار ڪري سگهي ٿو:

1) ٻين جو احترام ڪري انهن کي پنهنجي عمل ۽ گفتگو سان نقصان نه رسائجي.
2) ڪنهن به عوامي ميڙ ۾ غير مهذب رويي جو مظاهرو نه ڪجي.
3) بدتميزي ۽ بداخلاقي کان پاسو ڪجي.
4) گهرن، آفيسن، عوامي جاين ۽ عوامي ميڙن ۾ اعليٰ اخلاق جو مظاهرو ڪجي.
5) ٻين جي حقن جو احترام ڪجي.
6) خاص ڪري عورتن، ٻارن ۽ وڏن سان پيار ۽ احترام سان برتاءُ ڪجي.
7) هر جڳهه تي ۽ هر ماحول ۾ بردباري جو مظاهرو ڪجي.
8) گهر کان وٺي آفيس، پاڙي، عوامي ميڙن ۾ توهان جي طرفان ڪنهن کي به نقصان نه پهچي.
9) پنهنجي ڳالهائڻ تي ضابطو ڪري ڪنهن جي دل آزاري نه ڪجي.
10) نسل پرستي، مذهبي تعصب ۽ سيڪسيٽ Sexiest (عورتن جي تذليل) جي ٻولي ڪڏهن به استعمال نه ڪجي.



# ڪامريڊ تاج محمد ابڙو

مسلم شميم



دنيا لاڙڪاڻي جي سياسي ۽ تاريخي حيثيت کان آگاهه آهي. موهن جي دڙي جي حوالي سان هي شهر عالمي تاريخ ۾ هڪ اهم باب طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. موهن جو دڙو پنهنجي تاريخي حيثيت جي حوالي سان دنيا جي تاريخ ۾ ٽين جديد ترين تهذيب يعني وادي سنڌ جي عظمت جو امين ۽ توجهه جو مرڪز رهيو آهي. لاڙڪاڻي جي سياسي حيثيت ۽ شهرت ۽ سياسي شخصيتن جي قومي ۽ بين الاقوامي منظر نامي جو ميڊيا تي چرچو ۽ خاص طور تي قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي حوالي سان ٿيو. هن شهر جي علمي ۽ ادبي حيثيت بہ غير معمولي رهي آهي. تاريخي تناظر ۾ لاڙڪاڻي جي علم ۽ ادب، فڪر ۽ دانش جي حيثيت جي پسمنظر ۾ وڃڻ سمجهه ۾ نہ اچڻ جهڙي ڳالهه نہ هجڻ گهرجي ٻين لفظن ۾ لاڙڪاڻي جو مڪتبہِ فڪر چڻ تہ ذڪر ڪيل حوالن ۽ عواملن جي اوٽ ۾ لڪيل رهيو آهي. فڪر ۽ شعور جي شعبي ۾ ڪيترائي وڏا نالا ويهين صدي جي تاريخ جو وڏو حصو بڻجي چڪا آهن، جن ۾ پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، جمال ابڙو، پروفيسر اياز حسين قادري ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جا نالا سرفهرست آهن. انهن کان علاوه لاڙڪاڻي جا چار درويش ڪامريڊ جمال الدين بخاري، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ مولوي نظير حسين جتوئي ۽ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جي نالن سان گڏ هڪ اهم نالو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جو بہ آهي ۽ هو بہ انهيءَ قبيلي جو اهم رڪن هو، يعني هڪ وڏو مارڪسي نظريہ دان ۽ دانشور هو. هتي اهو بيان ڪرڻ بي معنيٰ نہ ٿيندو تہ منهنجي مارڪسزم واري نظرئي سان واقفيت 1950 واري ڏهاڪي جي شروعاتي دور ۾ ٿي. 1952ع ۾ پٽنا يونيورسٽي سان وابستگي جي نتيجي ۾ ڪاليج جي پهرين سال کان مارڪسزم ۽ مارڪسي فلسفي جي روشني منهنجي ذهن جي ڳڙڪيءَ اندر آئي ۽ اها گهري ٿيندي وئي. انهيءَ عرصي ۾ جوزف اسٽالن جي سوانح عمري اردو ۾ شايع ٿي جنهن جي مطالعي مان لاڀ حاصل ڪيم. هندو معاشري جي ذات پات تي منحصر سماج ۾ معاشري جو سڀ کان هيٺيون طبقو ”شودر“ سڏرائيندو آهي. جن جي حيثيت ڪجهه حوالن سان غلام کان بہ بدتر هوندي آهي، جن جي هٿ جو پاڻي پيئڻ بہ حرام هوندو آهي. هي اهو اڇوت طبقو هو جنهن سان اسٽالن جي ابن ڏاڏن جو تعلق يعني اهي موچڪو ڌنڌو ڪندا هئا. اهڙي شخصيت کي سوويت يونين جي مملڪت جو سربراهه ٿيڻ ۽ عالمي پئماني تي ان جي قائدانہ حيثيت مون کي هن نظام ۽ فلسفي جي عظمت جو قائل ڪري ڇڏيو. منهنجي فڪر ۽ شعور جو سيني کان وڏو حوالو اهو ئي آهي. انهيءَ پسمنظر ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سان منهنجا لاڳاپا وڌيا. 1961ع ۾ منهنجي لاڙڪاڻہ ڪاليج آف ڪامرس اينڊ اڪنامڪس ۾ ليڪچرر جي حيثيت سان تقرري ٿي ۽ مان 1960ع جي ڏهاڪي جي شروعاتي سالن ۾ لاڙڪاڻي جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ جي ڪيترن ئي شعبن ۾ سرگرم ۽ فعال ٿي ويس ۽ جلد ئي لاڙڪاڻو شهر منهنجو ٻيو وطن بڻجي ويو. هن تاريخي عرصي ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۾ ضابطي هيٺ تنظيمي طور شامل ٿيس ۽ منهنجي متحرڪ ٿيڻ جي بنياد تي پارٽي جي قيادت مون کي لاڙڪاڻي ضلعي جي سيڪريٽري جو عهدو سونپيو. مان نظرياتي طور شاگردي واري دور کان مارڪسزم کان آگاهه هئس بلڪ ايئن چوان تہ 1960ع جي ڏهاڪي کان پهرين نظرياتي طور مارڪسسٽ هئس. اهو نظرياتي سلسلو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو سان رابطي ۽ خاص لاڳاپي جو وسيلو بڻيو.

چو تہ ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت لاڙڪاڻي ۾ جن چند شخصيتن جو حوالو ڏنو هو انهن ۾ سندس خاص اهميت هئي. هونئن پهرين لاڙڪاڻي جي چئن درويشن جو ذڪر اڳي چڪو آهي، ڪامريڊ تاج ابڙو کي ان سلسلي جي ڪڙي سمجهڻ گهرجي. مٿي ذڪر ڪيل بيان جي تناظر ۾ ڪامريڊ تاج ابڙو سان منهنجي لاڳاپن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. 1960ع جي ڏهاڪي واري شروعاتي سالن ۾ ساڻس رابطو شروع ٿيو جيڪو 1972ع تائين قائم رهيو ۽ ان ۾ گهرائي پيدا ٿي. هتي سندس شخصيت جي گهرائي قدر ۽ قيمت جي حوالي سان ان تاريخي عهد جو بيان ڪرڻ منهنجي لاءِ نهايت اهم ۽ وڏي معنيٰ رکي ٿو. پاڪستان جي قيام کانپوءِ جلد ئي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کي غير قانوني قرار ڏنو ويو، ان سان گڏوگڏ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فرنٽ کي بہ غير قانوني قرار ڏنو ويو. اها تاريخي حقيقت آهي تہ 1925ع ۾ ڪانپور ۾ هندستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي نهڻ جي حوالي سان ڪل هند ڪانفرنس ڪوٺرائي وئي جنهن جي استقباليہ واري مجلس جو صدر مولانا حسرت موهاني ۽ نائب صدر مونالا آزاد سبحاني هئا. اهو تاريخي حوالو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي تاريخ جو باضابطہ هڪ باب آهي. مولانا حسرت موهاني جو هي شعر ان سلسلي ۾ هر خاص ۽ عام ماڻهو جي زبان تي چڙهيل هو:

**درويشي و انقلاب مسلڪ هي ميرا،**
**صوفي مومن هون، اشتراڪي مسلم.**

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

هي تاريخ جو اهو دور آهي جڏهن ڪميونسٽ پارٽي جي عظيم رهنما حسن ناصر جي لاهور قلعي ۾ هلاڪت جو سانحو ٿيو. ملڪ ۾ ان وقت جي ڪميونسٽ پارٽي جي تنظيمي صورتحال جو بيان ڪرڻ هتي اجايو آهي. ان وقت ڪميونزم يعني اشتراڪيت جو نالو وٺڻ بہ انتظاميہ جي عتاب کي دعوت ڏيڻ جي برابر هو. مون کي ياد آهي ان دور ۾ ميڪسم گورڪي جو مشهور ناول ”ماءُ“ بہ لڪي پڙهيو ويندو هو. ان دور ۾ ڪامريڊ تاج ابڙو جي اشتراڪيت سان وابستگي لاڙڪاڻي شهر جي اندر ۽ ٻاهر ڪو لڪل راز نہ هو ۽ پاڻ ڪڏهن بہ ان باري ۾ ڪو معذرت خواهہ رويو اختيار نہ ڪيو، پر هن ان نظريي سان پنهنجي ڪمٽمينٽ برقرار رکي ۽ جنهن بہ طريقي سان ممڪن ٿيو ان جي تشهير بہ ڪئي. اهو ئي دور هو جڏهن ملڪ جي مشهور ۽ معروف ڪميونسٽ رهنما ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي سان سندس ويجها لاڳاپا قائم هئا ۽ هو ڪامريڊ سوڀي سان سندس ڳوٺ جتي هو نظر بند هو اتي وڃي ملندو هو. ايوب خان جي مارشلائي دور ۾ ڪامريڊ سوڀي جي چوڻ مطابق ”منهنجي نظر بندي 1959 کان 1964 تائين لڳ ڀڳ پنج سال رهي ان دوران جمال ابڙو ۽ تاج محمد ابڙو مون وٽ ايندا رهيا. 1964 ۾ جڏهن مون تان نظر بندي جي پابندي ختم ٿي تہ سيپٽمبر 1965ع ۾ هندستان پاڪستان جي جنگ شروع ٿي وئي تہ وري مون کي گرفتار ڪري سي. آءِ. اي وارن لاڙڪاڻي ٿاڻي کان دادو ٿاڻي منتقل ڪيو. ان وقت حالتون اهڙيون هيون جو ڪوبہ سياسي ڪارڪن هڪٻئي سان ملڻ جلڻ ۽ ويجهو اچڻ کان خوفزده هو، پر مولوي نظير حسين جتوئي ۽ تاج محمد ابڙو ٻئي مون سان ملڻ ٿاڻي تي ايندا هئا.“ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻي سان سندس نظرياتي وابستگي صرف قائم ئي نہ رهي، پر ان کي تنظيمي حيثيت بہ ڏني وئي ۽ سندس اوطاق اشتراڪيت جي حوالي سان هڪ نظرياتي مرڪز بڻجي وئي ۽ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي مرڪزي حيثيت وڌندي وئي.



هو پنهنجي ڪابي ڌر واري نظرين جي باوجود بہ معاشري جي هر طبقي ۾ مقبول هو ۽ پسنديده شخصيت جي حيثيت سان ڄاتو سڃاتو ويندو هو. وڪالت جي پيشي سان هڪ ڊگهي عرصي تائين لاڳاپيل رهيو ۽ وڪيلن جي برادري ۾ تمام گهڻي عزت حاصل هئس. لاڙڪاڻي بار ۾ سندس هڪ تصوير اڄ بہ لڳل آهي، ان پيشي جي حوالي سان بہ سندس انسانيت دوستي ۽ غريب پروري کان پورو سماج آگاهہ هو، جتي هو عوامي حلقن ۾ تمام مشهور ۽ معروف هو اتي لاڙڪاڻي جي سياسي شخصيتن سان بہ سندس گهرا رابطا ۽ لاڳاپا هئا. خاص طور ذوالفقار علي ڀٽو سان سندس لاڳاپا دوستاڻہ هئا. هو پيپلز پارٽي جي بانين ۾ شامل هو، ”اٽي، لٽي ۽ اجهي“ جو نعرو سندس لاءِ ڄڻ اشتراڪي نعرو هو. ان تناظر ۾ ڀٽي ڪيس ڊسٽرڪٽ جج جي عهدي تي فائز ڪيو. بحيثيت جج بہ سندس شهرت، عدليہ ۽ وڪيلن جي حلقي ۾ غير معمولي هئي. ڏهن سالن تائين هو ان عهدي تي فائز رهيو ۽ ان کانپوءِ هن وري پنهنجي اباڻي اوطاق کي آباد ڪيو ۽ اها اوطاق پنهنجي روايتي، نظرياتي خاصيتن جي حوالي سان مشهور ٿي. عدليہ سان سلهاڙيل هجڻ باوجود سندس فڪر ۾ ڪا تبديلي نہ آئي ۽ ڪابي ڌر جي دانشور جي حيثيت سان هن پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي.

ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي هيءَ اوطاق هڪ ڊگهي عرصي تائين مختلف فڪر ۽ مسلڪ جي ماڻهن لاءِ هڪ سماجي، سياسي پليٽ فارم رهيو ۽ هڪ اڪيڊمي جو درجو رکندي هئي. جيئن تہ بيان ڪري چڪو آهيان تہ 1960ع جي ڏهاڪي جي مشڪل دور ۾ ان اوطاق جي فڪري ۽ نظرياتي سرگرمين کان لاڙڪاڻي وارا چڱيءَ ريت واقف هئا ۽ مختلف موضوعن تي ٿيڻ واري گفتگو ۽ مڪالمہ ڪڏهن رسمي تہ ڪڏهن غير رسمي خصوصيتن سان ٿيندا رهيا. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ هن اوطاق سان هڪ وڏي دانشور ۽ ليکڪ سائين جمال ابڙو جي تمام گهري وابستگي رهي. هن ”پاڪ سوويت دوستي“ جي نالي سان هڪ تنظيم قائم ڪئي هئي، جنهن تحت هتي مختلف معيار ۽ نوعيت جا ميڙاڪا ٿيندا رهندا هئا. جمال ابڙو جي غير موجودگي ۾ ان اداري جي عملي سرگرمي ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي نگراني ۾ قائم رهي ۽ اهو سلسلو سندس آخري پساهن تائين قائم رهيو. اهو ئي ادارو هو جنهن کي مون ”پاڪ سوويت ڪلچر سوسائٽي لاڙڪاڻو“ جو نالو ڏنو ۽ ڪيئي سماجي شخصيتون هن اداري سان سلهاڙيل رهيون ۽ 1917ع ۾ آڪٽوبر انقلاب جي 1967 جي گولڊن جوبلي واري تقريب ۽ جلسو عوامي سطح تي ملهايو ويو. ڪامريڊ تاج محمد ابڙو وانگر مون بہ سماجي لاڳاپن ۽ رابطن جون سرحدون گهٽيون پڪيڙي رکيون هيون ۽ ان تنظيم جي صدارت لاءِ تحريڪ پاڪستان جي هڪ عظيم رهنما چوڌري خليق الزمان جي ننهن محترمہ سڪينہ عتيق الزمان کي چونڊيو ويو ۽ مشهور وڪيل ۽

ماهوار مئگزين همسري حيدرآباد Regd. No: 3160

سماجي شخصيت مرحوم شاهه محمد مسعود کي نائب صدر ۽ مشهور سياسي قائد قاضي اڪبر مرحوم جي ڀاٽيجي اقبال عباسي کي جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ان وقت هڪ مئنيجر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو، سيڪريٽري چونڊيو هو. شهر جون ڀيون ڪيترين ئي مشهور شخصيتون ان جي مجلس عامله ۾ هيون جن ۾ ”بزم ادب“ جو باني صدر مرحوم جناب صمد رضوي ساز، جناب رزاق سومرو ۽ مشهور شاعر مرحوم محمد علي جوهر جا ڪجهه نالا ذهن ۾ محفوظ آهن. ان اجتماع ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي کان سوويت يونين جي سفارت خاني جو ان وقت جو ڪائونسلر جنرل استولڪن کان سواءِ ٻيا ڪيترائي آفيسر چار گاڏيون ڀري ان تقريب ۾ شرڪت لاءِ آيا. سندن قيام لاڙڪاڻو سرڪٽ هائوس ۽ انسپيڪشن بنگلي ۾ ٻن ڏينهن تائين رهيو. هي جلسو لاڙڪاڻي اسٽيڊيم ۾ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ لاڙڪاڻي جي مختلف طبقن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. هن تنظيم جي اهتمام هيٺ 1970ع ۾ سوويت يونين جي باني ڪامريڊ لينن جي سئو سالا سالگره واري تقريب عوامي سطح تي ملهائي وئي، جنهن جو خاص مهمان فيض احمد فيض هو. هيءَ تقريب لاڙڪاڻه سٽيزن ڪلب جي جلسه گاهه جناح پارڪ ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ ٿيا. ٻنهي تقريبن ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي عملي سرپرستي حاصل رهي ۽ سندس اوطاق ۾ انتظامي اجلاس ٿيندا رهيا. ان کان علاوه ايوبي دور جي آمريت واري دور ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو پنهنجي نظرياتي وابستگي جي عملي اظهار کان ڪڏهن به نه ڪيٻايو. 1960ع جي ڏهاڪي واري شروعاتي سال ۾ جڏهن منهنجو ساڻس رابطو جڙيو هڪ باضابطه ادارو thinkers' forum جوڙيو جنهن تحت هفتيوار اجلاس ٿيندو هو، مان ان اداري جو سيڪريٽري ۽ تاج محمد ابڙو صدر هو. ان اجلاس ۾ شهر مان مختلف مڪتبهءِ فڪر ۽ عمر جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. ڳالهه ٻولهه جا موضوع ڦيرين طئي ڪيا ويندا هئا، جيڪي بين الاقوامي نوعيت جا هوندا هئا ۽ قومي ۽ مقامي نوعيت جا به هوندا هئا. اجلاسن ۾ شهر جون معروف شخصيتون به حصو وٺنديون هيون، جن ۾ نيشنل عوامي پارٽي جو صدر معروف وڪيل دوست محمد ابڙو، معروف دانشور ۽ تخليقڪار پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري، شعور صديقي، پروفيسر علي حامد، پروفيسر رياض صديقي، پروفيسر بچل تنيو ۽ ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي شخصيتون



شامل هيون. ان هفتيوار اجلاس جي موضوعن ۽ مڪالمن جي حوالي سان ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي اوطاق جي حيثيت هڪ اڪيڊمي واري هئي ۽ سڄو شهر ان اڪيڊمي جي ڪارڪردگي کان واقف هو. ملڪ ۾ آمريت واري دور ۾ ڄڻ جمهوري عمل جي پڪيڙ جي لاءِ هي ادارو ڪم ڪري رهيو هو ۽ جنهن جو اڳواڻ ڪامريڊ تاج ابڙو هو.

تاج ابڙو صاحب هڪ بيحد ڪامياب وڪيل هجڻ سان گڏوگڏ هڪ عوامي شخصيت به هو، ڄڻ ته هو شهر جو هڪ مقبول اڳواڻ هو. شهر جا ڄاڻو ۽ علم دوست حلقه ان جي افاديت کان چڱيءَ ريت واقف هئا. سندس لاڳاپا سنڌ جي سڀني دانشورن سان ڪنهن نه ڪنهن ريت رهندا هئا، هو هڪ تمام وڏو دانشور هو، جنهن با ضابطه طور تي ڪو ڪتاب ته نه لکيو، پر منهنجي راءِ اها آهي ته هو پاڻ هڪ ڪتاب هو ۽ مون جهڙا ڪيترائي ماڻهو سندس علم مان فيضياب ٿيندا رهيا. هو تمام گهڻو سوشل هو ۽ سندس لائبريري مان ڪيترائي ماڻهو فيض حاصل ڪندا رهيا. مون کي به ڪيترائي نظرياتي ڪتاب اتان مليا ۽ ان وقت جي تازن موضوعن تي لکيل ڪتاب سندس لائبريري ۾ شامل ٿيندا رهندا هئا. خاص ڪري مارڪسزم ۽ مارڪسي فلسفي تي لکيل ڪتاب اتان ئي ملندا رهندا هئا.

مختصر ڳالهه اها آهي ته ڪامريڊ تاج محمد ابڙو معاشري جو هڪ مختلف، منفرد ۽ گهڻين صفتن وارو فرد هو، سندس دانش ۽ فڪر جو جهان ڏاڍو وسيع هو، جنهن جو اندازو هن ڪتاب ”سنڌ جو املهه هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو“ جي حوالي سان لکيل مضمون آهن، جن جي ترتيب ۽ ايڊيٽنگ مرحوم محمد ابراهيم جويي ڪئي. هن ڪتاب ۾ پاڻ محمد ابراهيم جويو مرحوم تاج محمد ابڙي تي جيڪي تعريفي جملا لکيا آهن ان جي روشني ۾ ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي شخصيت جي وڏائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ سنڌ جي مختلف مسئلن ۽ مڪتبهءِ فڪرن سندس دانشوري ۽ شخصيت جي جامعيت جي حوالي سان پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي، ان ڊگهي فهرست ۾ پروفيسر ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جمال ابڙو، شيخ اياز، حميد سنڌي، عبدالغفور پرڳڙي، ولي رام ولڀ، رسول بخش پليجو، تنوير عباس، انيس انصاري جهڙين شخصيتن جا مضمون شامل آهن، جن سان ڪامريڊ تاج محمد ابڙو جي علمي، سماجي، دانشورانه ۽ مفڪرانه شخصيت جو ادراڪ ڪرڻ مشڪل ناهي. هو واقعي هڪ عظيم مرتبي واري شخصيت هو سندس انتقال 1986ع ۾ ٿيو، پر سندس شخصيت جا نقش ايترا ته گهرا آهن جو سندس سالگره ۽ ورسي جي موقعي تي اجتماع منعقد ٿيڻ جي روايت قائم آهي. مون کي سندس معتڪدن جي فهرست ۾ شامل رهڻ تي فخر آهي.

حوالا:

(1) ”سنڌ جو املهه هيرو ڪامريڊ تاج محمد ابڙو“: محمد ابراهيم جويو، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو يادگار ڪميٽي، لاڙڪاڻو 2016.

(2) ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“: گل محمد گاد، لاڙڪاڻو ميونسپل ڪميٽي اپريل 1985.



سنڌيڪار: زاهده ابڙو

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# سنڌ يونيورسٽيءَ جون ساروڻيون

پروفيسر لعل بخش جسڪاڻي

علم ۽ ڏاهپ جي مرڪز سنڌ يونيورسٽيءَ اسان جي نئين نسل کي مستقبل جو شعور ۽ اڳتي وڌڻ جو اتساهه ڏنو. اها گلابن ۽ رابيلن جي هُٻڪاريل موسم هئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو عوامي دور هو. هڪ ڏينهن ذوالفقار علي ڀٽو سياستدانن، صحافين ۽ سنڌ سپاف جي قيادت سميت حيدرآباد جيمخانا ۾ اچي پهتو. ڀُٽي صاحب هن وڏي ميڙ کي خطاب ڪندي اسٽيج تي شيخ اياز جو هٿ وٺي چيو مان اوهان کي اڄ خوشخبري ڏيڻ آيو آهيان ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪريان ٿو. سمورو جيمخانو جيئي ڀٽو جي نعرن سان گونججي ويو. ”شيخ اياز سنڌ جو آواز“ جا نعرا به گونجيا. نئين نسل ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙن جي منهن تي مُرڪ آئي ۽ هر طرف خوشيءَ جا هُوڪرا پئجي ويا. هن اعلان ڪانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال نوجوان استادن ۾ تمام خوشي ٿي، جنهن ۾ آئون به شامل هئس. ٻئي پاسي اڳتي هلي استادن جي هڪ ننڍڙي گروهه هن فيصلي جي مخالفت ڪئي جنهن جي اڳواڻي پروفيسر الياس ابڙو ڪئي. سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد شاعريءَ جو دور ڪشنچند بيوس نارائڻ شيام کان شروع ٿئي ٿو ۽ اياز جي دور ۾ عروج ماڻي ٿو ۽ عروج ڪيرٿر جي چوٽين کي ڇُهيو ۽ اهڙي بلنديءَ تي مهان ڪوي شيخ اياز کان سواءِ ٻيو ڪوبه پهچي ڪو نه سگهيو. سنڌ جي گورڪي جمال ابڙو چيو ته ”شيخ اياز جا افسانا منهنجي افسانن کان به سٺا افسانا آهن.“ شيخ اياز جنهن کي دنيا جو وڏو انسان دوست شاعر مڃيو وڃي ٿو. پيشي جي لحاظ کان تمام وڏو وڪيل هو ۽ اولهه جي ادب تي دسترس حاصل هئس. هو نه رڳو هڪ تمام وڏو شاعر هو، پر اعليٰ نثر نويس، ڊراما نويس ۽ ترجما نويس پڻ هو، جنهن کي نه رڳو هند ۽ سنڌ ۾ پر پاڪستان ۽ سموري دنيا ۾ هڪ اعليٰ قدرن جو مالڪ ۽ انسان دوست مڃيو وڃي ٿو.



**آمرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي،**

**پر ايئن نه مرنداسين ساٿي،**

**ڪا آڳ لڳائي وينداسين،**

**ڪو ٻارڻ ٻاري وينداسين.**

بيشڪ دنيا جي موجوده ڊوڙ ۾ انسانيت جو خطرناڪ دشمن انسان ئي آهي. جڏهن ته شيخ اياز سموري دنيا ۾ هڪ وڏو انسان دوست شاعر هجڻ جي ميجتا ماڻي چُڪو آهي ۽ تخليقي سگهه جو هڪ بي تاج بادشاهه آهي.

گرميءَ جي موڪلن ڪانپوءِ يونيورسٽي ٻيهر کُلي ۽ اهو ڏينهن به اچي ويو جڏهن شيخ اياز يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ چارج وٺي ڪم شروع ڪيو. سيد ظفر حسن، اعجاز قريشي ۽ مون مختلف ڊپارٽمينٽن ۾ وڃي استادن کي ٻڌايو ته اڄ شيخ اياز اچي ٿو اسان وڏ ۾ وڏ سندس شانائتو استقبال ڪريون. اها شايد سيپٽمبر يا آڪٽوبر جي روشن صبح هئي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽي جو آڊيٽوريم استادن، شاگردن سان ڀرجي ويو هو (اهو آڊيٽوريم بعد ۾ شيخ اياز جي نالي سان منسوب ٿيو) ۽ تر ڇنڻ جيتري به جاءِ نه هئي. تاڙين جي گونج سان ”شيخ اياز سنڌ جو آواز“ جا اُڀ ڏاريندڙ نعرا لڳا. شيخ اياز پنهنجي پهرين خطاب ۾ چيو ته مان انقلابي شاعر آهيان، مان سنڌ يونيورسٽيءَ کي Revolutionize ڪندس ۽ دنيا جي وڏين يونيورسٽين جيان هن يونيورسٽيءَ کي ناهي ڏيکاريندس ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪيائين.

هن کان پهرين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي زماني ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر نئون وجود ۾ آيو هو ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو ان جي ڊائريڪٽر هئي جيڪا هسٽري جي شعبي جي گڏيل سربراهه پڻ هئي. ڊاڪٽر حميده کهڙو سال 1973ع ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي زماني ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر طور شامل ٿي. ڊاڪٽر حميده آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائيندي هئي. سنڌ شناسيءَ جي ماهر ڊاڪٽر ايڇ. ٽي لئمبرڪ جي رهنمائي ۾ سر بارٽل فريئر تي پي. ايڇ. ڊي The Making of Modern Sindh ڪيائين. بنگال جي تحريڪ دوران Punch رسالي ۾ مضمون لکيائين ۽ شهرت ماڻي ۽ بعد ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو جي ڊائريڪٽر ٿي.

ڊاڪٽر مبارڪ علي خان سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد هو. سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي زماني ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ جرمني روانو ٿيو. پاڻ پندرهن سالن جو عرصو جرمني ۾ رهي Overstay ڪري شيخ اياز جي زماني ۾ واپس موٽي آيو. جڏهن ته قانوني طور بغير اطلاع جي نوڪريءَ مان نوٽيس ڏئي ڪڍي ڇڏيندا آهن، پر مبارڪ علي نوڪريءَ

Regd. No: 3160
ماهوار ميگزين همسري حيدرآباد

خدمت ڪئي. ڊاڪٽر مبارڪ علي ادب ۽ مارڪسي تاريخ تي ڳالهايو. ادب دوست گهڻو خوش ٿيا ته ڊاڪٽر مبارڪ سنڌ تي ڪم پيو ڪري.

ڊاڪٽر مبارڪ علي سٺو استاد نه هو، تاريخ تي ڳوڙهو اڀياس ڪيل هئس. مون ڪيس ڪلاس ۾ ڪڏهن به ويندي ڪونه ڏٺو. آفيس ۾ ڇوڪرن کي ويهاري اردو ۾ پيو سمجهائيندو هو. مون ڪڏهن به انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندي ڪيس نه ڏٺو. هڪ قابل ۽ پڙهيل استاد ڪلاس ۾ باقاعده وچي انگريزيءَ ۾ ليڪچر ڏئي شاگردن کي نه رڳو متاثر ڪري، پر Spell bind به ڪري ته اهڙي استاد کي نه رڳو مڃتا ملي ٿي ۽ شاگردن طرفان تمام گهڻي عزت پڻ ملي ٿي، پر ڊاڪٽر مبارڪ علي اهڙن سٺن استادن مان هرگز نه هو، پر اسڪالر سٺو هو. جنرل هسٽري جهڙي اهم شعبي جو سربراهه هو. آفيس جي ڪمن ۾ بلڪل دلچسپي نه هئس نه وري پڙهائڻ ۾. آفيس ۾ دريءَ جي پر ۾ ننڍي ميز ڪرسي تي وينو ڪم ڪندو هو ۽ لکندو هو. ٽيبل تي سنڌي ۾ به ڪافي ڪتاب رکيل هوندا هئس، وينو حوالا وٺندو هو. ڪيس سنڌي باقاعدي پڙهڻ ايندي هئي. مان اڪثر ڪيس سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ زور ڀريندو هئس ته جواب ڪڏهن به نه ڏنائين. جيڪو ماڻهو سنڌي ڪتاب پڙهي انهن جا حوالا ڏئي تنهن جي معنيٰ ته ڪيس سنڌي باقاعدي ايندي هئي، پر ڪڏهن هڪڙو لفظ به نه ڳالهايائين، ڪهڙو ترقي پسند ۽ روشن خيال ماڻهو هو؟ مون سائين ابراهيم جويو کي اها ڳالهه ٻڌائي. سائين جواب ۾ چيو "بابا نظرانداز ڪيو، ڪم ڪندو رهي انهن کي ڇا چئجي!"

ذوالفقار علي ڀُٽي جي شهادت ڪانپوءِ سموري سنڌ ڏک ۽ صدمي ۾ ورتل هئي جنهن جو ڀرپور اظهار سنڌ جي عام ماڻهن ايم. آر. ڊي جي تحريڪ وسيلي ڪيو، پر افسوس جو وسيلا ۽ قيادت جي نه هجڻ سبب اها تحريڪ اڳتي وڌي نه سگهي. عوام وڏي موٽ ڏني، پر سنڌ جي سلب ٿيل حقن حاصل ڪرڻ لاءِ اڳيرائي نه ٿي سگهي. ان ڪانپوءِ ايم. ڪِيو. ايم جي شاگرد تنظيم جُڙي. سنڌن سرگرميون وڌيون ۽ ڪراچي ۾ گوڙ ٿيا. ان زماني ۾ لاهور مان ڊاڪٽر مبارڪ علي جا چار دوست ملڻ آيا ۽ هوٽل ۾ اچي رهيا انهن ۾ به لاهوري پنجابي پبلشر ۽ ٻه اردو ڳالهائيندڙ لاهوري هئا. ڊپارٽمينٽ ۾ ويس ته مختصر ملاقات ڪرايائين، هو ٻه ٽي ڏينهن رهيا. سنڌن ڳالهين ۾ اشارا مليا ته هو ڊاڪٽر مبارڪ کي لاهور ۾ مستقل طور رهڻ جي آڇ ڪرڻ آيا هئا ۽ ڪيس سنڌ کي جلدي ڇڏي وڃڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا ۽ اهو اشارو به مليو ته هو يونيورسٽيءَ مان ميڊيڪل جي بنياد تي رٽائرمينٽ وٺندو. جنهن ڪانپوءِ جلدي هن ميڊيڪل بنياد تي موڪل لاءِ انتظاميه کي خط لکيا. جڏهن ته مان سنڌس ويجهو دوست هئس، پر مون کان ڳالهه لڪائي ويو ۽ محسوس ٿيو ته هن جو رويو تبديل ٿيل هو ۽ مون اها ڳالهه محسوس ڪئي. جلد ئي حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ دل ڏاريندڙ واقعا ٿيا، بيگناهه انسانن جو رت وهايو ويو ۽ سموري سنڌ ڏک، صدمي ۽ ڪاوڙ ۾ وٺجي وئي جنهن جو اثر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شدت سان محسوس ڪيو ويو، غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو ويو ۽ احتجاج پڻ ٿيا. اهڙي ڪاوڙ ۽ تاءَ واري ماحول ۾ ڪي ڇوڪرا ڊاڪٽر مبارڪ علي جي آفيس ۾ گهڙي وڃي سندس ٽيبل تي مُڪون هنيون ۽ ڌمڪيون پڻ ڏنيون. بس ايتري ڳالهه تي جنهن لاءِ ڊپارٽمينٽ جا استاد ۽ ملازم اکين ڏٺا شاهد آهن. هن سان ڪنهن به ڇوڪري بدتميزي نه ڪئي ۽ هٿ به نه ڪنيو. ان وقت سنڌ جي صورتحال ڪنهن جي ضابطي ۾ نه هئي. اسان جي دوستن ۽ گهٽگهرن عالمن اديبن کي اها ڄاڻ هجي ته ڊاڪٽر مبارڪ علي کي سنڌ يونيورسٽي سڀ ڪجهه ڏنو، پر هن اسان جو قدر نه ڪيو، انا پرستي ۽ ضد ۾ يونيورسٽي ڇڏيائين ۽ لاهور وڃي پير حسام الدين راشدي، شيخ اياز، سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو جهڙن عالمن ۽ مهان شاعرن لاءِ ڳُٽا لفظ ڪتب آڻي سنڌين جي نظرن ۾ پاڻ کي ڪيرايو. ڇا ڊاڪٽر مبارڪ علي اسان جي مشاهيرن جهڙو سنڌ تي ڪم ڪيو آهي؟ هن سنڌ جي تاريخ کي مارڪسٽ ۽ ترقي پسندي ۽ سيڪيولر Approach سان ضرور ڪم ڪيو آهي، پر ايترو وڏو Serious ڪارنامون ناهي ڪيو جيترو ڪم اسان جي معتبر عالمن ۽ اديبن ڪيو آهي. جيڪڏهن هن سنڌ جي شاهوڪار تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ تي ڪم ڪيو آهي ته موٽ ۾ سنڌين ڪيس عزت احترام ڏنو ۽ شهريت ماڻيائين، مالي فائدا به مليس. ٻئي پاسي هن شخص اسان جي ثقافت، ٻولي ۽ سنڌ کي پنهنجو نه ڪيو ته پوءِ اسان به ڪيس Disown ڪيون ٿا. اسان جا اديب دوست ۽ گهٽگهرا ناراض نه ٿين ۽ ڊاڪٽر مبارڪ علي جي باري ۾ غلط فهمين مان نڪري اچن ته سنڌ يونيورسٽي هن سان ناانصافيون ۽ زيادتيون ڪيون. هن تي اسان جي بزرگ عالمن جا احسان ۽ ٿورا آهن جيڪي هو سموري عمر نٿو لاهي سگهي. جڏهن ته پنجاب جي تاريخ ۽ ان جو ماضي ايترو اهم ناهي جيترو سنڌ آهي. هتي رهي هن سنڌ تي ڪتاب لکي اسان تي احسان ڪيو آهي، پر اها سندس مجبوري آهي Marxist Jargon وسيلي اسان کي خوش ڪري وينو آهي. اسان جي دوستن کي ڄاڻ هجي ته يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن (هاڻوڪي هائر ايجوڪيشن ڪميشن) جي چيئرمن ڪوئيٽا ۾ هڪ ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر مبارڪ علي کي چيو ته اوهان استعيفيٰ نه ڏيو اسان فنڊنگ ڪيون ٿا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هسٽريءَ جو هڪ شاندار انسٽيٽيوٽ ٺاهيو جنهن ۾ اسان جي نوجوانن کي تاريخ ۽ تحقيق شناسيءَ ۾ تيار ڪيو وڃي، پر يونيورسٽي هرگز نه ڇڏيو. ڊاڪٽر مبارڪ علي اها ڳالهه مون سان ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي کي پاڻ ٻڌائي هئي، پر هن ڳالهه نه مڃي پنهنجي انا ۽ ضد نه ڇڏيو ۽ استعيفيٰ ڏئي سنڌ ڇڏي هليو ويو. ڪميشن جي چيئرمن جي اها ڳالهه مڃي ها ته اڄ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ شاندار تاريخي ادارو هجي ها ۽ سنڌ جا هزارين شاگرد ان مان لاڀ پرائين ها ۽ تاريخ جو شعور حاصل ڪن ها.

هڪ دفعي مون سان حيدرآباد ۾ ڪانفرنس ۾ هليو اُتي مون به پيپر پئي پڙهيو، پاسي ۾ وينل اسان جي دوست کي چيو ته لعل جسڪاڻي ۽ غلام محمد لاکي کي تاريخ جي خبر ئي ڪانهي. مون اهي لفظ پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻُڌا. مطلب ته هُن ڪنهن به سنڌيءَ جي ڪم جي تعريف نه ڪئي، پر هميشه نِدا ۽ نفي ڪئي. ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ سان جڏهن شاگردن جو واقعو ٿيو ته هن يونيورسٽي اچڻ ڇڏي ڏنو ان زماني ۾ ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه وائيس چانسلر هو. هُن ڪيس چيو ته "هو پنهنجي گهر ۾ ويهي تاريخ تي ڪم ڪري يونيورسٽي ڪيس پگهار ڏيندي رهندي"، پر هو ضد ۽ هوڏ تي قائم رهيو. رٽائرمينٽ وٺي لاهور ۾ وڃي هميشه لاءِ رهائش اختيار ڪيائين. سلامت هجي ڊاڪٽر مبارڪ علي خان پنهنجي ٻچن سان، سنڌي ڳنڍڻ سکيا آهن.



جي ڳنڍيين سارو ڏينهن، ڇنڻ مورنه سکيا.

***

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160

# جذباتي عدم توازن قومي وجود لاءِ بہ خطرو آهي

صالح ميمڻ


جذبا ۽ احساس فطري هوندا آهن، اهي هر انسان ۾ قدرتي طور تي ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ رهندا، تعليم جي ذريعي انهن جي صحيح تربيت ۽ واڌ ويجهہ جا جوڳا بندوبست بہ ٿئي ڪيل آهن، پر اسان جي تعليم جو نظام بگڙيل هجڻ ڪري جتي تعليم معياري ۽ سيني لاءِ هڪجهڙي نہ ٿي سگهي آهي، اتي فطري جذبن جي تربيت ۽ واڌ ويجهہ جو حال بہ برو ۽ مجموعي طور تي بگڙيل آهي. سنڌ جا اڌ کان وڌيڪ ماڻهو اسڪولن ۾ ڪڏهن بہ نہ ويا آهن، جنهن سان تعليم جي شرح گهٽ هجڻ جي نتيجي ۾ انيڪ مسئلا جنم وٺي چڪا آهن ۽ وٺن پيا. فرد، فيملي، سوسائٽي کان ويندي قوم بہ اجتماعي طور تي بربادي جي ڏِڀڻ ۾ ڦاسندي پئي وڃي. سياسي، سماجي، فوجي، اخلاقي، قانوني ويندي هر تربيت جو تعلق ۽ مقصد سماجي بهتري سان جڙيل آهي ۽ جڙيل رهڻ گهرجي. انهن تربيتن ۾ جن اهم جذبن جي تربيت ڪرڻ يا ٿيڻ گهرجي سي محبت (انگلش ۾ Love جنهن ۾ عشق يا پيار بہ شامل آهن)، غيرت، ڪاوڙ ۽ خوف نمايان شامل آهن.

واڌ ويجهہ ۾ جسماني، ذهني، سماجي واڌ ويجهہ سان گڏ جذباتي واڌ ويجهہ بہ شامل آهي. ٻار جي پيدا ٿيڻ وقت ان جو نارمل وزن، پوءِ هر مهيني ان جو وزن ۽ قد وڌڻ، بعد ۾ هر سال ان ۾ اضافي جو ٻار جي ميڊيڪل فٽنيس جي حوالن سان ميڊيڪل سائنس ۾ هڪ چارٽ موجود آهي، جيڪڏهن ان چارٽ مطابق ٻار جو وزن ۽ قد نٿو وڌي تہ ان ٻار کي نارمل ٻار نہ چيو ويو آهي.

خوراڪ جي گهٽتائي يا ڪنهن بيماري سبب ٻارن جو وزن ۽ قد چارٽ مطابق نہ وڌندا آهن تہ اهڙي صورتحال کي ٻار جي جسماني واڌ ۾ توازن جو بگاڙ چئبو آهي. اهڙي طرح عمر سان گڏ ٻار جي سوچ ۽ سمجهہ ۾ تبديلي ۽ بهتري ان جي ذهني واڌ ويجهہ هوندي آهي. جنهن ماحول يا سماج ۾ ٻار رهي ٿو ان ماحول ۽ سماج جي سمجهہ ۽ ان سان مطابقت رکڻ ٻار جي سماجي واڌ ويجهہ هوندي آهي، ان ۾ بہ عدم توازن پيدا ٿئي ٿو ۽ ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح ٻار جي جذباتي واڌ ويجهہ بہ ٿيندي آهي، جنهن ۾ ڪيترائي بنيادي جذبا شامل آهن، جن مان ٽن بنيادي جذبن جي تمام وڏي اهميت آهي، جن جو هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون.

ڪنهن بہ ٻار جي انهن ٽن بنيادي فطري جذبن جي صحيح واڌ ويجهہ نہ ٿئي تہ اهو ٻار انهن ٽن يا ڪنهن هڪ جي حوالي سان عدم توازن جو شڪار رهندو، ان عدم توازن کي ئي جذباتي عدم توازن چئبو آهي. اهڙو جذباتي عدم توازن، ترقي، بهتري، امن، چڱائي، تعليم، صحت، سياست، سميت بيشمار هاڪاري پاسن لاءِ نهايت خطرناڪ بڻبو آهي. سنڌي سماج اندر هن وقت جيڪي بہ خرابيون آهن، انهن سمورين خرابين جي پاڙ ماڻهن جي گڏيل جذباتي عدم توازن وارين شخصيتن تي ٻڌل آهي، جنهن جذبي کي ماڻهو پيار (Love) چون ٿا، اهو پيار ان معياري يا آئيڊيل پيار وانگر آهي جنهن ۾ ڪنهن کي پاڻ جو مقصد ان جي ترقي ۽ ڀلائي هجي يا ان جي ابتڙ ڪنهن جي تباهي ۽ بربادي؟ اهو هتي اهم سوال آهي، ماءُ جو پنهنجي ٻار کي پاڻ (محبت ڪرڻ) فطري جذبو آهي ان پاڻ ۾ ماءُ جو اهڙو غرض شامل ٿي وڃي، جنهن سان ان جو ٻار سکون سان گڏ اهو ڀلائي بهتري ڪان پري هٽي وڃي ۽ تباهي ۽ بربادي طرف وڌي وڃي تہ چئي سگهجي ٿو ماءُ جي ان پاڻ ۾ ان جو ذاتي، فطري، حيواني غرض شامل آهي. ان طرح محبت يا پيار جي ٻين اظهارن جي بہ تشريح ڪري سگهجي ٿي. انهن اظهارن کي سمجهي مثبت ۽ منفي قرار ڏئي سگهجي ٿو. پيار جي جذبي جي بهتر تربيت بہ ڪري سگهجي ٿي.

ڪاوڙ يا غيرت بہ فطري جذبو آهي ۽ ان جي بہ صحيح واڌ ويجهہ نہ ٿئي تہ اهو بہ ماڻهو جي شخصيت ۽ طبيعت ۾ ڀونچال پيدا ڪري سگهي ٿو. روز مره جا جهيڙا، ڪوڙيون الزام تراشيون، تشدد، سماجي ناانصافيون،



زيادتيون، قتلِ عام ان جا مثال ڳڻائي سگهجن ٿا.

خوف واري جذبي جي صحيح واڌ ويجهہ نہ ٿيڻ تي بہ شخصيت ۾ عدم توازن پيدا ٿئي ٿو اهو ڪنهن شخص جي شخصيت جو انتهائي خطرناڪ ۽ وڏو منفي پاسو ٿئي ٿو يا ٿي سگهي ٿو.

جذباتي عدم توازن جڏهن سڄي سماج جي گهڻن فردن جي وڏي بيماري ٿي پوي تہ ان سماج جي ترقي جون هڙئي راهون بند ٿي وڃن ٿيون. اهڙو سماج ترقي ۽ ڀلائي طرف وڌڻ بجاءِ مجموعي طور تي تباهي ۽ بربادي طرف ويندو رهي ٿو. سنڌ جي مجموعي سماج کي انهن حوالن سان جاچبو تہ اجتماعي جذباتي عدم توازن جا هزارين مثال ملندا. محبت، پيار يا عشق (ساڳي معنيٰ ۾) جي نالي ۾ اهڙو نقلي، مختلف نجي غرضن تي ٻڌل اهڙو پيار نظر ايندو جيڪو پيار ڪندڙن ۽ پيار جو آبجيڪٽ بڻجندڙن

Regd. No: 3160
ماهوارمئگزين
همسري
حيدرآباد

ڪي رسوا ۽ برباد ڪندي نظر ايندو. محتاجي، مجبوري ۽ بي وسي پيار جو سڀ کان وڏو موضوع بڻيل نظر ايندو. جڏهن ته سچو ۽ مثبت پيار اهو هوندو آهي، جنهن ۾ پيار ڪندڙ کي حقيقي ۽ روحاني سرور ملندو هجي ۽ جنهن سان پيار ڪجي ان کي به ترقي، سڪون، سهارو ۽ تحفظ ملندو هجي. اهڙي معيار کان هٽيل پيار کي روڳي پيار جو نالو مليل آهي، جنهن ۾ ٻنهي پاسي تباهي ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي نتيجي جي ڪابه اميد نٿي رکي سگهجي. اسان وٽ پيار جي نالي تي نه رڳو دوکا، پر روزاني بنيادن تي قتل به ٿيندا رهن ٿا ۽ پيار ڪندڙن سان ٻين جي دشمني ڏار موضوع آهي. اهڙيون دشمنيون به جذباتي عدم توازن جا مثال آهن.

سنڌ ۾ غيرت يا ڪاوڙ جي به مجموعي طور تي انتها ملندي. ڪوڙي ۽ نقلي غيرت جنهن جي معنيٰ ۽ مفهوم بي غيرتائي قرار ڏجي ته غلط چوڻ نه هوندو. جنهن غيرت کي سنڌ جي نظرياتي ۽ جاکوڙي صحافي مرحوم فقير محمد لاشاري ”غيرت جو بي غيرت تصور“ قرار ڏنو آهي. ڪو شخص جڏهن غيرت جي نالي تي زال، ماءُ، ڌيءَ، ڀيڻ يا ڀاڄائي کي ماري ٿو ته اهو نه رڳو غير متوازن جذباتي ڪيفيت جو ئي مثال نه آهي پر غيرت جو بي غيرت تصور به آهي، جنهن سان مارڻ واري جي ڪنهن مڙسي ثابت ٿيڻ يا عزت ۾ اضافي ٿيڻ بدران ان جي مردانگي ۽ عزت تي سئو آڱريون کڄي وڃن ٿيون. غيرت جي نالي ۾ اهڙي ڪنهن قتل جي نتيجي ۾ ڪوبه ماڻهو غيرتمند، عزتدار ۽ مڙس ماڻهو ثابت ٿيڻ بجاءِ بي غيرت، بي حيا ۽ حيوان ثابت ٿي پوي ٿو. غيرت جي نالي ۾ عورتن جي قتل جا ڀيا جيڪي پسمنظر رهيا آهن اهي اجان به وڌيڪ مذمت جوڳا ٿي سگهن ٿا ۽ آهن.

سنڌ جي مجموعي آبادي ۾ ماڻهن اندر خوف جي صورتحال انهن کي مختلف محاذن تي ذهني طرح غلام بڻائي ويٺل آهي. ذهني غلامي جسماني غلامي کان وڌيڪ سئو ڀيرا خراب ۽ خطرناڪ آهي. جنهن ۾ قاتل ڪوبه فرد، خاندان يا ڪابه قوم ڪڏهن به دڳ تي رسڻ جو گس ڳولهي نٿي سگهي. ان قوم جي اجتماعي سڌاري ۽ ترقي جي رفتار نهايت سست ٿي وڃي ٿي. جيڪو اصل ۾ خوف واري جذبي جي صحيح واڌ ويجهه نه ٿيڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل جذباتي عدم توازن جو بدترين مثال به آهي.

انفرادي يا اجتماعي عدم توازن وارين حالتن مان نڪرڻ جو گس موثر بامعنيٰ معياري جديد علمن واري عام تعليم جي حصول کانسواءِ ٻيو نٿو ٿي سگهي. تعليم جي اڪيلي لفظ ۾ لکڻ، پڙهڻ سان گڏوگڏ سمجهه وڌائڻ ۽ تربيت حاصل ڪري مهذب بڻجڻ وارو مفهوم پوري طرح شامل آهي. پوري قوم جي سمورن ٻارن جي پڙهائي خاص طور تي ڇوڪرين جي تعليم جي وسيلي اهڙين سگهڙ مائرن جي گهٽائي جيڪي پنهنجي ٻارن جي پنهنجن متوازن شخصيت سان بهتر واڌ ويجهه ڪري سگهن جي اشد ضرورت آهي، پر سڀ کان وڌيڪ اهو اهم مسئلو سنڌ ۾ صحيح با معنيٰ اثرائتي ۽ عوامي حڪمراني جي گهرج جي پورائي جو آهي. ڇو ته سمورن مسئلن جو حل سياست جي هڪ شبعي جي ذريعي ڳولهي سگهجي ٿو. اهو سڀ کان وڏو شعبو جن جي هٿ وس آهي سي ايئن پنهنجي ذاتي نقصانن جي قيمت تي ڪرڻ لاءِ تيار ئي نه آهن. سياست هڪ وڏي فائدي وارو ڪاروبار ٿي ويو آهي ته پوءِ سيني ماڻهن کي حڪومتن مان چڱايون ڪيئن نصيب ٿينديون ۽ خرابيون ڪيئن دور ٿينديون.

سنڌ جي سمورن ٻارن جي اثرائتي تعليم هڪ ايڏو وڏو ۽ مهانگو پروجيڪٽ آهي جنهن کي ڪو پرائيويٽ ادارو يا اقتدار کان ٻاهر ويٺل سنڀالي نٿو سگهي ۽ نه ئي هلائي سگهي ٿو جيستائين سنڌ اندر حڪمراني جو قبلو درست نه ٿيندو تيسين نه رڳو تعليم، پر ٻيا به بنيادي ۽ اهم مسئلا حل ٿي نه سگهندا. حڪمراني وري ان ڪري به بهتر نه ٿيندي جو جمهوري حڪومتن جي نالي ۾ طبقاتي سماج اندر خاص طبقو طاقتور ٿي اهڙي حڪمراني ڪري ٿو جنهن سان ان خاص طبقي جا مفاد پورا ٿين ٿا ۽ انهن مفادن جي پورائي جي نتيجي ۾ ٻي خلق جي ايذائن ۽ اهنجن ۾ شدت سان اضافو ٿئي ٿو. سنڌ ۾ 2008ع کان هيل تائين جاري رهندڙ جمهوريت جي نالي ۾ نئين حڪمراني جي جيڪا شڪل سامهون آئي آهي ان سنڌ ۾ وڏي پئماني تي مسئلا زميني حقيقتن مطابق هر پاسي تي گهٽائڻ بدران وڌائي ٻيڻا ٽيڻا ڪري ڇڏيا آهن. سنڌ جي جيتري عام تعليم انهن ٻارنهن سالن ۾ بگڙي آهي ان جو مثال ٻين دورن ۾ مجموعي طور تي نٿو ملي.

هن طرح جي جمهوريت ۾ سنڌ جي آزادي جو جيڪڏهن ڪو تصور هو ته ان کي به بگاڙيو ۽ برباد ڪري خطرناڪ بڻايو ويو آهي، پر صوبائي خود مختياري جنهن ۾ صوبي کي سياسي ۽ معاشي آزادي وارا اهم حق ۽ اختيار ملڻ گهرجن واري تصور ۽ خواب جي به هنن گذريل ٻارنهن سالن واري جمهوريت ٻيڙي ٻوڙي ڇڏي آهي. صوبائي خود مختياري ۾ سمورا اختيار اهڙن حڪمرانن جي حوالي ٿيا ته سمورا مخالف ڏاڙيلن جي لسٽ ۾ آڻي ماريا ويندا ۽ سرڪاري ملازمن کي بهانا بڻائي نوڪرين مان ڪڍي انهن جي جاين تي پنهنجا ماڻهو ڀرتي ڪيا ويندا، جياپي جي سمورن گڏيل وسيلن تي خاص فردن جا قبضا هوندا هيءَ صورتحال اهڙي آهي جو اقتدار ۾ ڪير هجي ۽ اڇي هڪبئي کان مختلف نه هوندو. صوبائي خود مختياري جي نالي تي هاڻي واري صورتحال ۾ جنهن شڪل ۾ اسان وٽ ڪرپشن ۾ اضافو آيو آهي، ڪاري ناڻي ڪمائڻ جا لائسنس مليا آهن ۽ پڙهيا لکيا ماڻهو خرابين طرف ڪاهي پيا آهن، ان صورتحال ۾ ماڻهو اهو شڪر پيا ادا ڪن ته عدالتون، وفاقي ادارا، نيب، ايف آءِ اي جي اگر معاملن ۾ مداخلت نه هجي ها ته سنڌ جا عام ماڻهو (ٻولين جي فرق ڪانسواءِ) اجان به وڏين تڪليفن، مصيبتن ۾ پون ها. سنڌ سرڪار اهو موقف اختيار ڪندي رهي هئي ته نيب، ايف آءِ اي، ڪور ڪمانڊر يا ڊي جي رينجرز يا ٻيا ڪي وفاقي ادارا ۽ اختياريون هن جي صوبائي معاملن ۾ مداخلت ڪري رهيا آهن، پر حقيقت هيءَ آهي ته سنڌ جي تعلقن ۽ ضلعن مان ڪرپشن ۽ ٻين معاملن خلاف جيتريون درخواستون حڪمران پارٽي جي عهديدارن وفاقي ادارن کي موڪلي انڪوائرين جا مطالبا ڪيا اوتريون درخواستون ڪنهن ٻي پارٽي جي ماڻهن نه ڪيون هيون. اسان جي شهر ماتلي مان پ پ جي اڳوڻي تعلقي صدر بچل آريسر ماتلي ٽي ايم اي ۾ ڪروڙن جي ڪرپشن خلاف نيب کي درخواستون ڪيون هر ٽي ايم اي ۾ ڪرپشن خلاف درخواستون ڪرڻ وارا گهڻي کان گهڻا ماڻهو خود حڪمران پارٽي مان هئا. جيترا خراب ريمارڪس مختلف ڪيسن ۾ هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽن جي ججن سنڌ جي حڪمراني بابت ڏنا انهن جو مثال نٿو ملي.

مطلب ته سنڌ ۾ 2008 کان جنهن طرز جي حڪمراني هلي آهي اهڙي قسم جي حڪمراني مان اها توقع نٿي ڪري سگهجي ته اها تعليم جي ڀلي ۽ بهتري لاءِ ڪجهه سٺو ڪري سگهندي. تعليم جي هڪ اڳوڻي سيڪريٽري هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جي استادن کي سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اسڪولن مان بيدخل ڪرائي ڪراچي ۾ لائين



حاضر ڪرايو، جن استادن کي اسڪولن ۾ ٻارن کي پڙهائڻو هو اهي سرڪاري پگهارن تي گهر ويهاريا ويا. سوا لک استادن بابت اهو چيو ويو ته انهن کي پڙهائڻ ئي نٿو اچي. قانون تحت تعليم کي سنڌ ۾ لازمي ڪيو ويو ۽ ان نالي ماتر قانون ۾ ٻار نه پڙهائيندڙن لاءِ سزائون به طئي ڪيون ويون، پر مٿان وري سنڌ جو اڳوڻو چيف ايگزيڪيوٽو اهو چئي ان قانون مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيو ته سنڌ جا لکين ٻار غربت سبب اسڪولن ۾ نٿا اچن. ٽوٽل 120 لک (هڪ ڪروڙ ويهه لک) ٻارن مان پڙهڻ جي عمر رکندڙ سٺ لک ٻار ڪنهن اڻٽر سبب يا غربت جي ڪري اسڪول نه اچي سگهندا هجن ته پوءِ صوبي جي تعليم جو حال ڪهڙو هوندو؟ الف اعلان جي تازي رپورٽ موجب اسڪول نه ايندڙ ٻارن جو انگ 66 لک تي ويو آهي، مطلب اهو آهي ته اسڪول نه ويندڙ ٻارن جو انگ هر سال پنجاهه هزار جي اضافي سان وڌي رهيو آهي.

جتي دنيا جي سڌريل ملڪن يا عالمي ادارن اهو ٽاسڪ ڏنو هجي ته ڏهن سالن تائين ناخواندگي ختم ڪري خواندگيءَ جي شرح کي سئو سيڪڙو ڪرڻو آهي، (اهي ڏهه سال 2004 کان شروع ٿيا 2014 تي ختم ٿيا) اڻ پڙهيل ماڻهن جي انگ کي زيرو ڪرڻو آهي. دنيا جا سڌريل ملڪ ۽ عالمي ادارا وچڙندڙ بيمارين کان علاوه جهالت کان به خوفزده آهن. ڇو ته هاڻي اهو محسوس ڪيو پيو وڃي ته اهي ٻئي شيون جتي به هونديون پوري دنيا لاءِ خطرو بڻيل هونديون. ان ڪري اهي ملڪ ناڻو خرچ ڪري انهن ٻنهي خطرناڪين کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اسان انهن جي نالي ۾ امدادون وٺي پنهنجو پيٽ گذر ڪري رهيا آهيون. ڇو ته اسان سمجهون ٿا ته عالمي امدادن جو ان ڏس ۾ جاري رهڻ اسان جي خاص طبقي جي عياشين لاءِ ضروري آهي. اسان اهڙي صورتحال هٿ سان پيدا ڪري مسئلن کي قائم رکون ٿا ته جيئن امدادون بند ٿيڻ نه گهرجن. مثال طور: پوليو جيڪا چوويهن سالن تائين لڳاتار قومي مهمن باوجود ملڪ مان ختم نه ٿي سگهي آهي. پاڪستان ان حوالي سان سڄي دنيا ۾ بدنام ٿي چڪو آهي. جيئن هينئر چائنا ڪورونا جي وبا جي ڪري پوري دنيا ۾ بدنام آهي. تيئن اسان 2014ع کان پوليو جي بيماري کي ختم نه ڪري سگهڻ جي ڪري دنيا ۾ بدنام آهيون. ساڳئي آئيني ۾ اسان ٻين مسئلن کي به ڏسون ٿا ته اهي به اڌ صدي ۾ به حل نه ٿي سگهيا آهن، 50- 60 سالن کان لڳ ڀڳ سبب ساڳيا آهن يا انهن ۾ به اضافا آيا آهن.


**سنڌ ۾ جيڪو مجموعي جذباتي عدم توازن آهي يا جنهن رفتار سان وڌي رهيو آهي ان کي ڪابه سرڪار گهٽائڻ لاءِ ڪٿي به سنجيده ناهي، نه ڪنهن حڪمران سياسي پارٽي جي ايجنڊا تي ان جو ڪو حل آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو آئيندو وڏي خطري ۾ آهي ۽ اهو خطرو اهڙو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو دشمن پاڻ به هوندو. جنهن کان ڪو بچڻ چاهي ته به بچي نٿو سگهي.**

سنڌ ۾ اقتدار ۾ اچڻ جي خواهش رکندڙ حڪمران رهندڙ پارٽين کان علاوه ٻيون سياسي پارٽيون طاقت ۽ دولت جي ڪهڙي به ليول تي هجن، سالن کان تبديلي جون ڳالهيون ۽ تبديليون آڻڻ جون دعوائون به ڪنديون اچن ته اٿي پوڻ ۽ سجاڳي ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿيندو، پر اهي به ڪو اهڙو ميڪنزم نه ٺاهي سگهيون آهن، جنهن سان ڪا سادي نوعيت جي تبديلي اچي سگهي. انقلابي تبديلي ته تمام وڏي ۽ پري جي ڳالهه آهي، جيڪي پاڻ کي تبديلي پسند چوائين ٿا، اهي به رڳو صلاحون ڏئي خواهشن جو اظهار ڪري دل وندرائين ٿا. ڪابه ڌر ڪوبه ميڪنزم ٺاهڻ ۽ پيدا ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار نه آهي.

پاڻ وري به ان ڳالهه کي دهرايون پيا ته تبديلي ڪانسواءِ حقيقي، عام تعليم ڪنهن ٻئي سبب مان جنم نه وٺندي، متبادل به تڏهن پيدا ٿيندا جڏهن باغي ۽ بهادر ڪردار ميدان ۾ لهندا ۽ سڀ کان وڌو زور تعليم جي ترقي تي ڏيندا. سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ خاص مدرسن جي تعليم ذريعي جيڪي بمبار ۽ خودڪش حملا آور پيدا ٿيا ۽ هزارن جي تعداد ۾ موجود آهن ۽ پنهنجن وارن جو انتظار ڪري رهيا آهن، اهي به منفي قسم جي تعليم ۽ تربيت جي ذريعي پيدا ڪيا ويا آهن. اگر منفي تعليم ۽ تربيت ذريعي خودڪش حملا آور پيدا ڪري سگهجن ٿا ته معياري ۽ مثبت تعليم جي ذريعي بهتريون ڇو نٿا آڻي سگهون؟؟

اها ڳالهه چٽي ٿي وئي آهي ته وسيلا هجن، سٺي نيت هجي، اهي صحيح استعمال ٿين، تربيت ۽ تعليم ڏيڻ وارا ان قابل هجن ته حقيقي تعليم ۽ تربيت ذريعي 15 کان 20 سالن جي ننڍڙي عرصي ۾ قومن ۽ ملڪن جي تقدير کي تبديل ڪري ترقي جون هڙئي سيڙهيون چڙهي اڳتي وڌي سگهجي ٿو ۽ سمورن مسئلن مان جان به آجي ڪرائي سگهجي ٿي. (سڀ کان وڏي ۽ اهم گهرج وسيلن جي آهي جن جي ڪابه کوٽ ناهي، پر انهن جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي) ان جي برعڪس اسان جي سوچ ۽ روش ڪلاس روم ۾ ماٺ ڪرائڻ جي بهاني سان خود گوڙ ڪرڻ واري آهي. اسين ماٺ ڪرائڻ لاءِ جنهن طرح جو آواز ڪيون پيا اهو خود وڏو شور آهي. اهو شور اسين پنهنجي فائدي لاءِ ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهيون. پنهنجي قومي تباهي جا اصل ذميوار اسان پاڻ آهيون.

پاڻ هتي لڳ ڀڳ هڪ جهڙي صورتحال رکندڙ ٻين صوبن جي ڳالهه بجاءِ رڳو سنڌ جي ڳالهه ڪئي آهي. ان سنڌ ۾ هاڻ پرائيويٽ سيڪٽر ۾ اهڙا به تعليمي ادارا کليل آهن، جتي پڙهندڙ ٻارن کي ڳرين فين تي ته پڙهايو وڃي ٿو، پر انهن ٻارن کي پڙهائيندڙ ماءُ ۽ پيءُ جا تعليمي سرٽيفڪيٽ به طلب ڪيا وڃن ٿا ۽ شرط لاڳو آهن ته جنهن ٻار جا ماءُ پيءُ ٻئي گريجوئيٽ نه هوندا، انهن جي ٻارن کي انهن خاص تعليمي ادارن ۾ داخلائون نه ملنديون. ان کان هڪ قدم اڳتي هاڻ اهڙا به تعليمي ادارا کلي ويا آهن، جتي ٻارن کي ڏينهن سان گڏ راتيون به رهائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي ۽ سمجهيو ويو آهي ته ٻار گهر ۽ سوسائٽي ۾ وڌيڪ ٽائيم رهي پڙهائي، تربيت ۽ تهذيب کان پري ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي هر طرح جي واڌ ويجهه مناسب انداز ۾ نٿي ٿئي، جيڪا قومي بنيادن تي اجتماعي صورت ۾ ٿيڻ ترقي، بهتري، مهذب پٽي، امن، سماج ۽ اجتماعي سڪون، جسماني ۽ ذهني صحت لاءِ لازمي آهي.



Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# چا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ماحول سازگار آهي؟

شوڪت لوهار

اسان جو جيڪو جهڙو تهڙو تعليمي نظام آهي اهو صرف اسان جي ٻارڙن کي هڪ ڪلارڪي تعليم ڏيئي رهيو آهي، ان ۾ ڪٿي بہ پري پري تائين ڪتاب پڙهڻ ۽ ڪتاب جي چونڊ ڪرڻ ۽ ان جي ساراهہ ڪرڻ وغيره شامل نہ آهن.
اسان جو نصاب جيڪو نصاب گهٽ پر اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽين جي شاگردن لاءِ عذاب وڌيڪ آهي. اهو مُدي خارج آهي. ان ۾ ڪٿي بہ ٻار ۾ تنقيدي سوچ پيدا ڪرڻ، منطقي ۽ سائنسي پرک سان شين جو حل ڪڍڻ ڏسيل ئي نہ آهي. اسان وٽ سائنس جو مطلب آهي تہ علم طبيعات، علم ڪيما، حياتيات، رياضي وغيره تي ڪڏهن بہ انهيءَ طريقي سان کولي پڙهايو ئي نہ ويو آهي. ڪڏهن انهن علمن کي ٻارن جي نفسيات کي سامهون رکندي نہ پڙهايو ويو آهي. هر اسڪول ڪاليج ۾ تجربي گاهہ جي نالي تي هڪ پراڻي گودام جو انتخاب ڪيو ويندو آهي. جتي بہ ٽي برنيون رکي ان ۾ ڪجهہ مئل نانگ ۽ سانڊا رکي ڄڏبا آهن، ساڳيو لڪاءُ علم طبيعات، حياتيات سان ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري اهڙن علمن جو انسان دوست پهلو ڪڏهن بہ اجاگر نہ ڪيو ويو آهي. بلڪ اسان وٽ سائنسي علمن وارن آخوندن صاحبن جي زندگي تہ نئين ماڊل جي ڪار ۽ ٽيوشن سينٽرن جي ڪمائي ۾ بدلجي ويندي آهي، پر افسوس تہ اداري ۾ پڙهندڙ ٻار جي زندگي سواليہ نشان ئي بڻيل رهندي آهي.
ڪتاب اسان وٽ ڪڏهن بہ اولين ترجيح ۾ شمار ڪونہ رهيو آهي. هڪ تہ اسان جي اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين ۾ جهڙي ريت ڪتب خانا هجڻ گهرجن ها ۽ انهيءَ کان علاوه عوامي ڪتب خانا لائيبريريون هجڻ گهرجن ها اهڙو ڪجهه بہ نہ آهي، اسان جو تعليمي نظام ڪاپي ڪلچر جي پل مٿان بيٺل آهي.

جنهن کي تعليم مان ڪيڻ هاڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. ڪاپي ڪلچر يا امتحان ۾ گائيڊن ڪتابن تان سوالن جا جواب اتاري لکڻ وارو ڪم ۽ انهيءَ ڪانپوءِ سونپيل ڊگري ڪهڙي ڪم جي؟ ڪاپي ڪلچر نج انتظامي مسئلو آهي ان ۾ ڪنهن استاد، شاگرد، والدين وغيره جو ڪوبہ قصور نہ آهي. امتحان واري ڏينهن تي سڀ ڪامورا وڏو پيٽ ڪٽي امتحاني سينٽرن اندر ڪاهي پوندا آهن ۽ ڪاپي ڪيس ڪري وڏو تير ماريندا آهن، اهو تعليمي بحران جو حل نہ آهي. بلڪ انهن جي نااهلي جو ثبوت آهي.
اسان کي خبر آهي تہ اسان جي يونيورسٽين فوجي نگراني هيٺ هلندڙ ڪاليجن وغيره ۾ ڪاپي نٿي ٿئي تہ پوءِ سرڪاري ادارن خاص طور اسڪولن ڪاليجن ۾ ائين ڇو آهي؟ ان جو جواب اهو آهي تہ سرڪار چاهي بہ ڪونہ ٿي جو اسان وٽ باهمت، سائنس کي پسند ڪندڙ ۽ جرئتمند حقيقي شعوري نوجوان پيدا ٿين. بلڪ اهڙا نوجوان هجن جيڪي وڏيرن، چوڌرين نوابن، خانن جي چئي تي نوڪري وٺڻ لاءِ قطار ۾ هجن ۽ هو پنهنجي ميرٽ قابليت مطابق هن دنيا ۾ نہ جي سگهن. اهوئي سبب آهي جو بصرن جي ڪلن جيئان تعليمي نظام بہ اهڙو ئي بڻايو ويو آهي.
ڪتاب پڙهڻ جا ڪهڙا فائدا آهن؟ ڇا ڪتاب واقعي اسان جي زندگي تبديل ڪري سگهي ٿو؟ جي ها ڪتاب ماڻهو جي اندر کي ڌويو صاف ڪريو ان ۾ هڪ نئين سوچ نئون رنگ نئين امنگ پيدا ڪري ٿو. ماڻهو ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ خود کي هڪ احتساب ۾ پروڙي ٿو ۽ اهو خود احتسابي جو عمل ماڻهو ۾ ماڻهپو، انسانيت ۽ ترقي جا اهي گُر پيدا ڪري ٿو جيڪي عالمي نوعيت جا آهن، جن ۾ سڄي عالم جو درد سمايل هجي ٿو.
اسان ٻار کي شروعات کان ئي ڊاڪٽر، انجنيئر، واپاري ۽ پائليٽ ٿيڻ جي تربيت بلڪ سوچ ذهن ۾ وجهندا آهن. ڪڏهن بہ ان کي هڪ سٺو انسان ٿيڻ نہ سيکاريندا آهيون. خانگي اسڪولن ۾ پڙهندڙ سيئي ٻار پهريون نمبر کيئن ايندا آهن، اهو مون کي اڄ تائين سمجهه ۾ نہ آيو آهي، هر ٻار کي ڳل مٿان تارو چاپڙ سان اهو عالم تي ويو. ساڳيو ٻار بعد ۾ پنهنجي اعليٰ تعليم ۾



ڪيئن پڙهڪي ٿو، اهو هڪ ڪليل راز آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي جو ان جي ناڪامي يا گهٽ مارڪن کڻڻ کي اسان دل سان ڪڏهن قبول به نه ڪيو آهي. اسان ڪڏهن ان سان انهيءَ ڳالهه تي ڳالهائڻ لاءِ تيار ئي نه آهيون ته جيڪڏهن هن کي ڪو حسابي عمل حل ڪرڻ نٿو اچي ته ان جا سائنسي ۽ نوس حل ڪهڙا آهن ان جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟



ڪتاب جو ساٿ ماڻهو جي سوچ کي سنواري ٿو ان ۾ تازگي پيدا ڪري ٿو، ان جي ڳالهائڻ، لکڻ، پڙهڻ، زندگي جي هر ڍنگ رنگ ۾ تبديلي آڻي ڇڏي ٿو.

اسان کي هر قسم جا ڪتاب پڙهڻ گهرجن، جيڪي ڪتابَ اسان کي هٿ لڳي سگهن، پر پوءِ به ڪجهه ڪتاب اهڙا آهن جن جو پڙهڻ زندگي جي سڌاري لاءِ تمام اهم آهي.

مثال طور: اسان زندگي جي ڪهڙي به شعبي سان تعلق رکندا هجون، اسان کي سماجي علمن کي پليڪار چوڻ گهرجي، پنهنجي مخصوص مضمون کان علاوه به هڪڙو وڏو جهان آهي ڪتابن جو ان کي ڦلورڻ گهرجي. دنيا ۾ جيڪي عظيم ڏاها، مفڪر، فلسفي، سائنسدان، اديب ٿي گذريا آهن انهن جي زندگي بابت لکيل ڪتابن کي ضرور پڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته سوانح عمريون، آتم ڪٿائون اهو ڪجهه پيش ڪن ٿيون. جيڪو ڪو ٻيو ڪتاب نٿو ڏيئي سگهي. اسان کي تنقيدي منطقي سوچ پيدا ڪندڙ ڪتابن جي چونڊ ضرور ڪرڻ گهرجي. اسان کي تاريخ، فلسفي، سماجيات، لسانيات ۽ ادب متعلق بنيادي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجن. اسان جي پسند ۾ ملڪ توڙي دنيا بابت عام معلوماتي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجن، اسان کي هميشه ڪتابن جي هڪ فهرست ٺاهي پوءِ ڪتاب خريد ڪرڻ گهرجن. اسان کي گهرجي ته دنيا ۾ ڪهاڻي ۽ ناول ڪهڙي سطح ۽ نوعيت جا لکيا ويا آهن انهن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي علائقي، مقامي ليکارين ملڪي ليکڪن سان گڏوگڏ عالمي ادب، عالمي تاريخ پڻ ضرور پڙهڻ گهرجي جنهن لاءِ ڪنهن به مقرر وقت جي ضرورت نه آهي. اوهان جڏهن جتي چاهيو ٿا ڪوشش ڪري پڙهي وٺو. روزاني جي حساب سان پنهنجو شيڊيول ٺاهيو ته اوهان گهڻو ڪجهه پڙهي ويندا. مثال گهٽ ۾ گهٽ جيڪڏهن مان ڪنهن به ڪتاب جا ٻه صفحا روز پڙهان ته مهيني ۾ سٺ صفحا پڙهي ويندس، پر جيڪڏهن آئون ڪنهن موزون وقت جو انتظار پيو ڪريان ته اهو وقت ڪڏهن به نه ايندو.

جيڪڏهن اوهان کي سنڌي، اردو ٻولي چڱي ريت اچي ٿي ته ان ۾ ڪتاب پڙهو ۽ انگريزي ٻولي سکو ڇاڪاڻ ته دنيا جو گهڻو ٽڻو علم سُٺا ڪتاب انگريزي ٻولي ۾ دستياب آهن، پر جيڪڏهن انگريزي نٿي اچي ته اها ڪا محرومي نه آهي، اڄڪلهه تقريبن هر ڪتاب جو ترجمو موجود آهي، اهو پڙهي وٺو. اسان کي خيال تائين پهچڻو آهي اکرن ۽ لفظن جي سڱند جهنڊي آهي، پوءِ اها ڪهڙي ريت ممڪن ٿئي ٿي، اوهان حاصل ڪريو.

افسوس آهي ته اسان جو سماج ۽ اسان جي ميڊيا نئين ماڊل جي موبائل جي ۽ نئين ماڊل جي گاڏي جي ته تشهير ڪندي ڪونه ٿي ٿڪجي، پر ان ڪڏهن ڪنهن سُٺي ڪتاب جي ترجمي بابت نه ڳالهايو آهي. جيڪڏهن ٿئي به ٿو ته اهو تمام گهڻو محدود آهي. هائر ايڊيوڪيشن يونيورسٽي ۾ استاد کي پي ايڇ ڊي ڪرڻ تي ته وظيفا ڏئي ٿي، پر ان ڪاليجن کي صفا وساري ڇڏيو آهي. ڪاليجن ۾ موجود لائيبريرين کي نظر انداز ڪيو ويو آهي.

هائر ايڊيوڪيشن کي ۽ وقت جي حڪومتن کي عوامي لائيبريرين ۾ سيڙپ ڪرڻ گهرجي جتان ٻار، نوجوان، عورتون، سڀ پڙهي ملڪ لاءِ لاڀائتا ثابت ٿين.

ڪتاب اسان ۾ فيصلي ڪرڻ جي قوت کي اڀارين ٿا، اسان کي رشتن ناتن جي حساسيت کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. دنيا جا بهترين ناول، فڪشن ۽ تخليقي ادب جا ٻيا شاهپارا اسان کي اهڙين اهڙين انساني ڪيفيتن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪن ٿا جيڪي اڳ اسان جي سوچ ۾ به نه هيون. ڪتاب پڙهڻ سان مختلف قسمن جي ڪلچر، ثقافت، تهذيبن، تاريخن، سان آشنائي ٿئي ٿي. انسان ڪتاب پڙهڻ سان واقعي انسان ٿئي ٿو ۽ پنهنجي چوڌاري پکڙيل جهالت جي ڄار کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿو. ذهن تان زنگ لهي وڃن ٿا. ماڻهو اونداهي مان سوجهري ڏانهن سفر ڪرڻ شروع ڪري ٿو.



# ٽين آوازين ٽين شاعر

**افتخار عارف**

جب بھی چوم لیتا ہوں ان حسین آنکھوں کو
سو چراغ اندھیرے میں جھلملانے لگتے ہیں
خشک خشک ہونٹوں میں جیسے دل کھنچ آتا ہے
دل میں کتنے آئینے تھرتھرانے لگتے ہیں
پھول کیا ، شگوفے کیا ، چاند کیا، ستارے کیا
سب رقیب قدموں پہ سر جھکانے لگتے ہیں
ذہن جاگ اُٹھتا ہے ، روح جاگ اُٹھتی ہے
نقش آدمیت کے جگمگانے لگتے ہیں
لو نکلنے لگتی ہے مندروں کے سینے سے
دیوتا فضاؤں میں مسکرانے لگتے ہیں
رقص کرنے لگتی ہیں مورتیں اجنتا کی
مدتوں کے لب بستہ غار گانے لگتے ہیں
لمحہ بھر کو یہ دنیا ظلم چھوڑ دیتی ہے
لمحہ بھر کو سب پتھر مسکرانے لگتے ہیں

سيد فتح حسين رضوي جو پٽ سيد اختر حسين رضوي جنهن کي دنيا ڪيفي اعظمي جي نالي سان سڃاڻي ٿي. هڪ زميندار، آبادگار گهراڻي سان تعلق رکندو هو. سندس تعلق اعظم ڳڙهہ جي ڳوٺ مجواب سان هو. شروعاتي زندگي لکنئو ۽ گهڻو ڪري ممبئي ۾ گذاريائين.

لکنئو ۾ سلطان المدارس شيعن جي هڪ ديني مدرسي ۾ لکي لکي چوڪرن سان پهرين ترقي پسند جو باضابطہ تعارف ڪرايائين. اتي يونين قائم ڪيائين، هڙتال ڪرائي، مدرسي ۾ ڪلاس معطل ڪرايائين. علي عباس حسيني جي سمجهائڻ تي اسٽرائيڪ تہ ختم ٿي، پر پوءِ اتان ڪيس نيڪالي ڏني وئي. اتي ئي احتشام حسين شاهہ آل انڊيا اسڪول فيڊريشن ۾ علي سردار جعفري سان ڪيس ملايو. سندس ڪلام جو پهريون مجموعو 1944ع ۾ ”جهنڪار“ جي نالي سان شايع ٿيو. سجاد ظهير سندس ڪتاب جو مهاڳ لکي ڪيس زبردست پيٽا ڏني. فاشزم جي خلاف شايد ئي ڪنهن شاعر ايتريون پراثر نظمون لکيون هجن جيتريون ڪيفي لکيون آهن. اهو نظرياتي طور socialist realism ۽ عليحدگي پسندي جو دور هو. سڀ ترقي پسند اديب ترجيحي بنيادن تي مزدورن، هارين ۽ پٺتي پيل طبقن جي حقن لاءِ لکي رهيا هئا. هٽلر ۽ ان جي حامين جي خلاف فاشسٽن جي خلاف روس ۽ ان جي اتحادين جي حمايت جو مرحلو بہ هو، عوامي جلسن ۾ مخدوم سيد مبتلي فريد آبادي سردار سان گڏوگڏ ڪيفي اعظمي بہ چانيل رهيو. اردو ۾ سوويت يونين جي اثر هيٺ اسٽالن تي ڪيترين نظمون لکيون ويون اعتراض ۽ اختلاف جو حق پنهنجي جڳهہ تي پر ان پسمنظر کي ذهن ۾ ضرور رکڻ گهرجي تہ جڏهن اهي نظمون لکيون ويون جهنڪار جو سڄو ڪلام ٽن سالن جي عرصي تي پکڙيل هو ۽ ڪيفي جي عمر ان وقت 25، 26 سال هئي. سندس ٻيو ڪتاب ”آخرِ شب“ 1947ع ۾ ڇپيو. ان مجموعي جون اڪثر نظمون خطابيہ ۽ هنگامي نوعيتن جون آهن. هي دور ننڍي کنڊ جي تاريخ جو تمام پيچيده دور هو.

سوويت يونين جي عظيم نظريہ ساز ايليا اهرن برگ جو هڪ جملو هتي نقل ڪيان ٿو جيڪو نہ رڳو ڪيفي، پر سيني ترقي پسند اهل قلمن جي لاءِ هڪ مشن اسٽيٽمينٽ جي حيثيت رکي ٿو: ”هڪ اديب لاءِ اهو ضروري ناهي تہ هو اهڙو ادب تخليق ڪري جيڪو مستقبل جي صدين لاءِ هجي. هن کي اهڙو ادب تخليق ڪرڻ تي بہ ڪمال حاصل هجڻ گهرجي جو هڪ لمحي لاءِ هجي. جيڪڏهن ان هڪ لمحي ۾ ان قوم جي قسمت جو فيصلو ٿيڻ وارو هجي.“ ”آخرِ شب“ جون گهڻيون نظمون سياسي، خطابيہ، بيانيہ آهن، پر اهڙيون بہ آهن جيڪي خالص رومانوي مزاج جون حامل آهن. هو جوش وانگر، مزاج وانگر، مخدوم ۽ سردار وانگر بلند آهنگ نظمن سان گڏوگڏ نرم ۽ نازڪ احساسن کي رومانوي عشقيہ شاعري ڪرڻ ۾ بہ مهارت رکندو هو. 1974ع ۾ سندس ڪتاب ”آواره سجدي“ شايع ٿيو. فيض سندس ڪتاب جو مهاڳ ماسڪو ۾ لکيو ۽ ڪيفي جي قد و ڪاٺ کي پيٽا پيش ڪئي. ماسڪو ۾ ٻئي بزرگ هڪ ئي اسپتال ۾ زير علاج هئا. ڪيفي فيض جي باري ۾ ڏاڍي بهترين ڳالهہ ڪئي، ”مان اڪثر سوچيندو رهندو آهيان تہ فيض جي دل وڌيڪ خوبصورت آهي يا ان جي شاعري. سندس شاعري ان لاءِ وڌيڪ خوبصورت آهي جو سندس دل ڏاڍي خوبصورت آهي.“

**مين ڍونڍتا هون جسي وه جهان نهين ملتا،**
**نئي زمين نيا آسمان نهين ملتا.**



ڪيفي چوندو هو تہ مان غلام هندستان ۾ پيدا ٿيس، آزاد هندستان ۾ پوڙهو ٿيس ۽ سوشلسٽ هندستان ۾ مرندس. هن وقت ڪيفي زنده هجي ها تہ ڇا چوي ها؟ ...(پورو ٿيو)....

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

# مياڻي جي جنگ جو هيرو: مير جان محمد ٽالپر (خاناڻي)

امين جويو

**ڀڳوآئُون نہ ڄڻِان، مارِيو، تہ وِسهان،**
**ڪانڌِ مُنهن ۾ ڌڪڙا، سيڪِينديِ سُونهان،**
**تان پڻ لڄ مَران، جي مُونَسِ پُٺِ ۾. (سُر ڪيڏارو)**

**تَتُ:**

قديم آثارن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ڪاتي جو هڪ قاعدو ڏاڍو اهم ۽ مثالي آهي، جيڪو هي آهي تہ کهڙي بہ مذهب يا فرقي جي عمارت يا مذهبي آستان کي بغير ڪنهن فرق ۽ مت ڀيد جي، برابري جي بنيادن تي ڀيهر محفوظ ڪيو ويندو آهي. پوءِ ڀلي اهو ملڪ يا دنيا جي کهڙي بہ حصي ۾ هجي ۽ اِهو قانون هر هنڌ تي ساڳيءَ طرح سان لاڳو هوندو آهي، پر حيدرآباد کان اُتر-اولهہ ۾ موجود مياڻي جي تاريخي ميدان جنگ جو مشاهدو ڪرڻ کانپوءِ هتي اُهو (فرق) چٽيءَ ريت نظر اچي ٿو. هن علائقي ۾ انگريزن جون ٻہ عدد اجتماعي قبرون موجود آهن جن کي هتان جا مقامي ماڻهون "ڏيورِيون" ڪوٺين ٿا. هنن ٻنهي هنڌن تي زبردست قسم جا يادگار جوڙايل آهن. جن تي مِياڻي جي جنگ ۽ ڊُٻي جي جنگ ۾ مارجي ويل انگريزن جا نالا، سندن ريجمينٽ ۽ اُنهن جا عهدا پڻ لکيل آهن. اڄ 177 سال گذرڻ کانپوءِ بہ اُهي يادگار ڏاڍا شاندار لڳي رهيا آهن ۽ انهن تي لکيل نالا بہ پڙهڻ جوڳا آهن. اُن سان گڏ، سنڌ سرڪار پاران انگريزن جي هڪ يادگار پرسان سال 2014 ۾ هڪ شاهي ٿنيو پڻ جوڙايو ويو آهي، جنهن تي نيري رنگ جا خوبصورت ٽائلز لڳل آهن. (هن ٿنيي جي اوچائي لڳ ڀڳ 200 ميٽر کن هوندي). ان کانسواءِ انگريزن جي ٻنهي يادگارن جي باقائدگيءَ سان پرگهور لڌي وڃي ٿي ۽ صفائي سٿرائي جو پڻ خيال رکيو وڃي ٿو. ٻنهي يادگارن تي پڪو فرش ٻڌل آهي جيڪو ڏسڻ ۾ تمام سُٺو ۽ صاف سٿرو لڳي ٿو.

ٻئي پاسي سڌ پنڌ تي ئي مياڻي جي جنگ جي جرنيل مير جان محمد ٽالپر جي قبر آهي، جنهن جي مٿان نہ تہ ڪو مقبرو اڏيل آهي نہ ڪو ٽائل جو فرش ٻڌل آهي ۽ نہ ئي ڪا چوديواري ڏنل اٿس. 5000 مياڻي جي جنگ جي شهيدن جو قبرستان، هاڻي وڃي (250 مان 160) فوٽ بچيو آهي، باقي چئني پاسي زرعي زمين آباد ٿي چڪي آهي ۽ قبرستان جو اهو



ٽڪرو ڪنهن جهنگ جو ڏيک ڏئي رهيو آهي. ميرن واري تاريخي مسجد پڻ هتي آهي جنهن جي حالت بہ صفا زُبون لڳي پئي آهي ۽ مسجد کي چئني پاسن کان سِمَ ۽ ڪَلَرَ اچي ورايو آهي، پرگهور نہ لهڻ ۽ مرمت جو ڪم نہ ٿيڻ ڪري صفا ڪنڊر جو ڏيک ڏئي رهي آهي!

منهنجي هن تحقيقي مضمون لکڻ جو مقصد اِهو آهي تہ جيئن هوشو شيدي جو نالو ڊُٻي واري جنگ ۽ سندس لڳايل نعري (مرسون مرسون سنڌ نہ ڏيسون) جي ڪري پوري سنڌ ۾ مشهور آهي تيئن مياڻي جي جنگ جي هن بهادر ڪردار، شهيد ڪمانڊر مير جان محمد ٽالپر جو نالو بہ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ۽ واضح هجي ۽ سنڌ جي هر ماڻهوءَ کي سندس نالي ۽ بهادري جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. آئون هن مضمون ۾ مستند حوالن جي ذريعي، سندس دليراڻي ڪردار تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس.

**ماڳ جو هنڌ ۽ حيدرآباد کان مفاصلو:**

هي ماڳ حيدرآباد کان اُتر-اولهہ ۾ لڳ ڀڳ 15 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي موجود آهي، پنهنجي گاڏيءَ ۾ وڃجي تہ صرف ويهہ منٽن ۾ پهچي سگهجي ٿو. هتي مياڻي جي جنگ جو ميدان، ڊُٻي واري جنگ جو ميدان، هوشو شيديءَ جو مقبرو، مير جان محمد ٽالپر جي آخري آرام گاهہ، شهيدن جا قبرستان، انگريزن جون ٻہ عدد اجتماعي قبرون ۽ ميرن واري تاريخي مسجد جهڙا انتهائي اهم ماڳ موجود آهن. اِهي سيئي ماڳ هڪٻئي کان ٿوري گهٽي وِٿيءَ تي موجود آهن. سپر هاءِ وي تي هالا يا مٽياري ڏانهن ويندي هٽڙي ٻاءِ پاس وٽان اوپر طرف هڪ رستو نڪري ٿو جيڪو نيو سٽي حيدرآباد کان ٿيندو، هنن ماڳن تائين پهچائي ٿو. هتي "واڏڪي وسي" نالي هڪ قديم ڳوٺ پڻ آهي.

**مير جان محمد ٽالپر بابت مليل مختصر احوال:**

حيدرآباد جا حڪمران مِير تہ آخري وقت تائين انگريزن سان جنگ نہ ڪرڻ چاهين ۽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان ڳالهين ذريعي سرچاءُ ڪرڻ پئي چاهيائون، پر عام ماڻهن ۾ سخت تاءُ پکڙيل هو. قادر بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب "جنگ مياڻي" ۾ لکي ٿو تہ: "انگريزن جي ريزيڊنسي (رهائش گاهہ) تي عام رعايا ۽ ڪجهہ بلوچ قبيلن پاران جڏهن حملو ڪيو ويو تہ حيدرآباد جي حاڪم ميرن، بلوچن کي سخت تنبيهہ ڪئي ۽ کين حيدرآباد ڇڏي منتشر ٿي وڃڻ جو حڪم ڏنو تہ مٿان ڪاهيندڙ (انگريز)، حيدرآباد شهر کي ڪو نقصان نہ پهچائين.

اُن جي رد عمل ۾ 15 فيبروري 1843 جي شام جو عام ٽالپرن سميت سيني بلوچن واٽ تي، مياڻيءَ جي ميدان تي مناسب هنڌ وٺ وڃي نيپئر سان مقابلي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ حڪمران ميرن کي پاڻ سان شامل ڪرڻ جي سيني ڪوشش ۾ ناڪام ٿيڻ بعد کين طعني طور ڏانهن چوڙيون ۽ زنانا ڪپڙا ڏياري موڪليائون ۽ کين چيائون تہ گهرن ۾ وڃي ويهو... مياڻي جي

Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ميدان وٽ وڃي گڏ ٿيندڙ بلوچ سردارن ۾ مير جان محمد ٽالپر (خاناڻي)، غلام خان لغاري، غلام علي خان نظاماڻي، غلام شاهه خان ٽالپر ۽ ٻيا ست اٺ بلوچ سردار شامل هئا. ( نظاماڻي، 2005).

اُن کانسواءِ مياڻي جي جنگ واري واقعي کان صرف تيرنهن سال پوءِ مُنشي عطا محمد شڪارپوري، سال 1856 ۾ هڪ بهترين تاريخي قلمي نسخو ”تازن معرڪن جي تاريخ“ لکيو، جنهن ۾ خوبصورت انداز بيان سان مياڻي جي جنگ جو نقشو چٽيندي هن لکيوآهي ته ”بختيار لغاري جيڪو سدائين آفيم کائي پنڪين ۾ پيو هلندو هو سو مير رستم جي دربدري جو ٻڌي خار ۾ اچي گهوڙي تي چڙهي انگريزن سان مقابلي لاءِ ڪمر ڪسي هليو، اڳتي وڃي غلام محمد لغاري کي ٻه ساڻ ڪنيائين ۽ وڃي پنهنجن ماڻهن کي اميدون آسرا ڏئي پنهنجو ساٿاري ٻڻايائين. پوءِ گڏجي مير جان محمد خان ولد مير بودي خان ٽالپر وٽ ويا ۽ ان جي واسطيداريءَ سان لغارين ۽ محمد خان ولد مرحوم لقمان خان ٽالپر جي وچ ۾ ٺاهه ڪرايائون، جن جو سڱا بنديءَ تان پاڻ ۾ جهيڙو هلندو پئي آيو. پڇاڙيءَ ۾ سيني گڏجي قرآن مجيد تي قسم کڻي انگريزن سان جنگ ڪرڻ جي پڪ ڪئي ۽ هن ريت اظهار ڪيائون ته: سنڌ اسان ٻروچن جي سڳي ماءُ برابر آهي، جنهن جي ٿڃ مان پيڙهين کان اسان جي پرورش ٿيندي پئي اچي، اولاد تي پيءُ ماءُ جا گهڻا ئي حق هوندا آهن. انهيءَ ساک موجب اسان پنهنجي جان هن جيجل ماءُ جي قدمن تان قربان ڪنداسين، جيڪڏهن ائين نه ڪيوسين ته اسان سيئي والدالزنا (حرامي ٻار) ليکيا وينداسين“. ( شڪارپوري، 2007).



ڪتاب ”جنگ مياڻي“ ۾ قادر بخش نظاماڻي هڪ هنڌ لکي ٿو ته ”مشهور اهل قلم ايڇ. ٽي لئمبرڪ، جنهن سنڌ جي تاريخ بابت تحقيقات ڪرڻ جي چڱي ڪوشش ڪئي آهي، تنهن جو چوڻ آهي ته هيءَ حقيقت هر ڪنهن کي تسليم ڪرڻي پوندي ته جيڪڏهن بلوچن ۾ انتظام ۽ ضابطو هجي ها ۽ سندن رهنمائي ڪجهه بهتر ۽ اثرائتي نموني سان ٿئي ها ته جنگ جون حالتون ۽ نتيجو ٻيءَ طرح نڪري ها. هو وڌيڪ لکي ٿو ته جنگ شروع ٿيڻ ڪانپوءِ بلوچن جي حملن ۾ اهڙو ته زور هو جو جنرل نيپيئر اول ٽي چار دفعا ڪوششون ڪيون ته سندس فوج بچاءُ جون تدبيرون ڇڏي، جوابي حملو ڪري پر سندس سپاهين کي همت ئي ڪانه پئي ٿي. نيٺ بلوچن جو ڪمانڊر جان محمد خان خاناڻي ( ٽنڊي ڄام وارو) شهيد ٿي ويو ۽ ان ڪانپوءِ غلام شاهه خان شاهواڻي ٽالپري لشڪر جي ڪمان ورتي ۽ اهو پڻ بروقت شهيد ٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ بلوچي لشڪر ۾ ڪجهه ڪمزوري جا آثار پيدا ٿي پيا. (نظاماڻي 2005).

محمد هاشم لغاري سندس ڪتاب ”بئريسٽر رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، حياتي ۽ ڪم) ۾ لکيو آهي ته ”مير جان محمد ٽالپر جيڪو ٽنڊي ڄام جي خاناڻي ٽالپرن مان هو، تنهن سنڌ جي ماڻهن جي سپهه سالاري ڪئي، بلوچ مياڻي واري جنگ کي (مير جان محمد جي ويڙهه) سڏيندا آهن. ٽنڊي ڄام جي خاناڻي ٽالپرن (سندس پونئرن) ايڇ. ٽي لئمبرڪ کي ٻڌايو ته، مير جان محمد خان ٽالپر کي ڪنڌ ۾ گولي لڳي هئي، جڏهن ته انگريزن جي تذڪرن ۾ سندس موت کي مانٽيگو مئڪمرڊو جي تلوار بازي جو نشانو ڄاڻايو ويو آهي. ٽنڊي ڄام جي مير اڪبر ٽالپر مصنف کي ٻڌايو ته سندس ڄنگهون تلوار جي ڌڪ وڍي ڇڏيون هيون، ان ڪري هن پنهنجن ساٿين کي عرض ڪيو ته کيس گهوڙي تي سوار ٿيڻ ۾ مدد ڪن، ائين ڪيو ويو ۽ پوءِ هو تيزيءَ سان انگريزن جي پاسي ويو، جتي نيپئر جي پڇا ڪيائين، جنهن کي جنگ جي ميدان ۾ ڏسي مٿس تلوار جو وار ڪيائين، پر اُتي موجود مارسٽن کيس پستول چوڙي شهيد ڪري وڌو. اها ڳالهه نيپئر، مسٽر مارسٽن ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ تسليم ڪئي آهي. شهيد مير جان محمد ٽالپر جي اُڪريل تلوار چارلس نيپئر هن خط سان گڏ سوکڙي ڪري موڪلي:

منهنجا پيارا مارسٽن....

جيڪڏهن تون اُن ڏينهن (17 فيبروري 1843) تي وک وڌائي منهنجي اڳيان نه اچين ها ۽ ان بلوچ ويڙهاڪ کي منهن نه ڏين ها، جيڪو مون تي اُلر ڪري آيو هو ۽ مان ڪيترن ئي معاملن تي سوچ ويچار ۾ رُڌل هئڻ سبب ساڻس دوبدو وڙهڻ جهڙو نه هئس، سو مان گهٽو ڪري وڃي وڃان ها ۽ مان سمجهان ٿو ته تو جهڙي لائق ماڻهو وٽ هي سٺو هٿيار هجڻ کپي...“ (لغاري 2018).

ان کانسواءِ رحيمداد مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب ”جنت السنڌ“ ۾ مياڻي جي جنگ بابت لکي ٿو ته: ”ٽالپري لشڪر ۾ شهداداڻي، چاڪراڻي ۽ خاناڻي ٽالپر هئا. مير جان محمد خان خاناڻي لشڪر جو سپهه سالار هو ۽ سندس ماتحت مير غلام شاهه شاهواڻي، سيد عبدالله، ابراهيم خان، نواب احمد خان لغاري، غلام محمد خان لغاري، بختيار خان، بهاول خان رند، مورو خان چانگ ۽ سيد فتح محمد شاهه لڪياري فوجي سردار هئا. ٽالپري توپ خاني مٿان هوش محمد قمبراڻي حبشي، مشهدي ايراني ۽ مسٽر هاويل، نگراني ڪرڻ تي معمور هئا.

17 فيبروري 1843 تي صبح جو سوير، جنگ جو طبل وڳو، شروعات ۾ مير جان محمد خان ٽالپر اهڙي سياڻپ ۽ هوشياري سان وڙهيو، جو چارلس نيپيئر کي جنگ هارائڻ جي پڪ ٿي وئي، پر پوءِ انگريز سوار دستن، ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان حملا ڪرڻ شروع ڪيا. مير جان محمد بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو. پوءِ مير غلام شاهه هڪدم فوج جون واڳون سنڀالي ورتيون. رسالدار جان جيڪب هڪ هزار (1000) سوارن سان ڦُليلي جي پيٽ تي کاهي آيو ۽ يڪدم عياري سان موٽ کائي ڀڳو. بلوچن دوکو کاڌو، هنن سمجهيو ته انگريز لشڪر ۾ ڀاڄ پئي آهي، ان ڪري سندن صفون ٽٽي پيون ۽ هو(پنهنجي دفاعي پوزيشن ڇڏي) بي قائدگيءَ سان انگريزي لشڪر پٺيان ڊوڪيندا، ڦليليءَ جي ڪناري وارو بند ٽپي ويا. انگريزن جو توپ خانو بند جي پٺيان لڪل هو، تنهن مٿن گولين جي برسات وسائڻ شروع ڪئي، جا ساندهه ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهي..“ (شيدائي 2008).

آخر ۾ مولائي شيدائي جنگ مياڻي جي مقابلي جي نتيجي کي هن طرح سان پيش ڪيو آهي ته ”ٽن ڪلاڪن جي هن دوبدو جنگ ۾ انگريزن جا فقط 27 ماڻهو مئا ۽ زخمي ٿيا، جڏهن ته ٽالپري لشڪر جا اٽڪل پنج هزار جانباز شهيد ٿيا.“ (شيدائي 2008).

**تاريخ جو الميو:**

تاريخي حقيقتون ڏاڍيون دل ڏڪائيندڙ ۽ ڏهڪائيندڙ آهن، ڪڏهن ته معمولي ماڻهو يا هڪ عام پيادو سپاهي، غير معمولي طور تي مان ۽ مڃتا ماڻي امر ٿي وڃي ٿو ۽ ڪڏهن وري هڪ جنگي جرنيل يا سپهه سالار گمنام ۽ بي موت مارجي وڃي ٿو ۽ تاريخ جي ورقن ۾ ڪيس مناسب جاءِ به نه ٿي ملي. مون هن مضمون ۾ مياڻي جي جنگي جرنيل ۽ مُک سپهه سالار، مير جان محمد ٽالپرَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ تي لکيل اُهي هڙئي ڪتاب اُٿلايا، جيڪي مون کي ملي سگهيا، پر مٿين چند حوالن کانسواءِ ڪجهه نه ملي سگهيو. بهرحال جيترو به احوال مليو، اُن مان صاف ظاهر آهي ته مير جان محمد خان ٽالپر، مياڻي جي جنگ ۾ شروعاتي جهڙپ دوران 17 فيبروري 1843 تي بهادري سان وڙهندي شهيد ٿيو.

**نتيجو:**

جنگ جي پڄاڻي ته لازمي طور تي ٿيڻي هوندي آهي، پر جنگ جي شروعات ڪرڻ ڏاڍي ڏکي هوندي آهي، جو ته اُن وقت دشمن جي طاقت، هٿيارن پنهوارن ۽ چال بازين جو اندازو ڪونه هوندو آهي ۽ اهو اندازو به ڪو نه هوندو آهي ته دشمن ڪيئن، ڪڏهن ۽ ڪٿان حملو ڪندو؟... تنهنڪري آئون سمجهان ٿو ته مير جان محمد ٽالپر وڏي دليري جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي اڳواٽي ۾ انگريزن جي فوج سان مهاڏو اٽڪايو ۽ حيدرآباد جي بزدل ميرن ڏانهن، چوڙيون ۽ زنانا ڪپڙا موڪلي، شاهه عبداللطيف جي هيٺئين پيغام جي پوئيواري ڪئي:

**سورهيه مرين سوپ ڪي، ته دل جا وهمِ وسار،**
**هڻ پالا، وڙهه پاڪرين، آڏي ڀال مَ ڀار،**
**مٿان تيغ ترارِ، مارته متارو ٿِئين. (سُر ڪيڏارو)**

هن مضمون ۾ منهنجو مقصد ڪو مير جان محمد ٽالپر کي مشهور ڪرڻ ڪونهي، پر منهنجو مقصد اهو آهي ته ڪيس تاريخ ۾ اِن حوالي سان ياد رکڻ کپي ته دشمن جي اڳيان آڻ نه مڃندي هُن دشمن کي للڪاريو ۽ مياڻيءَ جي ميدان تي 17 فيبروري 1843 تي انگريزن خلاف جنگ جي شروعات ڪري ڪين اهو محسوس ڪرايو ته سنڌي قوم ايئن ٽڪڙ ۾ آڻ مڃڻ واري ناهي، پر اِهي سنڌ ڌرتي جي انچ انچ تي مهاڏو اٽڪائيندا ۽ سر جو سانگو بلڪل نه ڪندا رهيا. آخر ۾ آئون مير جان محمد خان ٽالپر کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هيٺين بيتن سان ڀيٽا پيش ڪرڻ چاهيندس:



**بَهادُرِ گَڏِيا بِهادُرين، ڪَڙڳَ ڪَلهُولِ ڪَنِ،**
**وِجهنِ ڌڙ ڌڙن تي، ماڪارِين مٿنِ،**
**ڪِرنَ، ڪندَ نچنِ، رڻ گجِيو، راڙو ٿِيو. (سُر ڪيڏارو)**

منهنجي پياري دوست شاهجهان جماليءَ پاران مياڻيءَ جي جنگ واري ميدان تي موجود ”ميرن واري تاريخي مسجد“ جي ورتل تصوير


**رايا ۽ تجويزون:**

تازو 24 نومبر 2019 تي شاهجهان جماليءَ سان گڏ مياڻي جي جنگ واري ميدان تي وڃڻ ٿيو، جيڪو هاڻي (ميدان جهنگ) تي چڪو آهي ۽ باقي وڃي 250-160 فوٽ بچيو آهي. مير جان محمد خان ٽالپر جي قبر کي به چوڌاري ڪبڙ/ڄارَ ۽ ديوين جا وڻ گهيرو ڪريو بيٺا آهن ۽ سندس نالي وارو ڪتبو به هاڻي اڻ چٽو ٿي ويو آهي ۽ ان سان لڳو لڳ ميرن واري مسجد ۾ اندر ڀرپاسي وارين ٻنين جي هارين جو سامان، دوائون ۽ ماپ ڪرڻ وارو ڪانٽو رکيل هو. خبر ناهي هيءَ مسجد ڪهڙي ڪم لاءِ پئي استعمال ٿئي..! مسجد جي صفائي ٿيل نه هئي ۽ جتان ڪتان ٽٽل ڦٽل هئي. هن وقت سِمَ ۽ ڪَلرَ جي ڪري هن مسجد جي بقاءَ کي شديد خطرو آهي.

1. شهيد مير جان محمد ٽالپر واري، باقي بچيل قبرستان جي ٽڪري کي جلد از جلد چوديواري ڏياري محفوظ ڪيو وڃي.
2. مير جان محمد ٽالپر جي قبر تي مقبري جو ڪم شروع ڪرايو وڃي ۽ اهو مقبرو وڏيڪ نه ته به هوشو شيديءَ جي مقبري جيترو هئڻ گهرجي.
3. ميرن واري تاريخي مسجد جو مسئلو سِمَ ۽ ڪَلرَ جو آهي تنهن ڪري مسجد جي چوڌاري واري ڏني وڃي ۽ هتي اهڙا وڻ پوکيا وڃن، جيڪي سِمَ ۽ ڪَلرَ جي اثر کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏين. ان سان گڏ مرمت جو ڪم به چڱي طرح ڪرايو وڃي ۽ مسجد جي روزانو جي بنياد تي سارسنڀال لڌي وڃي.
4. هتي هر ماڳ تي معلوماتي بورڊ پڻ هئڻ گهرجن ته جيئن گهمڻ لاءِ ايندڙن کي مستند ڄاڻ ملي سگهي.

**حوالا:**

1. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو (1958 ). سُر ڪيڏارو، داستان ٽيون، بيت نمبر 9، پيج نمبر، 292. 2. شيدائي، رحيمداد خان مولائي (2008)، جنت السنڌ ڇاپو ٻيون، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ص 594-595.
3. شيدائي، رحيمداد خان مولائي (2008)، جنت السنڌ ڇاپو ٻيون، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي ص. 596
4. Sindhiadabiboard.org/catalog/book9/book_page6.html نظاماڻي، قادر بخش (2005). جنگ مياڻي.
5. شڪارپوري، منشي عطا محمد (2007) تازن معرڪن جي تاريخ، ڇاپو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ ص 291،290
6. لغاري، محمد هاشم، (2018). بئريسٽر رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، حياتي ۽ ڪم، ثقافت کاتو ص 54 ،55.



7. آڏواڻي، ڪلياڻ، شاهه جو رسالو(1958 )، سُر ڪيڏارو، داستان ٽيون، بيت نمبر 4، پيج نمبر 290
8. آڏواڻي، ڪلياڻ شاهه جو رسالو (1958 )، سُر ڪيڏارو، داستان ٽيون، بيت نمبر 9، پيج نمبر 291.

Regd. No: 3169
ماهوار مخزن
همسري
حيدرآباد

## ڳالهه ٻولهه

# روبينا احمد

زاهده ابڙو

**تعارف:** منهنجو نالو روبينا آهي، آئون پنڊي ۾ پيدا ٿي هئس، پر منهنجي والدين جو تعلق گجرات سان آهي. تمام روايتي ڪشميري پنجابي خاندان سان منهنجو تعلق آهي. منهنجو والد آرمي ۾ هو ان ڪري اسان گهڻو ڪري هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين گهمندا رهياسين جنهن ۾ کاريان، جهلم، پنڊي. ان ڪري منهنجو اسڪول وارو دور به گهڻو ڪري انهن جاين تي گذريو. جڏهن منهنجو والد رٽائر ٿيو ته اسان واپس گجرات اچي وياسين. مون گجرات ڪاليج مان انٽر پاس ڪئي، پنجاب يونيورسٽي مان ماسٽرز ڪيم. ان ڪانپوءِ سي ايس ايس جو امتحان ڏنم، انهيءَ دوران مون شادي ڪري ورتي. جڏهن اڪيڊمي ۾ هئس ته ماءُ بڻجي ويس. جيئن ته منهنجو تعلق ڪسٽمز گروپ سان هو ان ڪري مون کي اسپيشل ٽريننگ لاءِ ڪراچي وڃڻو پيو. ان ڪانپوءِ ٻيو ٻار ٿي ويو ۽ منهنجي مڙس مون کي چيو ته پي ايچ ڊي لاءِ آمريڪا ٿا هلون، اتي آمريڪا ۾ منهنجي مڙس پي ايچ ڊي ڪئي ۽ آئون ٻار پاليندي رهيس ۽ اتي آمريڪا ۾ ٽيون ٻار پيدا ٿيو. ان ڪانپوءِ اسان واپس پاڪستان آياسين.

**سوال: توهان جي ۽ هڪ عام عورت جي زندگيءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟**

**جواب:** منهنجي زندگي ۾ هڪ عام عورت جهڙي آهي ڪو فرق ڪونهي. جيڪا توري وڏي ٿيندي آهي پڙهي لکي وڃندي آهي ۽ ان ڪانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن ملازمت ڪندي آهي، پر گهڻو ڪري ان جي شادي ٿي ويندي آهي، گهڻو ڪري هڪ مخصوص قسم جو مڙس هوندو آهي. جيئن هر مرد جي اها خواهش هوندي آهي ته جيئن هو چوي ٿو ته تيئن ان جي زال ڪري. پڙهيل لکيل هجي يا اڻ پڙهيل هجي، بس ان جو چوڻ مڃي. بس پڙهيل لکيل عورت ۾ ۽ اڻ پڙهيل عورت ۾ اهو فرق آهي جو پڙهيل لکيل عورت ان وقت اهو پئي سوچيندي آهي ته هوءَ به اها ساڳي زندگي پئي گذاري جيڪا هڪ اڻ پڙهيل عورت گذاريندي آهي. پوءِ هڪ اهڙو وقت به ايندو آهي جو طئي ڪندي آهي ته هاڻي مون کي ان مرد سان گڏ ناهي رهڻو ۽ پوءِ منهنجي زندگيءَ ۾ به هڪ اهڙو وقت اچي ويو جو آئون به پنهنجي مڙس کان ڌار ٿي ويس. هن وقت آئون پنهنجي مڙس کان ڌار پئي رهان لڳ ڀڳ ۾ سال ٿي ويا آهن. مون پنهنجو گهر ڇڏيو ۽ هڪ ڌار گهر ڪراءِ تي ورتم ۽ هاڻي آئون اتي رهندي آهيان. اتي اچڻ ڪانپوءِ مون کي شهناز جي پروگرام جي خبر پئي ۽ مون ان ۾ شرڪت ڪئي.

**سوال: شهناز جو پروگرام ڇا آهي منهنجي پڙهندڙن کي ٿورو تفصيل سان ٻڌايو؟**

**جواب:** اهو هڪ اهڙو پروگرام آهي جنهن کي ڇئي سگهجي ٿو ته it is art of living هڪ world wide organization آهي جيڪا اهو پروگرام ڪرائيندي آهي. ان ۾ ميڊيٽيشن، يوگا ۽ اهڙيون ٽيڪنيڪس ٻڌايون وينديون آهن جنهن ۾ توهان پنهنجي زندگيءَ کي بهتر طريقي سان گهاري سگهو ٿا ۽ توهان جي ارد گرد جيڪو ماحول آهي ان سان توهان ڪيئن وڌيڪ بهتر انداز ۾ خوش ٿي گذاري سگهو ٿا. ان پروگرام جا چار کان پنج مرحلا آهن. پهرين مرحلي ۾ توهان جو ذهن جيڪڏهن الجهيل آهي ته ان تان الجهن جي تهه کي لاهڻ جو ڪم ڪندا آهيو ان ڪانپوءِ توهان ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيو ۽ آخر ۾ مطلب اهو آهي ته توهان کي پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لهڻو هوندو آهي ۽ توهان پنهنجي روح تائين پهچندا آهيو ۽ اتي توهان کي خبر پوندي آهي ته توهان جي طاقت ڇا ۾ آهي، توهان جي اندر ڪهڙي سگهه موجود آهي، توهان ڇا ڪري سگهو ٿا ۽ پنهنجو پاڻ کي شناخت ڪندا آهيو ۽ هڪ انسان کي ڪهڙي زندگي جي حقيقت ۾ گهرج آهي. هن ۾ هڪ انتهائي اهم نقطو اهو آهي جنهن ۾ اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته توهان پنهنجي جسم جو خيال رکو ۽ پنهنجي جسم جو خيال رکڻ ڇو ضروري آهي. ڇو ته توهان جو روح توهان جي جسم ۾ رهي ٿو ان ڪري ان جي اهميت تمام گهڻي آهي. جڏهن توهان پنهنجي جسم جو خيال پيا ڪندا آهيو ته توهان حقيقت ۾ پنهنجي روح جو خيال ڪري رهيا هوندا آهيو. مطلب ته توهان جيڪو يوگا ڪريو ٿا، سنو ڪاڊو ڪائو ٿا، پنهنجو پاڻ کي بيمارين کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا ۽ مثبت سوچن سان توهان پنهنجو پاڻ کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا ۽ خاص طور نوجوانن جي لاءِ هڪڙي خاص پوائنٽ آهي ته اهي پنهنجو پاڻ کي نشيدار شين کان پاسيرو رکن. ڇو ته اهو سندن جسم کي نقصان پهچائي سندن روح کي نقصان پهچائيندو. سو ان جو اصل مفهوم اهو آهي ته پنهنجي جسم کي صحتمند رکو ته توهان جو روح به صحتمند رهندو. اهڙيءَ ريت توهان پنهنجي روح تائين آرام سان پهچي سگهو ٿا.



**سوال: ڇا توهان کي پنهنجي روح تائين رسائي حاصل ٿي آهي يا اڃان ڪوشش جاري آهي؟**

**جواب:** ها منهنجو خيال آهي ته ڪنهن حد تائين ۽

Regd. No: 3460
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ڪجهه گهڙين ۾ مون کي محسوس ٿيندو آهي ته مون پنهنجي روح تائين رسائي حاصل ڪئي آهي. هي گذريل ڏيڍ سال جي اندر مون پنهنجو پاڻ ۾ جيڪا مضبوطي ۽ تبديلي ڏٺي آهي اها يقينن ان مشق جو نتيجو آهي.

**سوال: هن وقت توهان اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ۾ ڪيو پيون ان قسم جو ٽئلنٽ توهان کي ڪڏهن محسوس ٿيو ته توهان جي اندر موجود آهي؟**



**جواب:** مون کي پاڻ کي خبر ڪونهي ته مون ڪڏهن محسوس ڪيو ته منهنجي اندر ان قسم جو ٽئلنٽ موجود آهي. هڪ ڳالهه ضرور آهي ته مون ۾ ننڍپڻ کان ئي ڪا اهڙي شيءِ موجود هئي جيڪا مون ڪرڻ چاهي پئي پلي آئون ننڍي هوندي ڪيتري به بيڪار يا ڊپريس هئس، پر جڏهن به مون کي ڪو اهڙو موقعو مليو آهي ته مون پنهنجو پاڻ کي اهو رستو ڏنو آهي جنهن سان مون کي محسوس ٿيو ته منهنجي اندر ان قسم جو ڏانءُ موجود آهي، آئون اهو ڪم ڪري سگهان ٿي. آئون جڏهن يونيورسٽي ۾ پڙهندي هئس تڏهن مون سان ايئن ٿيندو هو ته ڇوڪرا چوندا هئا ته هن ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻو ئي ڪونهي. ڇو ته هيءَ اڳيان کان اهڙو جواب ٿي ڏئي جو ساڙي ٿي ڇڏي، پر مون کي نه ڪڏهن پنهنجو ٽئلنٽ ظاهر ڪرڻ جو موقعو مليو نه وري حالتون اهڙيون هيون جو آئون ان قسم جو اظهار ڪري سگهان ها.

**سوال: توهان کي ان قسم جو موقعو ڪڏهن ۽ ڪيئن مليو؟**



**جواب:** هڪ ننڍڙي آرگنائيزيشن آهي جنهن ۾ هڪ ڇوڪرن جو گروپ آهي، اهي "ٿيٽر والي" جي نالي سان ڪجهه والنٽيئر نوجوان هڪ مضبوط پيغام سماج کي ڏيندا رهندا آهن. جنهن ۾ آرٽ سان لاڳاپيل هر قسم جو ڪم ڪن پيا. شروع ته هنن هڪڙي ننڍڙي ٿيٽر سان ڪيو هو، ان کانپوءِ ان ۾ هنن ڳائڻ ۽ ٻيا فنڪار به شامل ڪيا جنهن ۾ قصا گوئي، خط پڙهڻ ۽ ٻيون ڪيترين ئي ننڍڙيون ننڍڙيون شيون شامل ڪرڻ شروع ڪيون، جنهن ۾ هنن راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي ماڻهن کي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. آئون انهن جي گهڻن پروگرامن ۾ وڃي ويهندي هئس، ڏسندي هئس. هڪڙي ڏينهن انهن اسٽينڊ اپ ڪاميڊي رکي. مون به سوچيو ته وڃي ڏسان ته صحيح اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڇا هوندي آهي. هڪ دفعو ويس، ٻيو دفعو ويس. نيٺ مون انهن ڇوڪرن کي جيڪي ڇهه ست ڇوڪرا آهن، چيو ته هي جيڪو توهان پيا ڪريو اهو ته آئون به ڪري سگهان ٿي. انهن چيو هلو ٺيڪ آهي جيڪڏهن توهان ڪري سگهو ٿا ته توهان به اسان سان گڏ اچي وڃو، بس مون انهن سان گڏ ڪم ڪندي ڪندي هڪ سٺو گروپ ناهي ورتو آهي، جيڪو "ڪاميڊي



اسڪوائر پاڪستان" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هاڻي اهو گروپ پنڊي ۽ اسلام آباد ۾ چڱو خاصو مشهور ٿي ويو آهي. اسان هر مهيني ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي پروگرام رکندا آهيون. شروع ۾ ته ست اٺ ماڻهو هوندا هئا، هاڻي تقريبن اوڻيهه ويهه ماڻهو ان گروپ ۾ شامل آهن.

**سوال: ان کان علاوه به توهان شايد ٻئي ڪنهن عورتن جي گروپ سان گڏ ڪم ڪيو پيون اهو ڪهڙو گروپ آهي؟**



**جواب:** ها ان کان علاوه آئون خواتين جو هڪ گروپ آهي "عورت ناڪ" جيئن خطرناڪ چئي سگهون ٿا تيئن عورت ناڪ. اهي ڪجهه ڇوڪريون آهن جن اهو ڪراچي کان شروع ڪيو ۽ پوءِ اهو لاهور ۾ به شروع ٿيو، هاڻي اسلام آباد ۾ به ٿي رهيو آهي. ان ۾ سڀ ننڍي عمر جون نوجوان ڇوڪريون آهن. پهرين آئون ان گروپ جي پرفارمنس ڏسڻ لاءِ ويس، پنج ڇهه مهينا پهرين هنن پنهنجي پروگرام ۾ هڪڙو اعلان ڪيو ته هو اوپن مائيڪ پروگرام ڪري رهيون آهن مون به انهن سان ڪانٽيڪٽ ڪيو، انهن کي ٻڌايم ته آئون به اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڪندي آهيان، جنهن جاءِ تي هو شو ڪري رهيون هيون مون کين ٻڌايو ته ان ساڳي جاءِ تي ٻه ڏينهن پهرين مون اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڪئي آهي. مون هنن کي چيو ته آئون توهان سان گڏ اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ته نٿي ڪرڻ چاهيان، پر جيڪڏهن توهان مون کي موڪل ڏيو ته آئون توهان جي شو ۾ پنهنجي شاعري پڙهان. هنن مون سان ها ڪئي، مون جڏهن اها شاعري پڙهي ته سڀ ماڻهو اٿي بيهي رهيا ۽ مون کي تمام گهڻو داد مليو. ان کانپوءِ ان گروپ مون کي آڇ ڪئي ته جيڪڏهن اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ۾ آئون کين جوائن ڪيان ته بهتر ٿيندو. پوءِ مون خوشيءَ سان اها آڇ قبول ڪئي. ڇوڪرن سان گڏ جيڪا اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڪندي آهيان، اها ٿوري مختلف هوندي آهي، پر ڇوڪرين جي گروپ لاءِ جيڪو مواد جوڙيندي آهيان اهو خالص عورتن جي مسئلن کي اجاگر ڪري ٿو. ايئن چئي سگهجي ٿو ته اها "فيمنسٽ ڪاميڊي" آهي، جنهن ۾ عورتن جا مخصوص مسئلا کڻي انهن تي ڪاميڊي ڪئي وڃي ٿي. آئون جيڪڏهن ڇوڪرن جي ڪاميڊي کي ڇوڪرين جي ڪاميڊي سان ڀيٽ ڏيان ته ڇوڪرين جي ڪاميڊي تمام بهترين آهي. ڇوڪرين وٽ مواد زبردست هوندو آهي، تمام سٺو پيغام هوندو آهي ۽ سماجي مسئلن کي اجاگر ڪيو ويندو آهي. ڇوڪرن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو هڪ ٻيو مقصد آهي ته آئون پنهنجو شوق اتي به پورو ڪرڻ چاهيان ٿي، پر مون کي جيڪو اصل ۾ ڪم ڪري خوشي ۽ مزو ملي ٿو اهو عورت ناڪ ۾ ملي ٿو. هن دفعي عورت ناڪ ۾ منهنجو موضوع هوندو "عورتن جي ماهواري ۽ انهن جي ٻچيداني" ان تي مون پنهنجو مواد لکي رکيو آهي. اسان جي معاشري ۾ اهڙن موضوعن تي ڳالهائڻ گناهه سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهن شين کي لڪايو وڃي ٿو ۽ ڇوڪرين کي اهو احساس ڏياريو ٿو وڃي جڻ ته اهي گناهه گار هجن. جڏهن ڇوڪريون جوان ٿين ٿيون ۽ پهريون دفعو انهن سيني شين کي ڏسن ٿيون ته اهي خوفزده ٿي وڃن ٿيون.



**سوال: ڪاميڊي ڪاميڊين لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي ڇو ته هو پنهنجي مذاق سان ماڻهن کي کلائي ٿو. ڇا توهان کي ان ڳالهه جو يقين هوندو آهي ته توهان ماڻهن کي کلائي وٺنديون؟**

**جواب:** مون جڏهن پهريون دفعو ڪاميڊي ڪئي اها ڏاڍي مزيدار هئي. مون ان ۾ چيو:

”ڪلهہ مون پنهنجي ڌيءَ کي چيو، مان سوچي رهي آهيان تہ اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڪريان. منهنجي ڌيءَ چوي ٿي گهوڙا ڙي مري وڃان هاڻي تون اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڪندينءَ باهٺ سالن جي ٿي وئي آهين هاڻي تون ڪندينءَ، مون چيو تہ ها ڇا ٿي پيو، باهٺ سالن جي ٿي وئي آهيان منهنجا پير قبر ۾ ٿوري آهن جو آئون اسٽينڊ اپ ڪاميڊي نٿي ڪري سگهان.“

مون اسٽينڊ اپ ڪاميڊي اتان کان ئي شروع ڪئي. هن ڪاميڊي ۾ مون اها ڳالهہ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ عمر، ٻولي ۽ صنف سان ڪاميڊي جو تعلق ڪونهي. مون انهن taboos کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ عورت جيڪڏهن وڏي ٿي وڃي تہ ان کي سنجيده رهڻو آهي ۽ اها ڳالهہ تہ پنجابي جيڪا آهي اها ڄٽڪي زبان آهي ان جي بہ مون نفي ڪئي آهي. ان سڄي اسڪرپٽ ۾ منهنجي ڌيءَ ۽ منهنجو مڪالمو آهي، جنهن ۾ هوءَ مون کان پڇي ٿي تہ ان سڄي ڪاميڊي ۾ تون آخر ٻڌائيندينءَ ڇا؟ مان ان کي چوان ٿي تہ پهرين آئون سردارڻين جا لطيفا ٻڌائينديس ۽ پوءِ ڪدڙن جا لطيفا ٻڌائينديس، جنهن تي هوءَ چئي ٿي تہ اهي ڪنهن ڪم جا ڪونہ آهن تہ پوءِ آئون ڪيس چوان ٿي تہ پوءِ پنهنجي مڙس جا لطيفا ٻڌائينديس، هوءَ چوي ٿي تہ اهو بہ ڪنهن ڪم جو ڪونهي، چوي ٿي تہ توکي ڪهڙي خبر تہ اسٽينڊ اپ ڪاميڊي ڇا هوندي آهي؟ هوءَ مون کي چوي ٿي تہ اسٽينڊ اپ ڪاميڊي لطيفا وطيفا ٻڌائڻ ڪونہ هوندو آهي، پر ان ۾ پنهنجي باري ۾ ٻڌائي ماڻهن کي کلائڻ هوندو آهي. جنهن ۾ توهان مختلف حالتن ۾ پنهنجو پاڻ کي بيهاري ماڻهن کي کلائيندا آهيو. منهنجي پهرين پرفارمنس تمام گهڻي پسند ڪئي وئي، ماڻهن مون کي اٿي بيهي داد ڏنو. مون ان کي هڪ ٻي جاءِ تي ٻيهر پرفارم ڪيو. هڪڙي شو ۾ مون پنهنجي سهري تي پروگرام ڪيو ٻي ڪاميڊي ۾ مون پنهنجي ڌيءَ سان مڪالمو ڪيو ۽ چيو تہ آئون بہ سياست ۾ اچي وڃان، جنهن تي هوءَ مون کي چوي ٿي تہ پهرين زنانين کهڙو ڪم ڪيو آهي جو تون اچي قاڙا مارينديــنءَ، اهو بہ ڏاڍو پسند ڪيو ويو.


**سوال: هن وقت توهان رٽائر آهيو. توهان ڪهڙي پروجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيون آهيو؟**

**جواب:** آئون هن وقت نيشنل ٽيرف ڪميشن ۾ ڪم ڪري رهي آهيان. توهان ڪڏهن ڊمپنگ لفظ ٻڌو آهي، اينٽي ڊمپنگ WTO جا قانون سڄي دنيا ۾ لاڳو آهن. پاڪستان ۾ نيشنل ٽيرف ڪميشن ان کي ڏسندي آهي. سي ايس ايس ڪرڻ ڪانپوءِ آئون ڪسٽم ۾ هلي ويس، اتي گهڻو وقت رهيس ان ڪانپوءِ آئون منسٽري آف ڪامرس ۾ هلي ويس 11-2010 جي ڳالهہ آهي. ڇهہ ست سال مون ڪامرس ۾ ڪم ڪيو. جڏهن منهنجي رٽائرمينٽ ڊيو هئي تہ ان وقت هن جو اشتهار ڇپيو، اصل ۾ هي منسٽري آف ڪامرس جي اندر ڊپارٽمينٽ آهي. مون ان وقت سوچيو تہ سٺو ڪانٽريڪٽ آهي ۽ پگهار بہ سٺي آهي ۽ ان جي لاءِ مون درخواست ڏني. جنهن لاءِ ضروري اهو هو تہ گورنمينٽ سروس تان رٽائر ٿيڻ ڪانپوءِ توهان هن پروجيڪٽ کي حاصل ڪري سگهو پيا. ان لاءِ مون کي جلدي رٽائرمينٽ وٺڻي پئي. ان وقت آئون ايڪيهين گريڊ ۾ هئس ۽ مون کي اميد هئي تہ آئون ٻاويهين گريڊ ۾ اچي وينديس، پر پوءِ مون فيصلو ڪيو تہ ٻاويهون گريڊ وٺي ڇا ڪرڻو آهي پوءِ مون هن پروجيڪٽ ۾ اپلاءِ ڪيو ۽ هينئر هتي آهيان. مون کي خبر آهي تہ آئون رٽائرمينٽ ڪانپوءِ گهر ۾ نٿي ويهي سگهان، منهنجي رٽائرمينٽ ۾ باقي بہ سال هئا، پر مون رٽائرمينٽ وٺي ڇڏي. هي پنجن سالن جو ڪانٽريڪٽ آهي جنهن کي ٽي سال گذري ويا آهن باقي بہ سال آهن. ٻن سالن ڪانپوءِ سوچيندس تہ ڇا ڪرڻو آهي.

**سوال: ڇا هن ڪانٽريڪٽ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ توهان اسٽينڊ اپ ڪاميڊي کي پنهنجو ڪيريئر ٺاهڻ جو سوچيو آهي؟**

**جواب:** ها هن وقت منهنجي ڪوشش تہ اهائي آهي تہ آئون ان ۾ مهارت حاصل ڪيان ۽ ان کي پنهنجو ٻيو ڪيريئر ٺاهيان. اڃان هڪڙي ٻي شيءِ جيڪا منهنجي زندگيءَ ۾ رهجي وئي آهي اهو آهي اسٽيج، هڪڙو دفعو سپ ايئن ويٺا هئاسين تہ انهن هڪ پلي جي باري ۾ ڳالهايو پئي، جنهن ۾ هنن چيو پئي تہ جنهن ڇوڪري مين ڪردار ادا ڪيو پئي اها ڪيڏانهن هلي وئي آهي، هنن مون کان پڇيو تہ اهو ڪردار ڇا آئون ادا ڪري سگهيان ٿي مون چيو ها آئون ڪري وٺنديس. هن وقت آئون پنهنجو پاڻ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ۾ هلي رهي آهيان. مون کي جنهن بہ شيءِ ۾ وڏيڪ مزو آيو آئون ان کي پنهنجو ڪيريئر ٺاهينديس. ٿي سگهي ٿو تہ شاعري ڪيان يا وري ايڪٽنگ. جيڪو ڪردار مون کي ڪرڻ لاءِ اتفاق سان ڏنو ويو اهو ڏاڍو مزيدار هو، اهو منهنجي عمر جي هڪ عورت جو ڪردار هو، جنهن ۾ ان عورت جو مڙس مري ٿو وڃي. سندس مڙس جي مرڻ ڪانپوءِ ڪيس خبر ٿي پوي تہ سندس مڙس جا ٻين ڪيترين ئي عورتن سان افيئر هئا ۽ اهي سپ عورتون ان عورت جون سهيليون هيون. اهو





ڪردار هڪ مسٽري آهي جيڪو ٺاٺي ڪلچر سان شروع ٿو ٿئي ۽ شهر ۾ روز عورتون قتل پيون ٿينديون آهن، خبر نہ هوندي آهي تہ قاتل ڪير آهي. اهو ڪردار جنهن جو نالو خورشيد بيگم آهي اها اڇي ٿي ٺاٺي تي ۽ چوي ٿي تہ منهنجي گهر مان چوري ٿي وئي آهي. پوليس ان ۾ لڳي ٿي وڃي، آخر ۾ مسٽري اتي ختم ٿئي تہ اها خورشيد بيگم ئي انهن عورتن جي قاتل آهي. جڏهن هن کان پڇيو ٿو وڃي تہ هن انهن عورتن کي ڇو ماريو تہ هوءَ چوي ٿي تہ مون کي خبر پئي تہ انهن سڀني عورتن جا منهنجي مڙس سان افيئر هئا ۽ آخر ۾ هوءَ ڇري ٿي وڃي ٿي. مون کي ان ڪردار جي ريهرسل ڪرڻ ۾ بلڪل مزو ڪونہ آيو، پر پوءِ مون ان ڪردار جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو. عورت کي چيو وڃي ٿو تہ هاڻي توکي جيل ۾ رهڻو پوندو، هوءَ پنهنجي مونو لاڳ ۾ چوي ٿي ”منهنجي زندگيءَ ۾ رهجي ڇا ويو آهي، منهنجي مڙس مون کي دوکو ڏنو ۽ هاڻي هن گهر ۾ رهي مون کي ڇا ڪرڻو آهي، هي گهر تہ اسان ٻنهي گڏجي پنهنجي لاءِ ٺهرايو هو.“ ان جو مونو لاگ تمام زبردست هو، ان کي ڪرڻ لاءِ مون کي تمام گهڻي محنت ڪرڻي پئي. آئون واقعي ان ڪردار ۾ گهڙي ويس. منهنجي ڪجھ ماڻهن سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي تہ آئون ايڪٽنگ ۾ ڪجھ ڪريان ۽ هڪ ٻہ اسڪرپٽ بہ سڌا نظر ۾ آهن ٿي سگهي ٿو تہ اتي ڪجھ ٿي وڃي.

**سوال: آئون اڃان تائين سمجهڻ کان قاصر آهيان تہ هڪ بيوروڪريٽ مسلسل ڪم ڪندي ٿي رهي ۽ ان کي پنهنجي لڪل ٽئلنٽ جي باري ۾ ڪڏهن خبر نٿي پوي ۽ آخر ۾ اڇي ان تي اهو راز ٿو کلي تہ ان کي انهن شين جو شوق آهي اهو سڀ ڇا آهي؟**

**جواب:** زاهده سچ تہ اهو آهي جڏهن کان وٺي مون اهو شهناز وارو ڪورس ڪيو آهي تڏهن کان مون کي پنهنجي اندر اها تبديلي محسوس ٿي. هڪڙو سڪ آهي جيڪو اسٽينڊ اپ نہ پر ويهي ڪاميڊي ڪندو آهي، ڪئناڊا ۾ رهندو آهي 77 سالن جو تہ هوندو ”ڪرلو“ جي نالي سان ڪندو آهي. ان جا گهڻو ڪري جيڪي بہ لطيفا هوندا آهن اهي زال ۽ مڙس جي مٿان هوندا آهن. ڪلهہ مون ان جو هڪڙو پروگرام پئي ڏٺو جنهن ۾ هو چوي ٿو تہ سچ پڇو تہ آئون لڳي ٿو جوان ئي هاڻي ٿيو آهيان، سو منهنجو بہ ساڳيو حال آهي. (ڪلندي).

**سوال: شهناز جي ڪورس ۾ ۽ ڪنهن آن لائين وڊيو ڏسي سکڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟**

**جواب:** اڄڪلهہ ميڊيٽيشن تي تمام گهڻيون وڊيوز آن لائين توهان کي ملي وينديون گوگل ڪريو تہ جهان پريو پيو آهي، پر اتي وڃڻ ماڻهن سان ملڻ، ان ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ خاص ڪري اتي نوجوان ماڻهن سان ملي توهان کي هڪڙو سٺو تجربو ٿئي ٿو. منهنجو مسئلو اهو رهيو آهي تہ مون سان گڏ جيڪي ماڻهو ڪم ڪن ٿا يا جن ڪم ڪيو آهي انهن سان آئون پنهنجا خيال ونڊيندي آهيان تہ انهن کي منهنجا خيال قبول نہ پوندا آهن جيڪا ڳالهہ مون کي غير مطمئن ڪري ڇڏيندي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ آئون خاموش ٿي ويندي آهيان ايئن مون سان گهر ۾ بہ ٿيندو هو. منهنجي پنهنجي آفيس ۾ بہ نوجوانن سان گهڻي ٺهندي آهي يا وري پنهنجي ٻارن جي دوستن سان بہ منهنجي ڪافي لڳندي آهي. منهنجي يونيورسٽي جي ٻن ٽن سهيلين کان علاوه ڪابہ دوست ڪونهي ڇو جو منهنجي ڪنهن سان ٺهندي ڪونهي. شهناز وٽ منهنجي انهن ماڻهن سان ملاقات ٿي جيڪي جوان هئا ۽ مون کي انهن سان گڏ رهي ايئن محسوس ٿيندو هو تہ آئون بہ جوان آهيان. نہ رڳو ايترو پر نوجوان بہ مون ڏانهن متوجهہ ٿيا. هڪڙو دفعو اسان کي پنج ڏينهن چپ جو روزو رکڻو هو جڏهن اهي پنج ڏينهن ختم ٿيا تہ ڪجھ نوجوان مون وٽ آيا ۽ مون کي چيائون تہ توهان جي شخصيت ۾ ڪا خاص ڳالهہ آهي. سچ اهو آهي تہ آئون پنهنجي عمر جي ماڻهن سان پنهنجن خيالن جي ڏي وٺ صحيح طرح نٿي ڪري سگهان. ڇو تہ آئون پنهنجي عمر جي عورتن سان ڪپڙن ۽ زيورن جي باري ۾ نٿي ڳالهائي سگهان. پهرين ڪوشش ڪندي هئس تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪري ڇڏيان هاڻي آئون اها ڪوشش بہ نٿي ڪريان. ان ڪري جيڪي ٿوريون گهڻيون سهيليون هيون اهي بہ ڌار ٿي ويون آهن.

**سوال: پنهنجي ٽئلنٽ جي اظهار کانپوءِ هاڻي توهان کي ڪيئن محسوس ٿئي ٿو؟**

**جواب:** مون کي ايئن لڳندو آهي تہ منهنجو جنم ئي هاڻي ٿيو هجي، ڪلهہ مون ڪنهن کي چيو پئي تہ ان کان پهرين مون کي ڪڏهن بہ محسوس نہ ٿيو تہ آئون ڪا زندگي جيءُ رهي آهيان ۽ حقيقت اها آهي تہ هاڻي پهريون ڀيرو مون کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ آئون جيئان پئي ۽ روح سان جيئان پئي، زندگي مون کي پنهنجي اندر ۾ محسوس ٿئي ٿي. جڏهن کان مون الڳ رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي تڏهن کان وٺي جيڏي مهل منهنجي دل چوي ٿي تہ آئون ٻاهر هلي ٿي وڃان رات جو ٻارهين وڳي پنهنجو ڪتو ڪڍي ان کي واڪ ڪرائڻ لاءِ نڪري ٿي وڃان هاڻي مون کي اهو چوڻ وارو ڪير ڪونهي تہ هيڏي مهل ڪيڏانهن پئي وڃين، هينئن ٿي ويندو هونئن ٿي ويندو ماڻهو ڇا چوندا.

**سوال: انسان کي ڪيئن جيئڻ کپي؟ ڪو اهڙو پيغام جيڪو سڀني لاءِ هجي.**

**جواب:** ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سماج جا ڪجھ اصول بہ آهن انهن جي پاسداري ڪرڻ بہ انتهائي ضروري آهي ۽ هر فرد جي مٿان ڪجھ ذميداريون عائد ٿين ٿيون اهي بہ پوريون ڪرڻ ضروري آهن، پر پنهنجي اندر جي انسان کي ڪڏهن بہ مارڻ نہ گهرجي، ان کي زنده رکڻ انتهائي ضروري آهي ۽ ان اندر جي انسان کي هڪ صحتمند ۽ خوش زندگي گذارڻ جو حق ڏنو وڃي. عورتن جي لاءِ خاص طور تي آئون اهو چوڻ چاهينديس ڇو تہ مرد پنهنجي مرضيءَ سان گهڻو ڪجھ ڪري ٿو وٺي، پر عورتن کي انهن جي مرضيءَ واري زندگي نٿي گذارڻ ڏني وڃي. عورتن لاءِ منهنجو پيغام اهو آهي تہ عورت کي اهڙو مقام جيئڻ لاءِ خود ٺاهڻو پوندو ۽ اهو ڪرڻو پوندو ۽ اهو ڪرڻ گهرجي. توهان جيڪي ڪرڻ چاهيو ٿيون ڪيو، جيڪي ڪپڙا پائڻ چاهيو ٿيون پايو، جيڪو کائڻ چاهيو ٿيون کائو، جتي وڃڻ چاهيو ٿيون وڃو، توهان جيئن سوچڻ چاهيو ٿيون تہ ايئن سوچيو اها آزادي ملڻ کپي. هن وقت ان قسم جي آزادي عورت کي حاصل ڪونهي.





Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

حصواوڻٽيهون

# پراگ ڏانهن...

اعجاز منگي

اسلام آباد اچي رهيو هئس ات ڏهه همراهه شلوار قميص ۽ پشاوري چپلن ۾ کندڀ ۾ ويٺا هئا ۽ ويٺا ٿيلهن مان سامان کڍن ۽ رکن. بورڊنگ وارو ڪائونٽر اڃان نه کليو هو ان لاءِ ڊگهي قطار هئي، قطار ۾ بيٺلن کي بيچيني هئي ته ڪائونٽر کلن ته بورڊنگ ڪرائي آرام سان لائونج ۾ انتظار ڪجي، پر هي همراهه دنيا کان بيپرواهه پنهنجي ڪرت ۾ لڳا پيا هئا. جيئن ئي ڪائونٽر کليو ته سامان سهيڙي ٿيلها کڻي هڪ ٻه همراهن جي وچ ۾ پنج اٺ ڄڻا بيهي رهيا. انهن ٻن ماڻهن جيڪي شايد سندن دوست هئا جڳهه رکي هئي هي سڄو لڪاءُ مون کان ڪجهه اڳيان ٿي رهيو هو. اتي هڪ مسافر اعتراض ڪيو ته اهو ڇاهي؟ پر همراهن ڪيس تڙي لڳائي ته هي به خاموش ٿي ويهي رهيو. جڏهن ڪائونٽر تي سامان ڏيڻ لاءِ آيا ته انهن مان هڪ همراهه جو وزن ڪافي وڌيڪ هو ڪائونٽر تي ويٺل چيني همراهه ڪيس اسرار ڪري رهيو هو يا ته وڌيڪ پئسا ڀري يا وري سامان گهٽائي، پر حرام جو هي همراهه ڳالهه مڃي، مان دلچسپيءَ سان اهڙو جهيڙو ڏسي رهيو هئس ته پٺاڻ ٿو ڪٽي يا چيني. هڪ ڳالهه تي تعجب ٿيو ته پٺاڻ چيني ٻولي تمام گهٽي گهٽي رواني سان ڳالهائي رهيو هو سندس عمر سٺ کان وڌيڪ هوندي اڇي ڏاڙهي، ميرڙا ڪپڙا، پشاوري ٽوپي خير چيني ڪٽي ويو ۽ همراهه کي وڌيڪ پئسا ڏيئي ڪري پنهنجو سامان بُڪ ڪرائڻو پيو.

اتفاق سان ساڳئي همراهه جي سيٽ منهنجي سيٽ سان لڳولڳ هئي. جهاز اڏامڻ ته ڪانئس حال احوال شروع ڪيم همراهه ٻڌايو ته پاڪستان ۾ جيڪا پاڪستاني پينسل ملي ٿي اها گهڻي ڀاڱي هو ئي درآمد ڪندو آهي، هر ٽن مهينن ڪانپوءِ چڪر لڳائيندو آهي سامان بُڪ ڪرائيندو آهي جيڪو سامونڊي جهاز ذريعي اچي پهچندو آهي.



قطر ايئرلائين جو جهاز اسلام آباد مان اڏامڻ ته ڏنڏ هئي ۽ شهر جون روشنيون ميرانجهڙيون نظر اچڻ لڳيون، دريءَ کان هيٺ نهاريم ته شهر ننڍ پيو هو ۽ شايد ڪشمير هاءِ وي تي ڪجهه گاڏيون هلي رهيون هيون.

ڪجهه دير ڪانپوءِ اهي به گم ٿي ويون جهاز کي پهرين ابوظهبي پهچائڻو هو، ان ڪانپوءِ هڪ ٻي فلائيٽ جي ذريعي پراگ وڃڻو هو. قطر ايئر ويز جو جهاز ڪافي آرامده هو، پر مون کي هڪ ڳالهه جي پريشاني هئي ته منهنجي پرسان ويٺل همراهه کي شديد بخار هو ۽ رکي رکي ايا ساهه پيو کڻي. همراهه پشاور کان چڙهيو هو ۽ روزگار جي سانگي ابوظهبي وڃي رهيو هو. ڪانئس پڇيم ته طبيعت خراب هئس ته واپس ڇو وڃي رهيو آهين آرام ۽ اطمينان سان علاج ڪرائي پوءِ وڃي ها. سندس جواب منهنجي لاءِ حيران ڪندڙ هو ته پاڪستان ۾ منهنجو ڪهڙو پلو علاج ٿئي ها؟ ابوظهبي ۾ ته علاج به مفت ۾ ٿيندو ۽ پلو به ٿيندو. هتي ته دوائون به پيو نمبر آهن ان لاءِ مري به اتي پهچندس سندس جواب ٻڌي مون کي سخت حيرت ٿي.

سندس حالت بهتر نه هئي ايئر هوسٽس کي چيم ته ڪيس ڪا دوا وغيره هجي ته ڏيوس. هوءَ ڪا بخار جي دوا کڻي آئي، پر همراهه ڪيسي ۾ پشاور مان ورتل دوائن جي پتي مان ٻه گوريون ڪاڍيون شايد اهي ٻه نمبر نه هونديون. ڪڏهن ڪڏهن انسانن جي رويي تي سخت پريشاني ٿيندي آهي همراهه ٻه گوريون کائي سمهي پيو، شايد اک لڳي وئي هئس مون کي اچي ڊپ ويٺو ته همراهه پيالو نه ڪري ويو هجي.

ڪجهه قومون اوهان کي روزگار جي سلسلي ۾ جتي ڪٿي ملنديون انهن مان پٺاڻ به هڪ آهي. مان بيجنگ ايئرپورٽ کان

پچا ڪئي مانس تہ پلا فون جي ذريعي سامان چو نٿو گهرائين؟ ڪلي چيائين تہ چيني وڏا استاد آهن سامان هڪڙو ٻڌائي ٻيو موڪليندا ان لاءِ پنهنجو هجڻ انتهائي ضروري آهي. لاهور جي اردو بازار ۾ دڪان آهي صرف هول سيل جو ڪم ڪندو آهيان اهي ٻہ صرف پينسلون هاٽي لڳ ڀڳ ٽن ڪروڙن جو سامان ٻُڪ ڪرايو اٿم. پاڻ ئي ٻڌايائين تہ ان تي لڳ ڀڳ پنجاهہ لکن جو تہ منافعو ٿيندو سچ چوند آهن تہ ”اتم کيتي، نيچ نوڪري، وڏندڙ واپار.“ اسان جا ماڻهو الائي ڪڏهن ايئن ڪاروبار ڪرڻ سگهندا؟

ڳالهين ۾ ماڻهو ڪٿان ڪان ڪٿي نڪريو وڃي. منهنجي پرسان ويٺل همراهہ ننڊ ۾ پاسو ورايو تہ دلجاءِ ٿي تہ جيئرو آهي. هونئن تہ منهنجي عادت آهي تہ سفر ۾ ڪو نہ ڪو ڪتاب ضرور کڻندو آهيان هاڻ بہ ڪتاب ساڻ هو، پر هتي حالتون ڪجهہ اهڙيون اڳيان آيون جو بهتر سمجهيم تہ ڪتاب پڙهڻ بدران ڪا مووي ڏسجي. منهنجي گهڻي دلچسپي سائنس فڪشن ۾ هوندي آهي، هڪ پلي مووي هٿ لڳي وئي اها ڏسڻ شروع ڪيم. جهاز ۾ ڏسڻ جو هڪ نقصان اهو آهي تہ بار بار اعلانن جي ڪري جيڪو پائليٽ ڪندو رهندو آهي ان سان پريشاني ٿيندي آهي ۽ هرو ڀرو پارو چڙهي ويندو آهي. خير مان پوءِ مگن ٿي ويندو آهيان اسلام آباد کان ابوظهبي جو فلائيٽ ٽائيم لڳ ڀڳ ساڍا ٽي ڪلاڪ هو ۽ مان ان عرصي دوران ٻہ فلمون ڏسي پئي سگهيس. خير وڊيوز بہ ڏٺيون ۽ جهاز ۾ مليل کاڌي مان بہ مزو ماڻيو. اعلان ٿيو تہ جهاز ابوظهبي ايئرپورٽ تي پهچڻ وارو آهي. ابوظهبي جون عمارتون پري کان نظر اچڻ لڳيون سج اجان اڀريو نہ هو ان لاءِ هلڪي هلڪي ڏنڌ هئي.

جهاز پنهنجي آرام آهستي آهستي گهٽائي ايئن پئي لڳو تہ شايد جهاز سمنڊ ۾ ئي لهندو، پر اصل ۾ جهاز ايئرپورٽ جي رن وي تي لهڻو هو، پر اهو سمنڊ ڪناري هو ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ شايد رن وي سمنڊ کي پري ٺاهيو ويو آهي.

اسلام آباد جي ڀيٽ ۾ هتي هڪ گرمي پد وڌيڪ هو ۽ ٻاهر ڏسڻ سان محسوس پيو ٿئي تہ موسم ڪافي متوازن آهي. هونئن بہ اهي شهر جيڪي سمنڊ جي ڪناري هوندا آهن انهن جي موسم گهڻي ٿڌي ناهي ٿيندي. ڪراچي هجي يا شنگهائي موسم ايترو ٿڌو ناهي هوندو. جهاز مان لهي بس ۾ ويٺاسين تہ بلڪل ايئن ئي هو سوئيٽر پاتل هو جيڪو ڪافي گرمي پيو ڪري!

ايئرپورٽ جي اندر تہ ٽيمپريچر قابو ۾ هو ابوظهبي جو هوائي اڏو ڪافي وڏو هو رن وي کان ٽرمينل تائين پندرهن ويهہ منٽ لڳي ويا. اڳئين فلائيٽ بہ قطر هئي چيڪنگ مان فارغ ٿي جڏهن لائونج طرف وڃي رهيو هئس تہ پويان کنهن منهنجو نالو ورتو، مان سوچڻ لڳس تہ هتي ڪير ٿي سگهي ٿو مڙي ڏٺم تہ ڪا ڄاتل سڃاتل شڪل هئي، پر ياد نہ پيو اچي ويجهو ويس تہ چهري تي مسڪراهٽ آئي چيائين تہ لڳي ٿو تہ نٿو سڃاڻين؟

همراهہ عربي لهجي ۾ انگريزي ڳالهائي رهيو هو چيومانس يار شڪل تہ ڄاتل سڃاتل لڳي ٿي، پر ياد نٿو اچي تہ ڪٿي مليا هئاسين. مون کي چيائين تہ منهنجي حافظي کي داد ڏي تہ ايترن سالن باوجود بہ توکي ياد رکيو آهي غور سان ڏٺومانس تہ مون کي بہ ياد پيو اڙي تون تہ زياد آهين!! پوءِ تہ ياڪرين پئجي وياسين زياد ۽ مان بيجنگ ۾ ٽن هفتن جو ڪورس گڏ ڪيو هو ۽ ان کانپوءِ شنگهائي ۾ گڏ هئاسين ڏاڍي زبردست دوستي هئي پوءِ همراهہ سان رابطو نہ رهيو. هرهڪ وقت جي گردش ۾ گم ٿي ويو زياد جو وزن ڪافي وڌي ويو هو ۽ فرنچ ڪٽ ڏاڙهي بہ هئس ان لاءِ پهرين نظر ۾ سڃاڻي نہ سگهيس اصل اردن جو آهي ۽ مون وانگي اليڪٽرانڪس ۾ انجنيئرنگ ڪئي اٿائين.

پرسان ڪافي ورتيسين ۽ حال احوال ۾ لڳي وياسين. زياد ٻڌايو تہ کيس ٻہ ڌيئرون آهن ۽ هاڻي ڪئناڊا ۾ رهي ٿو شادي بہ هڪ عرب ڪئنيڊين ڇوڪري سان ڪئي آهي ۽ ڪافي مطمئن آهي. مان بہ کيس پنهنجو حال احوال ڏنو.

پاڻ فرانس وڃي رهيو هو ان کانپوءِ کيس ڪئناڊا وڃڻ هو هن جي فلائيٽ مون کان پهرين هئي ڪافي تي سٺي ڪچهري ٿي ان کانپوءِ چيائين هاڻي گيٽ تي وڃان ٿو ڪجهہ ٻيا بہ دوست اتي منهنجو انتظار ڪن ٿا پاڪر پائي موڪلايوسين رابطن جي مٽا سٽا ڪئي سين.

مان پنهنجو لگيج کڻي پنهنجي گيٽ طرف روانو ٿيس، پر فلائيٽ ۾ اجان ٻہ ڪلاڪ هئا ان لاءِ وقت گذارڻ لاءِ دڪانن تي چڙهي ويس اصل ۾ مون کي پرفيوم تمام گهڻيون پسند آهن ان لاءِ ايئرپورٽ تي پرفيوم وٺان نہ وٺان، پر چيڪ ضرور ڪندو آهيان. اڪثر ڊيوٽي فري هونديون آهن ان لاءِ مناسب قيمت تي ملي وينديون آهن. مون سان گڏ ڪراچي مان هڪ دوست اچڻو هو جنهن جو سفر بہ پراگ تائين هو اسلام آباد مان نڪرڻ وقت کيس چيو هو تہ ابوظهبي ايئرپورٽ تي ملنداسين شايد هن جو پهرين سفر هو ان لاءِ ٿورو گهٻرايل هو. پائو کي چيم تہ بورڊنگ هڪ ئي گيٽ تان ٿيندي ان لاءِ اتي ئي ملنداسين، پر جيئن ئي واٽس ايپ آن ڪيم تہ همراهہ جي پيغامن جي ڀرمار لڳي پئي هئي تہ ڪٿي آهيو؟ کيس دلجاءِ ڏنم تہ پهچي ويو آهيان ان لاءِ گهٻرائي نہ گيٽ تي انتظار ڪجانءِ. مان وري شاپنگ ۾ لڳي ويس واپسي تي بہ هتان ئي واپس اچڻو هو ۽ ٽرانزٽ ٽائيم ڇهہ ڪلاڪ هو ان لاءِ ڏسڻ پئي چاهيم تہ واپسي تي ڪهڙيون شيون وٺي سگهجن ٿيون. منهنجي ننڍڙي کي چاڪليٽ پسند آهن ان لاءِ چاڪليٽ بہ ڏسان پيو ڪافي دڪان گهمڻ کانپوءِ ڪجهہ شيون لسٽ ۾ لکي ڇڏيم جيڪي واپسي تي وٺڻ جو سوچان پيو.

جهاز جو ٽائيم ٿيڻ وارو هو ان لاءِ گيٽ ڏانهن رخ رکيم رستي ۾ هئس تہ اوچتو کنهن آواز ڏنو ”مون کي اوهان جي مدد جي ضرورت آهي“ پوئتي مڙي ڏٺم تہ عمر جي پڇاڙڪن سالن ۾ هڪ همراهہ کي هٿ ۾ موبائل هو ۽ چوي پيو تہ کيس انٽرنيٽ سان ڳنڍجڻو آهي، پر ٿي نہ پيو سگهي کيس ٻڌايم تہ واءِ فاءِ آن ڪري پاسورڊ جو نمبر لکي تہ پاڻ ئي انٽرنيٽ هلندس ”مهرباني اوهان جي“ مرڪي چيائين کنهن جي بہ ٿوري مدد سان ڪافي سڪون ملي ٿو.

گيٽ تي پهتس جيڪو سفر ڪندڙ ساٿي افتخار اتاولو بيٺو هو مون کي ڏسي کيس اطمينان ٿيو جهاز ۾ بورڊنگ ڪئي ۽ هاڻ سفر هو پراگ ڏانهن.

....(هلندڙ)....

ماھوار مئگزين
Regd. No: 3160
همسري
حيدرآباد

## ناول- قسط ٽيتاليهين

# رنگ گرِهڻ

**ضراب حيدر**

نسرين مهتاب اڪثر مَرڪان جو ذڪر ڪندي رهندي هئي، سندس گفتگو ۾ مَرڪان هڪ آئيڊيل طور شامل هوندي هئي، هوءَ مَرڪان جون عجيب عجيب ڳالهيون ٻڌائيندي هئي. هوءَ جڏهن بہ مَرڪان جو ذڪر ڪندي هئي تہ سندس مُنهن تي سَرهائي اچي ويندي هئي. ايئن لڳندو هو ڄڻ ڪو عاشق معشوق جو ذڪر ڪري رهيو آهي. نسرين هڪ ڀيري ٻڌايو پئي تہ جڏهن ڪان هُن مَرڪان جو ڪپڙا مَٽيندي جسم ڏٺو هو، تڏهن ڪان هوءَ اڪثر ڪري ڪنهن اهڙيءَ مهل، اوچتو مَرڪان جي گهر هلي ويندي هئي، جنهن وقت هوءَ مَرڪان جو جسم، ڪپڙا مَٽائيندي ڏسي وٺي. نسرين ٻڌايو پئي تہ اُن ڪانپوءِ بہ هُن مَرڪان کي ڪيترا ڀيرا ڪپڙا مٽائيندي ڏٺو هو، جنهن ڪانپوءِ سندس تجسُس اجان بہ وڌي ويو هو. نسرين ٻُڌايو پئي تہ هُوءَ اڪيلائي جي لمحن ۾ مَرڪان جي جسم متعلق سوچيندي رهندي هئي. سندس جسم جي رنگ متعلق سوچيندي رهندي هئي جيڪو ڪپڙن بنا نہ اُگهاڙو لڳندو هو نہ وري ڪا بيشرمي محسوس ٿيندي هئي. نسرين ٻڌايو هو تہ مَرڪان جو مُڙس موالي تہ هو ئي، پر ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ مَرڪان جي ويجهو نہ ويو هو، جيڪو هُن پنهنجي ماءُ ۽ مَرڪان جي ڳالهين مان ٻُڌو ۽ سمجهو هو. اُن جي پسمنظر ۾ نسرين ٻڌائيندي هئي تہ مان جڏهن بالغ ٿي هئس تہ مان غسل خاني ۾ وهنجدي پنهنجو جسم ڏسندي هئس. مون کي پنهنجو جسم مَرڪان جي جسم جي ڀيٽ ۾ عُريان نظر ايندو هو ۽ پنهنجي جسم ۾ هڪڙي ڪشش سان گڏ بي شرمي بہ محسوس ٿيندي هئي. جنهن ڪانپوءِ مان اِهو اندازو لڳائيندي هئس، شايد منهنجو اُهو اندازو غلط بہ هُجي تہ ”مرڪان جي مڙس جي شايد تڏهن سندس ويجهو اچڻ تي دِل نہ چوندي هُجي جو مَرڪان جي جسم جي رنگ ۾ ڪا ڪشش نہ هئي. اُن ڪانپوءِ کِلندي چيو هئائين، ڪاش! ممڪن هُجي ها تہ پاڻ ٻئي مرڪان جي قبر کوٽي سندس جسم هلي ڏسون ها، مان توکي سندس جسم جي رنگت ڏيکاريان ها، پر جيڪڏهن اِهو ممڪن بہ هُجي تہ بہ هاڻي تہ مَرڪان جو جسم قبر ۾ ڳري سڙي ويو هوندو.“

پوءِ جڏهن مون، مَرڪان جي پينٽنگ ٺاهي هئي تہ نسرين حيرت ۾ پئجي وئي هئي، هُن چيو هو تہ ”ملهار تو تہ پينٽنگ ۾ مَرڪان کي هوبهو چِٽيو آهي، ڄڻ سندس قبر کوٽي ڪيس ڏسي آيو هُجين. مون تہ توکي سندس بليڪ اينڊ وائيٽ فوٽو ڏنو هو جنهن ۾ ڪي بہ رنگ نہ هئا. هُن آرٽسٽ يا مصور کي ڪمال جي مخلوق سمجهندي، بي ساختہ مون کي چمي تہ ڏئي ورتي هئي، پر مَرڪان جي مُنهن جي آفيمي رنگ تي تيل ميٽ واري ليپ کي ڏسندي اِهو بہ چيو هئائين تہ مون مَرڪان جي پينٽنگ ۾ جان تہ وڌي ئي آهي، پر اُها ڪشش بہ پيدا ڪئي آهي، جيڪا ڪيس سندس جسامت جي رنگ ۾ ڪڏهن بہ محسوس نہ ٿي هئي.“ جنهن تي مون ڪيس چيو هو تہ ”عورت ۽ مرد جي نگاهہ ۾ اِهو تہ فرق هوندو آهي.“ هُن جڏهن مون ڏانهن حيرت وچان نِهاريو هو تہ مون ڪيس چيو تہ:

”نسرين! عورت جي نظر ڍڪيل هوندي آهي اُن ۾ قدرتي پردو يا حياءُ آهي. تنهنڪري ئي شايد توکي مَرڪان جي اُگهاڙي جسم ۾ بہ اُگهاڙپ نظر نہ ايندي هُجي. ٻيو ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي عاشقي ۽ عقيدت ڪيس اُن نگاهہ سان ڏسندي ئي نہ هُجي شايد! هونئن بہ عشق يا عقيدت وڏو ڍڪ هوندي آهي.“ جنهن ڪانپوءِ هُن منهنجي ڳالهہ کي مڃيندي بہ ڄڻ رد ڪيو هو ۽ چيو هئائين تہ پوءِ ”فائزا جي جسم ڏسڻ سان بہ چو سندس جسم اُگهاڙو نہ لڳو هو.“

نسرين فائزا بابت گفتگو ڪرڻ مَهل مون کي اڄ سِڌي طرح فائزا متعلق ڪجهہ ٻُڌائڻ چاهيندي هئي، پر ٻُڌائي نہ سگهندي هئي. مان جيتوڻيڪ سندس گفتگو ۾ جيليسي يا طنز محسوس ڪندو هئس، پر ايئن نہ هو، ڪيس فائزا سان بہ همدردي هئي. هُن هڪ ڀيري فائزا کي ايئن ئي مَرڪان سان بہ ڀيٽيو هو. مون جڏهن تفصيل ۾ وڃڻ چاهيو تہ هوءَ ڳالهہ مٽائي وئي، پر ايترو چيو هئائين تہ ”الائي چو، ڪيس فائزا جو جسم بہ مَرڪان جي جسم جيان عُريانيت يا اوگهڙ کان پاڪ لڳو هو.“ مون ڪانئس پڇيو هو تہ ”هُن فائزا جو جسم ڪيئن ڏٺو؟“ تڏهن هُن وراڻيو هو تہ ”جڏهن فائزا خودڪشي جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ تو ڪيس اسپتال آندو هو تہ اسٽمڪ واش ڪرڻ کان اڳ اسپتال جو يونيفارم ڪيس هُن ئي پارايو هو. هونئن تہ يونيفارم مريض پاڻ ئي پائيندا آهن، پر جنهن مريض جي



حالت يونيفارم مَٽڻ جهڙي نہ هوندي آهي، تنهن جو يونيفارم اسپتال عملو بدلائيندو آهي، عورتن جو يونيفارم اسان نرسون ۽ مردن جو يونيفارم وارڊ بواءِ بدلائيندا آهن.“
هڪ ڀيري اسان سُني موڊ ۾ ويٺا هئاسين تہ نسرين چيو هو:
”ملهار توکي خبر آهي تہ فائزا ڇا آهي؟“ مو جڏهن ڪانئس پُڇيو هو تہ ”ڇا! آهي فائزا؟“ تہ هوءَ خاموش ٿي وئي هئي، ڇپن تي آڱر رکي سوچيندي چيو هئائين:
”ها، هوءَ هڪ عورت آهي...“ هلڪو ٽهڪ ڏيئي وري چيو هئائين:
”هڪڙي گريسفل عورت. ملهار! تون چوندو آهين نہ تہ فائزا تنهنجي دوست آهي، پر عمر ۽ اسٽيٽس جي حوالي سان تنهنجي ساڻس دوستي ٺهي نٿي.“ اُن لمحي منهنجي مُنهن جا تاثر پڙهندي، يڪدم وري چيو هئائين:
”نہ نہ... منهنجو ڇا؟ تنهنجي مرضي... تنهنجي دوست آهي فائزا، مان ڪير ٿيندي آهيان ڪنهن جي دوستيءَ وچ ۾ حدون جوڙڻ واري.“
هوءَ اڪثر مون کان اِهو بہ پڇندي رهندي هئي تہ فائزا خودڪشي ڇا لاءِ ڪئي هئي؟ هوءَ زور ڏئي اِهو بہ پُڇڻ چاهيندي هئي تہ مان کيس سچ سچ ٻُڌايان تہ فائزا خودڪشي، منهنجي ڪري ڪئي هئي يا وري سندس ڪو نفسياتي مسئلو هو.
نسرين جي سوال ڪانپوءِ مان بہ پنهنجي مُنهن سوچيندو هئس تہ فائزا خودڪشي ڇو ڪئي؟ ڇا سچ پچ هُن منهنجي رويي جي ڪري خودڪشي ڪئي هئي يا وري سندس پنهنجو ڪو نفسياتي مونجهارو هو، جيتوڻيڪ مون جيڪو ساڻس ورتاءُ ڪيو هو سو ايڏو خراب بہ نہ هو، جنهنڪري هڪ سُلجهيل پڙهيل لکيل، سنجيده عورت، ڪا خودڪشي جي ڪوشش ڪري.
جيتوڻيڪ ساڻس گهاريل سموري عرصي ۾ مون ساڻس محبت جتائي آهي، مون هر ڀيري کيس پنهنجي پيار ۽ احساسن ۾ آٽڻ چاهيو آهي. موٽ ۾ هوءَ ئي مون کان ڏور ڀڄندي رهي آهي. جڏهن تہ هوءَ مون کي اِهو ٻانور بہ ڪرائيندي آهي تہ هُن مون کي ئي پنهنجي ايترو ويجهو اچڻ ڏنو آهي، دنيا جهان جي سير سياحت ڪرڻ باوجود هن ڪڏهن بہ ڪنهن مرد لاءِ سوچيو ڪونهي نہ ئي وري ڪو مرد زندگيءَ ۾ سندس ويجهو ٿيو آهي.
خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪانپوءِ هڪ اڌ دفعو جڏهن فائزا مون وٽ آئي تہ اتفاق سان نسرين بہ منهنجي فليٽ تي موجود هئي، فائزا جيتوڻيڪ نسرين سان کِلي خير عافيت ڪندي هئي، پر سندس اکين ۾ خزان لهي ايندي هئي، ايئن ئي نسرين جي مُنهن جا رنگ بہ بدلجي ويندا هئا. هو ٻئي ڄڻيون مصنوعي طور هڪٻئي سان کِلي ڳالهائينديون هُيون، پر دلي طور خوش نہ ٿينديون هيون.
پهريون ڀيرو نسرين جي موجودگيءَ ۾ جڏهن فائزا آئي هئي تہ نسرين جلد ئي موڪلائي هلي وئي هئي. ٻہ ٽي ڀيرا ايئن ئي ٿيو هو، فائزا جي ايندي، خير عافيت ڪانپوءِ نسرين موڪلائي هلي ويندي هئي. چوٿين ڀيري فائزا جڏهن نسرين جي موجودگي ۾ آئي هئي تہ خير عافيت ڪانپوءِ خراب موڊ ۾ وڃڻ لاءِ موڪلايو هئائين، اُن وقت نسرين موڪلائي وڃڻ جي پئي ڪئي تہ بہ نسرين فليٽ جي در مان نڪري وئي هئي. مون کيس ڪافي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هوءَ نہ ترسي هئي. ٻئي ڏينهن جڏهن مان فائزا وٽ ويو هئس تہ سندس مُنهن صفا لٿل هو،
رسمي حال احوال باوجود فائزا صحيح رُخ نہ ڏئي رهي هئي. ڪجهہ وقت ترسڻ باوجود بہ سندس رُخ مٺيل ئي رهيو، جنهن ڪري کيس چيم:
”ڇا مسئلو آهي فائزا! اڄ تہ رُخ ئي نٿي ڏين...؟“
”ڇا مطلب رُخ نٿي ڏيان، صحيح تہ آهيان مان...“
”منهنجو مطلب آهي تہ ڪو پيگ سيگ بہ نہ ڏنو اٿئي نہ وري پُڇيو اٿئي.“
”تون اڄ ڪلهہ هونئن ئي وڏن نشن ۾ آهين، توکي پيگ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“
”مان نشن ۾ ڪيئن، سمجهيس نہ فائزا... ٻڌائي نہ ڪهڙا نشا؟“
”نشا وري ڪهڙا، نسرين جا نشا، ٻيو ڇا؟“ مان حيرت ۾ پئجي ويس.
”اُف خدايا! خير تہ آهي نہ توسان فائزا!“
”اِن ۾ خير جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، سچ تہ چوان پئي.“
”اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪونهي فائزا، نسرين منهنجي دوست آهي.“
”اڇا دوست آهي! تڏهن جنهن وقت ڏس تو وٽ ويٺي آهي.“ هُن ڄڻ طنز وچان چيو.
”فائزا! نسرين مون وٽ شام جي ٽائيم، پينٽنگ سِکڻ لاءِ ايندي آهي.“ فائزا هڪڙو ٽهڪ ڏنو،
”اڇا، توسان صوفي تي ويهي، پينٽنگ سِکندي آهي. مون تہ ڪڏهن کيس ڪينواس ويجهو ناهي ڏٺو...“ مون بہ اڇاترو ٽهڪ ڏنو، مون هُجتائتو ٿيندي کيس چيو:
”پليز! فائزا موڊ صحيح ڪر ۽ مون کي پيگ پيار...!“ هوءَ بنا جواب ڏيڻ جي هلي وئي، واپس آئي تہ سندس هٿ ۾ بوتل ۽ خالي گلاس هو، جيڪو اچي ٽيبل تي رکيائين.
”هي وٺ بوتل ۽ گلاس، پاڻ ناهي پي ۽ جيترو دِل چويئي پي، ٻيو توکي کپي بہ ڇا؟ جام ۽ عورت ڪانسواءِ.“ مون فائزا جي مُنهن ۾ ڏٺو، هُن نظرون چورائيندي چيو:
”ها سچ پئي چوان، توکي عورت ۽ جام ڪانسواءِ ٻيو کپي بہ ڇا؟...“ مون گلاس کڻندي، ٽهڪ ڏنو ۽ چيم:
”فائزا! ايڏو وڏو الزام مون تي...!“
”الزام ڇا جو جيڪا حقيقت آهي، سا چئي اٿم...!؟“
”چڱو ڀلا مڃيوسين، پر اِهو ٻُڌائي تہ جام واري ڳالهہ ٺيڪ آهي، پر عورت واري ڳالهہ ڪهڙي حوالي سان..؟“ هوءَ خاموش مون کي ڏسندي رهي، مون گلاس ۾ پيگ ٺاهيو تہ هوءَ اُٿي وئي، سٽت ئي مِنرل واٽر جي بوتل آڻي ٽيبل تي رکيائين:
”ٻُڌ، فائزا! اڄ ڀلا هيءَ مهرباني ڇو ڪئي اٿئي سموري بوتل کڻي اچي رکڻ جي يا وري اُهو بہ ڪاوڙ جو ڪو نئون انداز آهي!“
”ڪاوڙ جو انداز ڇا لاءِ؟“
”هونئن تہ سدائين تون پيگ ناهي اچي رکندي آهين، اڄ لڳي ٿو ڪاوڙ اٿئي.“
”توکي جام سان مطلب، سو توکي مليو.. منهنجي ڪاوڙجڻ يا نہ ڪاوڙجڻ سان ڇا ٿو ٿئي...!“
”ڇو نٿو ٿئي! فائزا!، تنهنجي هٿن سان ٺهيل پيگ جو مزو ئي ڪجهہ ٻيو هوندو آهي...“
”تون جڏهن چاهيندين توکي جام مِلندو رهندو، خوشامد جي ضرورت ناهي.“ مون پيگ مان سُرڪ ڀريندي کيس چيو:
”ڪهڙو جام؟“

ماهوار مئگزين Regd. No: 3160 همسري حيدرآباد

”اِهو جيڪو تنهنجي سامهون رکيل آهي، ڀيو ڪهڙو؟“
”تون بہ تہ منهنجي سامهون ويٺي آهين. تون بہ تہ هڪ جام آهين.“ مون هڪڙو ٽهڪ ڏنو، مون ڏٺو تہ سندس مُنهن تي ڪي رنگ اچي گُم ٿي ويا.
”ها فائزا! مان تنهنجي لبن جو جام پيئڻ ٿو چاهيان.“ هُن ڪو بہ جواب نہ ڏنو، ٿورو مُرڪي، مون وري ڳالهايو:
”ها فائزا! مان سچ پيو چوان تہ مان هر وقت هر لمحي سموري زندگيءَ لاءِ تنهنجي لبن جو جام پنهنجي لبن ۾ اوتڻ ٿو چاهيان.“ مون يڪدم پيگ هڪ ساهي پيتو ۽ هڪ اسٽرانگ پيگ ٺاهي ورتم، منهنجي اسٽرانگ پيگ ٺاهڻ ڪانپوءِ هُن سُري بوتل کي کڻڻ لاءِ هٿ وڌو. مون سندس هٿ جي مٿان هٿ رکي، کيس روڪيو.
”چو؟ ڇا لاءِ ٿي کڻين...!“
”اِن لاءِ تہ تون، گهڻو پي ويندين ۽ پوءِ تنهنجي حالت خراب ٿي ويندي.“
”مان اِهو ئي تہ چاهيان ٿو اڄ تہ منهنجي حالت خراب ٿي وڃي.“
”چو، ڇا مطلب؟“
”مطلب تہ هوش حواس ۾ مان توسان ڳالهائي نہ سگهندسُ.“ هُن هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو:
”اهڙو ڇا ٿو ڳالهائڻ چاهين جيڪو هوش حواس ۾ ڳالهائي نہ سگهندين؟“
”فائزا! ڳالهائڻ لاءِ مون وٽ گهڻو ڪجهہ آهي، پر الائي چو تو، مون کي ڪڏهن بہ سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي.“
”تنهنجو اِهو اندازو بلڪل غلط آهي، ملهار!“
”ملهار! تنهنجي پيٽ ۾ مان توکي وڏيڪ سمجهان ٿي. تون شايد مون کي يا پنهنجو پاڻ کي ايترو لهي نہ سگهيو هُجين جيترو مون توکي لڌو ۽ ڄاتو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڄاڻان.“ مون هڪڙو ٽهڪ ڏنو:
”چئبو تہ مان ڪو آثار يا عجوبو آهيان جنهن کي تو لڌو يا ڄاتو آهي.“
”مان مذاق نہ پئي ڪريان، ملهار! اِها حقيقت آهي تہ تون هڪ آثار ئي آهين ۽ هڪڙو عجوبو بہ.“
”اڇا يلا، اِهو سمجهائيندين تہ ڪيئن؟“
”تون آثار ڪيئن آهين اِهو تہ وقت اچڻ تي ٻُڌائينديس، باقي اِهو ٻُڌايان ٿي تہ تون عجوبو ڪيئن آهين...“ مون مُرڪندي کيس چيو تہ:
”ها يلا اِهوئي ٻُڌائي، مون عجوبي متعلق...“
”ملهار! تون عجوبو اِن ڪري بہ آهين جو تون جيڪو ڪجهہ آهين، سو ناهين.“
”اِهو وري ڇا؟ اِها تہ منجهائڻ واري ڳالهہ ٿي ڄڻ، مذاق ٿي ڄڻ.“
”ملهار! مُنجهيل سو تہ تون آهين، جيتوڻيڪ تو سدائين مون کي هڪڙي مُنجهيل عورت چيو آهي، پر تون پاڻ مون کان وڏيڪ مُنجهيل آهين، ايئن ئي جيئن مون کي ڪا خبر ڪونهي تہ مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي، تيئن ئي توکي بہ پنهنجي ڪا خبر ڪونهي تہ توکي ڇا ڪرڻو آهي، ڪيڏانهن وڃڻو آهي.. ۽ مذاق؟ شايد مان نہ بہ ڪندي هُجان، پر تون سچ پچ مذاق ڪرين پيو، پنهنجو پاڻ سان بہ ۽ مون سان بہ...“ مون ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا...
”فائزا! اڄ سچ پچ لڳيم پيو تہ تون مون سان مذاق پئي ڪرين.“ مون ٻيو اسٽرانگ، پيگ تڪڙو پي، سگريٽ دُکايو، محسوس ٿيم تہ منهنجا خمار تِکا ٿي رهيا آهن، مون ٽيون پيگ ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هُن وري ساڳئي طرح منهنجي هٿ کي روڪيو، مون سندس هٿ پڪڙي، کيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ڀاڪر ۾ ڀري چُمي ڏئي ڇڏيم. محسوس ڪيم تہ کيس ڪاوڙ ڪونہ لڳي، پر منهنجو اِهو عمل برو بہ ڪونہ لڳو.
”فائزا، تون مون کي ٻُڌائي سگهندينءَ تہ مان ڪهڙي مذاق توسان پيو ڪريان؟“
”پنهنجائپ ۽ محبت وارو مذاق، ٻيو ڪهڙو؟“
”تون اِهو بلڪل غلط پئي چوين فائزا مون توسان ڪوبہ مذاق نہ ڪيو آهي، نہ ئي ڪريان پيو، مان توکي پنهنجو سمجهندو آهيان ۽ توکي چاهيندو آهيان....“
”تہ پوءِ، نسرين ۾ ايڏي دلچسپي ڇا لاءِ وٺي رهيو آهين؟“
”الا! تو تہ مون کي صفا ديڄاري ڇڏيو، چئبو تہ اصل ڳالهہ اِها آهي، جنهن پُڇيان تو ايڏي ساري تمهيد ٻڌي هئي.“
”مون اِن ڳالهہ جي ڪري تمهيد نہ ٻڌي آهي، مان تنهنجي طبيعت کان واقف آهيان، تون ڪڏهن بہ هڪ جاءِ هڪ ڪڙو رهڻ وارو ماڻهو ناهين، اِن ڪري جو تون آرٽسٽ آهين نہ...“
”فائزا! آرٽسٽ ۽ تخليقڪار ماڻهو تہ منهنجي خيال ۾ وڏيڪ ذميوار هوندا آهن...“
”ها بلڪل هوندا آهن، پر اُهي ڪٿي بہ ٽانيڪا ٿي نہ سگهندا آهن.“
”مون کي تنهنجي ڳالهہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.“
”منهنجي ڳالهہ توکي سمجهہ ۾ ايندي بہ ڪونہ، اِن لاءِ جو تون اندران ڪجهہ ٻيو ۽ ٻاهران ٻيو ڪجهہ آهين، تون جيڪو ڪجهہ ٻاهران آهين سو اندران بلڪل بہ ڪونہ آهين ۽ اندران جيڪو ڪجهہ آهين، سو لهڻ ۽ سمجهڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي اٿئي.“ هُن مون ڏانهن ڏٺو، وري ڳالهايائين:
”ملهار! تون ڪمال جو آرٽسٽ آهين، تنهنجي اندر ۾ وڏيون ڪائناتون ۽ قوتون سمايل آهن، پر تون اُهي سڀ بس رنگن جي چاهہ ۾ وڃائي ڇڏين ٿو، پوءِ اُهي رنگ ڪٿي تنهنجي بُرش ۽ ڪينواسن جا هُجن يا وري تنهنجي زندگيءَ ۽ لذتن جا.“ مان حيرت وچان کيس ڏسڻ لڳس، هڪ لمحي لاءِ گُمان ٿيڻ لڳم تہ جيڪڏهن مان اکيون بند ڪري صرف فائزا جون ڳالهيون ٻُڌان تہ ايئن لڳندو ڄڻ ڊاڪٽر راءُ بشير ڳالهائي رهيو آهي يا وري استاد جوزف پيو ڳالهائي.
”ڇا پيو سوچين، ملهار! تو ڪڏهن بہ پنهنجي اندر ۾ ليئو پائي اُن رنگ کي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، جيڪو الائي تہ ڪيترن جُڳن ۽ زمانن تي دسترس رکي ٿو. تون ڇا ٿو سمجهين تہ تو جيڪا شاهڪار پيٽنگ ٺاهي آهي سا ڪنهن بہ ريت، تنهنجي شعور يا تنهنجي فن جي ڪرامت آهي؟ تہ اُن جو جواب آهي نہ هرگز نہ. اُهو شاهڪار تنهنجي لاشعور جي تخليق آهي، جيڪو وڏن خزانن سان ڀريل هوندو آهي. مان مڃان ٿي مان ڊڄڻي عورت آهيان، مان تنهنجي اُن عمل کان تمام گهڻو ڊنل آهيان جيڪو بهرحال مرد جي يا ايئن ڪٿي چوان تہ هر انسان جي جبلت هوندو آهي. باوجود ٻي انت چاهت ۽ خود سپردگيءَ جي مون تي اُها جبلت الائي چو حاوي ٿي نہ سگهي آهي.



....(هلندڙ)....

## آن لائين مهمان وٽ ارم

# انور ابڙو

**ارم محبوب**

**مان:** ”مان ڪجهه پڻ نه ناهيان.“ مان هڪ جُزُ، جيڪو ڪُل جو هڪ حصو، سمنڊ جو هڪ قطرو آهيان. مان پنهنجي ذات ۾ فنا جي فڪر جو قائل. ”مان“ جڏهن لکان ٿو ته اُهو ”اسان“ تي ٿا پئون، جيڪو ئي با معنيٰ بڻجي ٿو. منهنجا هينئر تائين ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب ”خودڪشي جو رومانس“ ۽ ”پهرين جنوري“، ٽي ناول ”پڳل رانديڪو“، ”هڪ مهمان ڇوڪري“ ۽ ”ننڍڙو چنڊ“، ٻارن لاءِ ڪهاڻين ۽ تقريرن ۽ خاڪن جو ڪتاب ”عني ۽ مائو“ ”چوڏاري چمڪاٽ“، سنڌ جي اديبن جي خاڪن جو ڪتاب ”قلم جا وارث“، مختلف ڪتابن جي مهاڳن ۽ تبصرن وارو ڪتاب ”ايڪيهين صديءَ جو ادب“ ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ٻه ڊراما سيرل ”ڪشالا: ڪي ٽي اين“ ۽ ”سيج: پي ٽي وي“ تان نشر ٿيل ۽ پي ٽي وي تان ٽي انفرادي ڊراما به نشر ٿيا آهن. ٻيو به علمي ۽ ادبي ڪم ڪيو آهي، پر پوءِ به سچ اهو آهي ته مان جڏهن به پنهنجي ان ڪم کي ڏسندو آهيان ته سمجهندو آهيان ته اهو ته ڪو ڪم ئي ناهي، جيڪو مون ڪيو آهي. مون کي ته اڃان وڌيڪ سٺو ۽ يادگار تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ گهرجي.


**ڇو جو:** مان اهو ان ڪري به چوان ٿو جو مون ڪڏهن به پاڻ کي انا جي دائري ۾ بند ناهي ڪيو. مون وٽ ”مان“ ناهي. مان پاڻ کي ادب جي پيرن ۾ رکندي، پاڻ کي ڪنهن به مقابلي ۾ نٿو آڻيان. مون وٽ لکڻُ، پاڻ کي پرچائڻ به آهي ته ٻين جا ڳوڙها اُگهڻ به آهي، ڪا ڄاڻ ڏيڻ به آهي ته ڪو سماجي شعور ڏيڻ به آهي. اهوئي سبب آهي جو مون کي منهنجي پڙهندڙن پاران جيترو پيار مليو آهي، اهو مان بيان نٿو ڪري سگهان. ڇا هڪ حياتي جيئڻ لاءِ ايترو پيار ڪافي ناهي؟ پر مون کي الائي ڇو اها پڪ آهي ته منهنجا هي اکر منهنجي ڪيترين ئي حياتين جا ورق آهن.

**پر:** وري به پهريون ۽ آخري فيصلو پڙهندڙن کي ئي ڪرڻو هوندو آهي ته هو ڪنهن ليکڪ جي تحريرن کي ڪيترو زندگيءَ جي ويجهو ٿا سمجهن يا اُن کان پرَي ٿا سمجهن. ان سان گڏ هُو اُن ليکڪ کي ڪهڙو رُتبو ٿا ڏين ۽ اهڙو آخري فيصلو ايندڙ وقت ئي ڪندو آهي، جڏهن اسان نه هونداسين.

**جيڪر:** مان انجنيئرنگ بدران آرٽ جي ڪنهن سبجيڪٽ ۾ گريجوئيشن ڪيان ها ته شايد مان پنهنجي مزاج مطابق اڃان وڌيڪ تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ڪري سگهان ها. ڇو ته مان بنيادي طور ادب ۽ آرٽ جو ماڻهو هئس، جيڪو هڪ اهڙي سبجيڪٽ ڏانهن هليو ويو، جيڪو منهنجي مزاج جي بلڪل به ابتڙ هو. اهو اسان جي ڪيترن ئي نسلن جو الميو رهيو آهي ته اسان جي ڪيريئر ڪائونسلنگ نه ٿيڻ سبب اسان جو هر نسل پنهنجي دل ۽ دماغ جي ابتڙ وارن پاپولر شعبن ڏانهن وڃي پاڻ کي وڃائي ويهي رهي ٿو.

**زندگي:** جي تشريح هر ماڻهو پنهنجي طريقي سان ڪندو آيو آهي. شيڪسپيئر وانگر ڪي ان جون ”ست اسٽيجز“ طئي ڪن ٿا، ڪي ڀٽائي سائينءَ وانگر ان کي ”جان جئين تان جل“ چون ٿا، ڪي ان کي سگريٽ جو ڦلو قرار ڏين ٿا، ڪي ان کي المين ۽ خوشين جو مرڪب قرار ڏيندي به ان کي حسين سمجهن ٿا ۽ مان سمجهان ٿو ته زندگي اهو سڀ ڪجهه آهي، پر زندگي اُن صورت ۾ سڀ ڪجهه ناهي به، جڏهن اها رڳو ڄمڻ کان مرڻ تائين ماڻهو بس ڪائي پي گذاري ڇڏي. زندگي رڳو ساهه کڻڻ وارو عمل ناهي جو ماڻهو ڪنهن به اجتماعي ڀلائيءَ واري ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل نه ڪندي هِتان هليو وڃي. زندگي ته اُها آهي جو اُها موت کانپوءِ به ماڻهوءَ کي ملي ۽ اها ان صورت ۾ ملي سگهي ٿي، جڏهن اسين پاڻ کي پنهنجي ماڻهن سان جوڙي، عشق جي اُتانهين منزل تي رسنداسين، نفرت ان جو ضد آهي.

**ڏک:** زندگيءَ ۾ فطري ايندڙ ڏُکَ، زندگيءَ جي ڊرامي جا ڪي اهڙا ڏيکَ آهن، جن سان زندگيءَ جي اهميت ۽ ان جو سواد سمجهه ۾ اچي ٿو. ڏکَ نه هجن ته هڪ ئي رخ ۾ هلندڙ زندگي شايد ڇَسي ۽ بي مزي محسوس ٿئي. ڏک پنهنجي جو ٿيندو آهي، جيڪو ڪنهن وقت، پنهنجي مفاد وٽان، اسان جي روح کي ٺُڪو ڏيئي ويندو آهي. دل کي ڏنل ان جي جهيرَ سان اکين جا نيرَ بي قابو ٿي ويندا آهن ۽ ڏک اهڙي ڪيفيت آهي، جيڪا نه چاهيندي به ماڻهوءَ جي ڇهري مان، اکين مان ۽ ٿيڙ ڪائيندڙ زبان مان ڳالهائڻ لڳندي آهي، پر پنهنجي ڏک کي اهڙي تصوير نه ٺاهڻ گهرجي جو اها ٻيا ڏسي رحم ڪائڻ لڳن. ڏک کي دل جي سيج تي ويهاري، وساري پاڻ کي اُنهن ڪمن ۾ مصروف ڪري ڇڏجي، جن سان ٻين کي سُک پهچي سگهي ٿو. ذاتيءَ سان گڏ قومي ۽ عوامي ڏک به ٿيندا آهن ۽ انساني ڏک به ٿيندا آهن، تنهنڪري جڏهن اجتماعي ڏکن جي پاڇي هيٺ ماڻهو اچي ته پوءِ ان کي اڳ کان وڌيڪ همت ڀريو ٿي وڃڻ گهرجي. هر ماڻهوءَ جيان منهنجي زندگي به ڏکن جي راهن تان گذري آهي. مون به پنهنجي زندگيءَ جا ڪيئي پهرَ پنهنجن ڪِن وڏن ڏکن سان رهاڻيون ڪندي گذاريا آهن، پر پوءِ به مون پنهنجي عملي زندگيءَ تي انهن کي حاوي ٿيڻ ناهي ڏنو. انهن کي بس پنهنجيءَ ڪنهن ڪهاڻي، ناول، ڊرامي يا نظم ۾ بيان ڪري پاڻ کي انهن کان آجو ڪري ويندو آهيان. منهنجي زندگيءَ جي مصروفيت پڻ منهنجي ڏکن جي شڪست آهي.



**شاعري:** کي مان زندگيءَ جي روحاني زبان سمجهان ٿو، باقي صنفون ان جون ٻيون ٻوليون آهن. اڃان به ان کي مان دل جي زبان سمجهان ٿو، جيڪا دل جا سڀ احساس، امنگون، خواب ۽ درد بيان ڪري ٿي، ذهن نثر جي پاسي آهي. مان جڏهن به ڪا سٺي شاعري پڙهندو آهيان يا ڪو سٺو گيت ٻڌندو آهيان ته منهنجي مَن جا ٽُڪ لهي پوندا آهن ۽ اُنهن لمحن ۾ مان پاڻ کي ملي پوندو آهيان، پاڻ کي لَڀي پوندو

آهيان. شاعري درد هجي يا خوشي، ٻنهي ڪيفيتن جي اهڙي ترجماني ڪري ٿي، جو نثر اهڙو ناچ ڪري روح جو راڳ نٿو بڻجي سگهي، اهو روح ڪي شاعريءَ جيان نٿو ريجهائي سگهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌو راڳ منهنجي، ننڍپڻ کان وٺي وڏي وڏي ڪمزوري رهيو آهي. ننڍپڻ ۾ مون وٽ پنهنجي ڳوٺ ۾ نيشنل ڪمپني جو هڪ ريڊيو هوندو هو، جنهن تان صبح جو سوير توڙي، اسڪول کان موٽي اچڻ کانپوءِ ۽ رات جو گانا ٻڌندو رهندو هئس. هينئر به مان جڏهن ڪم ڪندي ڪندي ٿڪجي پوندو آهيان ته ڪو سنڌو گيت ٻڌڻ ويهي رهندو آهيان. سنڌي لوڪ گيت ته منهنجي وڏي ڪمزوري آهن.

**صحافت:** جتي دنيا توڙي پنهنجي سماج جي صحيح تصوير پيش ڪرڻ واري زمين آهي، اُتي اها هڪ وڏي ذميواري پڻ آهي، جيڪا هر وقت سچ جي ڳولائو رهي ٿي ۽ جيڪا سڌي سنئين عام ماڻهوءَ سان ڳنڍيل آهي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن صحافيءَ جو عام ماڻهوءَ سان پيار جو ڪو رشتو جُڙيل آهي ته اُهو ئي صحيح رپورٽنگ ڪري سگهندو. دنيا ۾ صحافت عظيم ليکڪ به پيدا ڪيا آهن ۽ ڪتي تمام وڏا ليکڪ صحافي پڻ رهيا آهن، ان ڪري جو ادب ۽ صحافت جو پنهنجي عوام سان ئي سڌو تعلق هوندو آهي، جيڪي شعبا شعور ڏيڻ ۽ سماجي تبديلي يا سماجي بهتري آڻڻ لاءِ پنهنجي اکرن کي ڪو وکري وارو وکر بڻائڻ بدران اهڙو گيت بڻائيندا آهن، جنهن جي گونج پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

**سوشل ميڊيا:** هن وقت ابلاغ جي روايتي ذريعن ۾ جڏهن سوشل ميڊيا جو واڌارو ٿيو آهي، تڏهن ته اها اجان وڌيڪ ذميواري ۽ ڪمٽمينٽ واري بڻجي پئي آهي. سوشل ميڊيا ته عوام جي هر لمحي واري اخبار ۽ چوويهه ڪلاڪن وارو چينل بڻجي، روايتي صحافت کي غير اهم ڪرڻ شروع ڪيو آهي، پر اهو عمل مڪمل تڏهن وڃي ٿيندو، جڏهن اسان وٽ سئو سيڪڙو تعليمي شرح ايندي ۽ انفارميشن ٽيڪنالوجي تائين هر ماڻهوءَ کي پهچ حاصل ٿيندي.

**سنڌي ميڊيا:** جيتوڻيڪ پنهنجي ماڻهن سان پنهنجي رشتي کي برقرار رکيو پئي اچي، پر ان کي پنهنجي گيٽ اپ ۽ خبرن جي چونڊ تي هاڻي نظرثاني ڪرڻ گهرجي. هاڻي اُهي خبرون جيڪي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي هڪ ڏينهن اڳ ۾ اچي ٿيون وڃن، انهن جي چونڊ توڙي پيشڪش کي تبديل ڪرڻ گهرجي ۽ انهن جو تناسب مقرر گهرجي. ان سان گڏ انهن کي هاڻي روٽين جي خبرن بدران exclusive خبرن ۽ تحقيقاتي رپورٽن جو تعداد وڌائڻ گهرجي.

**تعليم:** سيني شعبن جي ماءُ آهي. علم، شاندار انساني ترقيءَ جو اڪيلو ذريعو آهي. اُهوئي انسان کي شروع کان وٺي هينئر تائين عظمتون بخشيندو آيو آهي. علم "ٽين اڪ" نه، پر بيشمار اکيون به آهي، ڪيئي ذهن به آهي، تهذيبون به آهي ۽ اڄوڪي دور يا ايندڙ سمورن دورن ۾ جيئرو اُهو ماڻهو ئي رهي سگهندو، جيڪو پڙهيل لکيل هوندو. جيڪي معاشرا، ماڻهو ۽ حڪومتون تعليم کي اهميت نٿا ڏين، اُهي ڄڻ پنهنجي ماڻهن کي هن تيز ترين سفر ڪندڙ دنيا جي رڻ ۾ رولڻ چاهين ٿا. تنهنڪري اسان جي سوچ، سمجهه، سماجي شعور، معاشري جي تبديلي، ذات جي تبديلي، زندگيءَ جو ڪارگر بڻجڻ، معاشري کي اڳتي وٺي وڃڻ، پنهنجي قوم کي ٻين قومن سان گڏ ترقيءَ جي سفر ۾ شامل ڪرڻ يا انهن کان اڳتي نڪري وڃڻ، قدرتي آفتن کي روڪڻ ۽ خوشيون ماڻڻ جو سمورو راز تعليم ۾ ئي لڪل آهي.

**اسان جا نوجوان:** پوءِ چاهي اُهي ڇوڪرا هجن يا ڇوڪريون، اهي هڪ وڏي تحرڪ سان، اڄوڪي هڪ تمام متحرڪ دنيا ۾، وڏي سمجهه سان اڳتي وڌي رهيا آهن. هو ملڪ جي اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر، هاڻي خالص ميرٽ جي بنياد تي، هر شعبي ۾، جديد تعليم حاصل ڪري، پنهنجين ڪاميابين جا مثال قائم ڪري رهيا آهن. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي جديد سهولتن کان محروم ڳوٺن سان به تعلق رکندڙ ڪيترائي اسان جا نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مقابلي جا امتحان پاس ڪري، اهم عهدن تي پهچي رهيا آهن، تنهنڪري هو اسان جي وڏي اجتماعي اميد آهن.

**ناڪامي:** اسان کي ڪڏهن به نٿي ملي سگهي، جيڪڏهن اسان جو حوصلو پختو آهي ته زندگيءَ ۾ پل ته ڪي ڪم ڪرڻ ۾ اسان ڪامياب نه به ٿي سگهندا هجون، پل ته اسان سمجهون ته اها اسان جي ناڪامي ٿي، پر "ناڪامي" وارو لفظ ان ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي لغت ۾ ڪڏهن به شامل نٿو ٿي سگهي، جيڪو مسلسل جستجوءَ تي ايمان رکي ٿو، جنهن کي پنهنجي صلاحيتن ۽ قابليت تي ڀروسو آهي، جيڪو مايوسيءَ کي ليکي ئي نٿو، جنهن کي اهو يقين آهي ته رات جو پل آسمان کي ڪڪر ڍڪي ڇڏين، پر چنڊ ڪنهن نه ڪنهن گهڙيءَ انهن کي چيري ٻاهر نڪري ايندو ۽ صبح به ضرور ٿيندو. مان به پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئي ڀيرا، ڪيئي ڪم ڪندي، اُهي نتيجا حاصل نه ڪري سگهيو آهيان، جيڪي منهنجي ڪاميابي ليکجن ها. تنهن هوندي به مون اُن کي پنهنجي ناڪامي ناهي سمجهيو ۽ جڏهن مان پنهنجي اعتماد کي بحال رکندي اڳتي وڌيو آهيان ته مون کي نوان، سهنجا ۽ وڌيڪ سک پهچائيندڙ رستا ملندا ويا آهن.

**سونهن:** کي مان روايتي تشريح جي ابتڙ ڏسندو آهيان ۽ جيتوڻيڪ مون کي حسين منظر ۽ حسين ماڻهو تمام گهڻو موهيندا آهن، تنهن هوندي به مان ظاهري سونهن بدران اندر جي سونهن کي اهميت ڏيندو آهيان ۽ معصوم ٻارڙي جي مرڪ، حرڪتون ۽ ٽُٽل ڦُٽل لفظن واري ان جي ٻولي، مون کي هن ڪائنات ۾ سڀ کان وڌيڪ حسين لڳندي آهي.

**ڪوجهائپ:** چهري جي ناهي ٿيندي، اها مَن جي ٿيندي آهي، جنهن کي هر روپ واري سونهن پسند ناهي هوندي.

**ميلا:** جيڪي عوامي آهن، جيڪي پيرن فقيرن تي لڳن ٿا، سي ته اسان جي اجتماعي خوشيءَ جو اظهار آهن. اهي اسان جي ثقافتي سونهن جو پڻ عڪس آهن. هاڻي ته ڪجهه سالن کان سنڌ جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ ادبي ميلا، صوفي ميلو، لاهوتي ميلو ۽ ڪتابن جا ميلا به منعقد ٿيڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي پڻ تمام سٺيون، تعميري ۽ خاص طور نئين نسل کي ڪارائتي رهنمائي ڏيندڙ سرگرميون آهن. اهي اڄوڪي دنيا، جيڪا پاڻ سان بيشمار مونجهارا، مسئلا، خلفشار، چئلينجز ۽ ڀٽڪڻ جا سامان کڻي آئي آهي، اهڙي دور ۾ هن قسم جون علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرميون هيٺئين سطح تائين سجاڳي آڻڻ ۽ قومي سطح تي اسان کي هڪٻئي سان جوڙڻ وارو هڪ وڏو ڪم ڪري رهيون آهن. تنهنڪري انهن سيني سرگرمين جي آجيان ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪي دوست اهي ميلا منعقد ڪن ٿا، انهن جي جيڪڏهن ٻي ڪا مدد نٿا ڪري سگهون ته گهٽ ۾ گهٽ انهن جي همت افزائي ضرور ڪرڻ گهرجي.



***

## قانون

# عورتن جا بنيادي حق قانون جي روشني ۾

**عامر درازي**

عورت اسان جي آبادي جو اڌ کان وڌيڪ ۽ سماج جو اهم حصو آهي جنهن کانسواءِ هيءَ دنيا نامڪمل آهي. اڄ جو هي مضمون انتهائي اهم آهي جنهن جو عنوان آهي ”عورتن جا بنيادي حق قانون جي روشني ۾“ هن مضمون ۾ اسان عورتن بابت جوڙيل قانونن بابت ڄاڻ مهيا ڪنداسين. هي مضمون ائين مارچ جي حوالي سان عورتن لاءِ قانوني رهنمائي جي هڪ ڪڙي آهي. پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلين مان مختلف وقتن تي عورتن لاءِ قانون پاس ٿيندا رهيا آهن. قومي اسيمبلي مان 15 نومبر 2011 تي امتناع ايڪٽ پاس ٿيو. هي ايڪٽ عورتن سان اڻبرابري ۽ غير اخلاقي سلوڪ ڪرڻ خلاف ناهيو ويو. ان سان گڏوگڏ هن ۾ مختلف ٻيون شقون به موجود آهن. قلم 498 (A) اگر ڪوبہ شخص Moveable جهڙوڪ گاڏي، سون، چاندي وغيره يا Immovable زمين، گهر، جائيداد وغيره ۾ حصو نہ ڏئي يا انهن کي ڌمڪائي يا مارڪٽ ڪري تہ ان شخص کي گهٽ ۾ گهٽ پنج سالن کان وڌيڪ 10 سال تائين سزا ان کان علاوه 10 لک جرمانو يا وري ٻئي سزائون بہ ملي سگهن ٿيون. قلم 498 (C) ڪوبہ شخص ڪنهن عورت جي قرآن سان شادي ڪرائي تہ ان کي 7 سال سزا ۽ پنج لک جرمانو ٿيندو يا ٻئي سزائون بہ ٿي سگهن ٿيون. عورتن کي مال ملڪيت ۾ حصو ڏيڻ لاءِ بہ قانون سازي ڪئي وئي آهي جنهن کي اسين Women Inheritance Law چوندا آهيون. هن ايڪٽ جي اچڻ کان پهريان عورتن کي مال ملڪيت ۾ حصو نہ ڏنو ويندو هو جي ڏنو ويندو هو تہ ڪسٽم لاز يعني جيڪي وڏڙن جي زباني ٺاهيل قانونن يا ريتن رسمن موجب ڏنو ويندو هو. ائين سمجهيو ويندو هو تہ پراپرٽي توڙي مال ملڪيت تي صرف مردن جو حق آهي جيڪو سراسر غلط آهي. وراثت جي ڪيسن ۾ ڪابہ حد مقرر نہ آهي توهان ڪڏهن بہ پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ عدالت سان رجوع ڪري سگهو ٿا. هن قانون اچڻ کانپوءِ انيڪ عورتون عدالت سڳوري جو در کڙڪائي پنهنجو بنيادي حق گهرن ٿيون جن کي مائٽ حق ڏيڻ کان منهن ڦيري ڇڏين ٿا، جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. ان کان علاوه عورتن جي حقن لاءِ سنڌ اسيمبلي مان بہ مختلف وقتن تي قانوني بل ۽ ايڪٽ پاس ٿيندا رهيا آهن.



(1) سنڌ ڪميشن ومين ايڪٽ 2015. (2) سنڌ ايگري ومين بل 2019. (3) سنڌ ومين پروٽيڪشن اٿارٽي. (4) ڊوميسٽڪ وايولينس يعني گهريلو تشدد. هي مٿيان قانون عورتن لاءِ جيڪي سنڌ اسيمبلي مان مختلف وقتن تي پاس ٿيندا رهيا آهن انهن سان گڏوگڏ عمل ۾ ايندا رهيا آهن.

1. **سنڌ ڪميشن ومين ايڪٽ:** هي ايڪٽ 6 اپريل 2015ع تي سنڌ اسيمبلي مان پاس ڪرايو ويو، اهو ايڪٽ 12 مئي 2015ع تي لاڳو ڪيو ويو آهي جنهن جو مقصد آهي تہ جيڪي عورتون سنڌ صوبي سان تعلق رکين ٿيون انهن جي سماجي، معاشي توڙي سياسي حقن کي مڪمل طور تي بحال ڪرائي انهن عورتن جو حوصلا افزائي ڪئي وڃي ۽ انهن عورتن جي ڄاڻ ۾ بہ اضافو ڪيو وڃي. هن ايڪٽ تحت اگر ڪنهن بہ عورت سان ڪٿي بہ ڪنهن آفيس ۾ يا ڪنهن بہ جاءِ تي بليڪ ميلنگ ڪئي ٿي وڃي تہ متاثر عورت قانون جو در کڙڪائي سگهي ٿي.

**2. سنڌ ايگري ومين بل:** هي بل 2019 ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو ويو جنهن جو متن اهو آهي تہ جيڪي عورتون زمينن تي ڪم ڪن ٿيون انهن کي اجرت قانون مطابق ملي انهن جي جان مال عزت آبرو کي يقيني بڻايو وڃي انهن سان درپيش مسئلن کي قانون ذريعي حل ڪيو وڃي.

3. **سنڌ ومين پروٽيڪشن اٿارٽي:** هن اٿارٽي جو مقصد عورتن مٿان ٿيندڙ گهريلو تشدد کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ قانون مطابق جنهن قسم جو ڪيس هوندو ان ڪيس جي نوعيت جي حساب سان عورت کي تحفظ ۽ تشدد ڪندڙ شخص خلاف قانوني ڪارروائي عمل ۾ آڻڻ آهي. تقريبن سنڌ جي سيني ضلعن ۾ ومين پروٽيڪشن سليز موجود آهن جن ۾ عورت آفيسر مقرر آهن اتي متاثرا عورت وڃي آساني سان پاڻ مٿان ٿيندڙ تشدد، بليڪ ميلنگ يا هر قسم جي جرم خلاف شڪايت درج ڪرائي سگهي ٿي.

4. **گهريلو تشدد:** عورتن مٿان گهريلو تشدد اسان جي سماج ۾ عام آهي جيڪو گهٽجڻ بجاءِ وڌي رهيو آهي. ننڍي ننڍي ڳالھ تان عورتن کي ماريو وڃي ٿو. مٿن طرح طرح جا ظلم ٿين ٿا، پر اهي سڀ ڪجھ سهي گهر ۾ ويهي رهن ٿيون. جيڪو قانون جي نظر ۾ جرم آهي. اسان عورتن جي آگاهي لاءِ ڪجھ پاڪستان پينل ڪوڊ جون شقون ٻڌائينداسين جيئن اهڙي ڪنهن بہ صورتحال ۾ عورت قانون جي مدد حاصل ڪري سگهي.

**(قلم 9 بنيادي حق):** ڪنهن بہ پاڪستاني عورت کي ان جي مرضي خلاف گهر ۾ يا ڪنهن ٻي جڳھ تي قيد رکڻ جرم آهي.

**(قلم 14 بنيادي حق):** پاڪستاني شهري جي حيثيت ۾ هر عورت کي انساني وقار ۽ خلوت (پرائيويسي) جو اهڙو حق حاصل آهي، جيڪو ختم نٿو ڪري سگهجي.

**(قلم 25 بنيادي حق):** هر پاڪستاني عورت يا ڇوڪري کي هر پاڪستاني مرد وانگر تعليم حاصل ڪرڻ جو حق حاصل آهي جيڪو بہ ان کي روڪيندو اهو ان شق جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کان علاوه حڪمت عملي جي اصول 34 جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو ذميوار قرار ڏنو ويندو. هو عدالت کان جوڳي سزا ملڻ جو مستحق ثابت ٿيندو.

**(قلم 15 بنيادي حق):** اگر ڪوبہ شخص هڪ بالغ عورت کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ کان روڪيندو اهو هن شق جي ڀڃڪڙي ڪندو ۽ حڪمت عملي جي اصول 34 جي خلاف ورزي ڪندو. عدالت کان جوڳي سزا جو مستحق ٿيندو.

**(قلم 26 ۽ 15 بنيادي حق):** ڪنهن بہ پاڪستاني عورت مٿان ڪوبہ شخص تهمتون لڳائي ٿو يا ذهني تشدد ڪري ٿو يا وري ڪنهن عورت پٺيان تاڙ وٺي وڃي ٿو ۽ بدتميزي ڪري ٿو تہ اهو شخص هن شق جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو اهو شخص تعزيرات پاڪستان 354 جي هيٺ سزا جي لائق آهي.

**(قلم 18 بنيادي حق):** ڪابہ پاڪستاني عورت ڪوبہ جائز پورهيو يا ڌنڌو اختيار ڪري يا ڪو جائز ڪاروبار ڪري تہ ان کي اهو آئيني حق حاصل آهي ڪيس ڪوبہ روڪيندو تہ سزا جو حقدار هوندو.

**(قلم 354):** ڪنهن بہ آفيس ۾ ڪابہ عورت ڪنهن ڪاموري هٿان بيلڪ ميل ٿئي تہ اهو ڪامارو هن شق موجب سزا جو حقدار هوندو. ڪنهن بہ عورت جي ڪمائي تي ڪنهن بہ مرد جو حق نہ آهي. ان ڪمائي تي سندس اختيار آهي تہ هوءَ اها رقم ڪٿي ٿي خرچ ڪري.

هي ڪجھ مٿيان قلم جيڪي عورتن جي بنيادي حقن جي حوالي سان هتي پيش ڪيا ويا. 2006ع ۾ وفاقي حڪومت قومي اسيمبلي مان women protection bill پاس ڪيو جنهن جو بنيادي ڪم اهو آهي تہ عورت کي بنيادي حق حاصل ڪرڻ ۾ قانوني مدد ملي سگهي ۽ ڪوبہ شخص ڪنهن بہ پاڪستاني عورت مٿان ڪنهن بہ قسم جو تشدد يا واري بيلڪ ميلنگ ڪري تہ عورت women protection اٿارٽي کان مدد حاصل ڪري سگهي ٿي.



***

ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد
Regd. No: 3160



ڪهاڻي

# مداري

**انور شيخ**

ٽيوشن جو ڪلاس ختم ٿيڻ ڪانپوءِ شام جي ميرانجهڙي مَهَل ۾ ڪجهه شاگرد ٽيوشن سينٽر جي پٽر تي ڪراڙي استاد سان ڪچهري ڪرڻ لڳا. شاگردن ۾ جاڻ جي اُڃ هئي جيڪا هُنن کي استاد وٽ ويهڻ لاءِ مجبور ڪري رهي هئي ۽ ڪراڙو استاد به جاڻ شاگردن کي ڏيندي ائين محسوس ڪري رهيو هو جيئن اناج منڊي ۾ مزدور ڳوٽي ڪلهن تان لاهي پَٽ تي رکندي هلڪائي محسوس ڪندو آهي. هڪ طرف هلڪائي ٿي رهي هئي ته ٻئي طرف اهو بار نوجوان شاگردن جي ڄڻ ڪلهن تي پئجي رهيو هو. شاگرد، استاد جي هر گفتي ڪانپوءِ وڌيڪ سنجيده ٿيندا پئي ويا استاد جي چوڌاري اسڪول چيئرس تي ويٺل شاگردن مان هڪ ڪلين شيو، جينز جي پينٽ ۽ اڇي شرٽ پاتل نوجوان استاد کان پڇيو:

”سائين، پاڪستان جي سياست سولي نموني توهان اسان کي ڪيئن سمجهائيندو؟“

شاگرد جي انهيءَ سوال تي ڪراڙي استاد شاگرد جي منهن ۾ نهاريو ۽ پوءِ ٻين شاگردن کي ڏٺو جن جي چهرن مان ڪيس محسوس ٿيو ته اُهي به اها جاڻ حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. ڪراڙي استاد جي منهن تي ٿڪاوٽ جا آثار ٻنهه ڪونه هئا. نوجوانن جي وچ ۾ هو پاڻ کي سگهائتو محسوس ڪري رهيو هو، ڪراڙي استاد چيو:

”ڪجهه وقت اڳ، مان هن شهر ۾ اسٽيشن واري روڊ سان وڃي رهيو هئس جتي هڪ هنڌ روڊ جي پر ۾ هڪ وڏي گهاٽي وڻ جي هيٺان ماڻهن جو وڏو انبوهه بيٺو هو. ماڻهو جيڪي ڏٻرا هئا، جن مان گهڻن کي تمام گهٽا پراڻا ڪپڙا پاتل هئا، ڏاڙهيون ميريون ۽ منهن تي دز هئن، سيني جي اکين ۾ ساڳي آس هئي سڀ هڪ جهڙا لڳي رهيا هئا هر ماڻهو معصوم ٻار جيان هو، پر انهن جي اکين جا کوپا خالي هئا، جن تي ڪارنهن جا نشان هُنن جي اوڻاهي جيون جي نشاندهي ڪري رهيا هئا. ڦاٽل چولا پاتل ڪجهه ٻار انهن جي اڳيان پيرن ۾ ويٺا هئا جن جي چهرن تي حيرانيءَ جا آثار هئا. قدرت جو وڻ انهن جي مٿان ڇانوَ ڪري بيٺل هو جنهن جي وچ تي هڪ مداري ڪرتب ڏيکاري رهيو هو. مداريءَ جي اڳيان زمين تي ڪارو ٿلهو ڪپڙو وڇايل هو جنهن تي ڪجهه سايون، ڳاڙهيون پلاسٽڪ جون برنيون رکيل هيون ڪجهه برنيون شيشي جون به هيون جن ۾ مختلف قسمن جون جڙي ٻوٽيون پيل هيون هڪ سنهين لوهي تارن جو پڃرو پيو هو جنهن جي سامهون ڪانيءَ جي ننڍڙي صندل تي هڪ ڳاڙهي ڪلر جو بال رکيل هو. مداري هڪ ننڍڙي ٻار کي سڏ ڪيو ۽ ان کي پاڻ سان گڏ ويهاريو. ٻار جي اکين ۾ پڇيون هيون ۽ منهن اڻ ڌوتل هئس، وار اٽيا ۽ بغير ڦڻي ڏنل بي ترتيب سَرن جيان اُڀا هئس، مداري ٻار جي وات ۾ ڪجهه سڪا وڌا ۽ پوءِ اُهي ان جي ڪن مان ڪڍيا جيڪي ڇڻ ڇڻ جي آواز سان شيشي جي گلاس ۾ ڪريا ماڻهن تاڙيون وڄايون ۽ ٻارن ٽهڪ ڏنا. ٻارن سان گڏ ماڻهن به سڪن کي لالچي نظرن سان ڏٺو ان ڪانپوءِ مداري هڪ راڊ ڪڍي جيڪا هو سيني جي سامهون سڄي ڪائي ويو. ماڻهو ششدر رهجي ويا. مداري هڪ لوهي سيخ تي ڪپڙو ويڙهي ٻاهه ٻاري، ٻرندڙ سيخ زبان تي رکي ڇڏي، ٻاهه هن کي ڪجهه به نه ڪيو. مداري صوف مان گل ڪڍيو ۽ ڪاغذ مان جيئرو ڪبوتر ڪڍيو. ماڻهو مداريءَ جي ڪرتبن کي ڏسي هن جي ڪمال جا مداح ٿي ويا. مداري ماڻهن تي پنهنجو اثر محسوس ڪندي ڏاڍو سَرهو ٿيو. ماڻهن سان مخاطب ٿيندي وڏي اعتماد سان چيائين:

قدر دانون! مهربانو! اوهان جيڪي هتي موجود آهيو سي وڏن ڀاڳن وارا آهيو ڇو ته مان وَڏن جفا ڪشين سان تمام وڏو علم حاصل ڪيو آهي ۽ ان علم جي مدد سان مان توهان جون اُميدون پوريون ڪرڻ لاءِ هت آيو آهيان. مان توهان کي توهان جي دلين ۾ پلجندڙ آرزو ۽ راز ٻڌائي سگهان ٿو. مان توهان جون اُميدون ۽ خواهشون پوريون ڪري سگهان ٿو، پر ان لاءِ توهان کي سڀ کان پهريان مون تي پنهنجو اعتماد ظاهر ڪرڻ لاءِ ثابتي طور تي هن بريف ڪيس ۾ ڪجهه سڪا ۽ نوٽ وجهڻا پوندا جيڪو شخص جيترو ڏيندو مان ان جا اوترا مسئلا حل ڪندس. توهان ڏٺو ته مون ۾ ڪيتري نه قدرت جي شڪتي آهي جو مون تي ٻاهه اثر نٿي ڪري. مان راڊ ڪائي ٿو وڃان، مان بي جان ڪاغذ مان ڪبوتر ڪڍي ٿو سگهان، مان صوف مان گل ٿو پيدا ڪريان ته پوءِ مان توهان جا مسئلا ڪيئن نٿو حل ڪري سگهان، جيڪو مون تي ڀروسو ڪندو اهو گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهندو.



ماڻهو مداريءَ جي ڪرتبن مان گهڻو متاثر ٿي چڪا هئا. انبوهه مان گهڻا ماڻهو مداريءَ جي پرسان اچي بريف ڪيس ۾ نوٽ ۽ سڪا وجهي ڪيس پنهنجي بيماري، پريشاني ۽ منشا ٻڌائڻ لڳا. مداري انهن جا مسئلا ٻڌي مختلف برنين مان هريڙون، سُنڍ، ڪارا مرچ، ننڍا وڏا ڦوٽا، سُرمو، سٽيون ڦڪيون ۽ ڪجهه معجون ڪين ڏيڻ لڳو، جيڪي گهڻو متاثر ٿيل هئا تن جلدي پئي ڪئي پر اُتي اڃان ڪجهه



اهڙا ماٺهو به هئا جن دليون پئي هنيون. مداري انهن تي وري پنهنجو اثر ويهارڻ لاءِ اُٿي بيٺو ۽ ماڻهن کي چيائين:
قدر دانو! مهربانو! شڪ وڏي بيماري آهي، جيڪا انسان کي تباهه ڪري ٿي. شڪ ماڻهوءَ کي ٻوڙي ٿو. يقين انسان کي تاري ٿو. جن ماڻهن کي منهنجي اهليت تي شڪ آهي ته اهي منهنجو هي ٻيو ڪارنامو غور سان ڏسن، جيڪو ڪنهن معجزي ۽ ماورائي طاقت کان گهٽ ڪونهي ۽ پوءِ توهان پاڻ فيصلو ڪجو ته مان توهان لاءِ خدا جي طرف کان مسيحا بڻجي آيو آهيان يا نه؟
پوءِ مداري صندل تي رکيل ٻال ڏي اشارو ڪندي زور سان چيو:
هي جيڪو ٻال صندل تي پيو آهي تنهن کان پڃرو گهڻو پري رکيل آهي مان هن ٻال کي حڪم ڪندس ته اهو پاڻ مرادو ٽپو ڏئي ان پڃري ۾ هليو ويندو.
ماڻهن کي يقين نه پئي ٿيو ته ڪو ائين به ٿي سگهي ٿو. مداري آسمان ڏي تڪيو، ڪنڌ کي لوڏيو ۽ وري سڌو ٿي چپن ۾ ڪجهه منتر پڙهڻ لڳو ۽ وڏي هڪل ڪندي ٻال کي چيو:
”پڃري ۾ وڃ“
پر ٻال ساڳي جاءِ تي موجود رهيو ان ۾ ڪا به حرڪت پيدا نه ٿي ماڻهن وڏا ٺهڪ ڏنا جن مداري کي پئسا ڏئي شيون ورتيون هيون تن جي دلين ۾ ڌڪو ٿيو ۽ پريشان ٿي ويا، پر جن کي ڦهريائين ڪجهه شڪ هو تن وڏا ٺهڪ ڏنا ۽ پاڻ کي سمجهدار محسوس ڪيو. انهن جا ڳاٽ، ڪجهه اُڀا ٿي ويا. مداري ڦڪائي محسوس ڪندي وري ٻيهر ڪوشش ڪئي، پر ٻال پنهنجي جاءِ کان نه چُريو. انبوهه مان هڪ فل سوٽ، ٽاءِ پاتل، گنجي همراهه وڏو ٺهڪ ڏنو ان جي ڪلهي تي وڏو بيگ هو ۽ هٿ ۾ بريف ڪيس هئس ماڻهن ان ڏانهن ڏٺو ته ان چيو:
”هي مداري ايڏو قابل ڪونهي هن وٽ ايترو علم ڪونهي جو ٻال کي پڃري ۾ داخل ڪري سگهي.“
مداري ان همراهه ڏانهن ڪاوڙ مان نهاريو ۽ چيائينس:
”جيڪڏهن مان ايترو اهل نه آهيان ته پوءِ تون هي ڪري ڏيکار“
فل سوٽ پاتل گنجي همراهه پنهنجي ٽڪڻ کي ڪنيو ته ماڻهن ۾ وري ٺهڪڙو مچي ويو. ماڻهو هاڻي هنن ٻنهي جي طرف متوجهه هئا. فل سوٽ پاتل گنجي همراهه چيو:
هي ته منهنجي کاٻي هٿ جو کيل آهي، پر مان توکي تنهنجي قابليت ڏيکارڻ جو هڪ موقعو ٻيو ڏيڻ ٿو چاهيان. تون وري ٽين ڪوشش ڪري ڏس جيڪڏهن نه ڪري سگهين ته پوءِ مان هن عوام سان واعدو ٿو ڪريان ته اهو معجزو مان انهن کي ڪري ڏيکاريندس.
ماڻهو هاڻي هنن جي گفتگو تمام گهڻي دلچسپيءَ سان ٻڌي رهيا هئا، مداري ٽين ڪوشش ڪندي منتر پڙهيو، پر ٻال پڃري ۾ نه ويو ماڻهو مسڪرائيندڙ چهرن سان فل سوٽ پاتل گنجي همراهه ڏي ڏسڻ لڳا. گنجو همراهه انبوهه جي وچ تي اچي بيٺو. بريف ڪيس ۽ بيگ زمين تي رکيائين ۽ پوءِ هٿ ٻڌي وجداني انداز ۾ ڪجهه دعائون پڙهيائين ۽ وڏي غرور واري مُرڪ چپن تي آڻيندي هڪ ڀرپور نظر ماڻهن جي چهرن تي ڊوڙايائين. ٻنهي هٿن کي اڳيان ڪري جوڙي وري هڪدم کوليندي رڙ ڪندي ٻال کي چيائين:
”وڃ“
ٻال جهٽڪي سان هڪدم پڃري ۾ هليو ويو. ماڻهن جي وات مان دانهن نڪري وئي، سڀ حيران ٿي ويا. مداري شرمسار ٿي ويهي رهيو. فل سوٽ پاتل گنجي همراهه ماڻهن جي چهرن تي فاتحانه نظر ڦيرائي جيڪي ڪيس حيرانيءَ سان ڏسي رهيا هئا.
فل سوٽ پاتل گنجي ماڻهوءَ مداريءَ کي چيو:
”تنهنجو علم ۽ اهليت ايتري هئي جيتري تو هتي اڳ ۾ پيش ڪئي، پر ماڻهن جا مسئلا گهڻا پيچيده ۽ ڏکيا آهن جيڪي تنهنجي وس جا نه آهن تو وٽ ايترو علم ۽ اهليت ڪونهي، پر مان اهڙو ماڻهو آهيان جنهن تمام گهڻا چلا ڪٽيا آهن ۽ وڏيون جفاڪشيون ڪندي تمام گهڻو علم حاصل ڪيو آهي. مان ئي اهڙو اهل آهيان جيڪو ماڻهن جا سڀ مسئلا حل ڪري سگهان ٿو. تون هاڻي پنهنجا ٽپڙ ويڙهه ته وڏيڪ عوام جا اهنج مان دور ڪيان.“
پوءِ مداري شرمساريءَ سان پنهنجا ٽپڙ ويڙهڻ لڳو ۽ فل سوٽ پاتل همراهه بيگ کولي برنيون ڪڍيون، خالي بريف ڪيس کولي عوام جي اڳيان رکيو ائين پوءِ پهرين مداريءَ کانپوءِ ٻيو مداري ماڻهن کي نوان ڪرتب ڏيکاري ساڳيون ئي هريڙون، ننڍا ڦوٽا، وڏف، معجون، جڙي ٻوٽيون ۽ سٽيون، ڦڪيون ڏيڻ لڳو. رات جو جڏهن ماڻهو گهرن ڏانهن موٽيا ته انهن جي کيسن ۾ اُميد جون هريڙون، سُتيون ڦڪيون ۽ پراڻا معجون هئا ۽ مدارين جا بريف ڪيس، سڪن ۽ نوٽن سان ڀريل هئا.



ڪراڙي استاد شاگردن جي منهن ۾ تڪيندي چيو:
”اسان جي ملڪ جي سياست مدارين جي تبديلي کانسواءِ ڪجهه نه آهي. هڪ کانپوءِ ٻيو اچي ٿو ۽ ساڳيون ئي دلاسن ۽ دوکن جون هريڙون ڏئي، پنهنجا بريف ڪيس ڀري هليو وڃي ٿو.“

Regd. No: 3160
ماھوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

علامتي ڪهاڻي

# حرام خور

باغي حنيف ڪوسو

انهيءَ ڏينهن آئون وات جي ٻنهي چپن ۾ اڌ پُڙي نسوار جي وجهي روڊ جي موري تي جوا ڪيڏي رهيو هئس، پتن جي ٽين رائونڊ ۾ ٿي گهران مائي کي ڦيهہ ڏيئي جيڪي ڏوڪڙ سندس پوتي جي ڪُنڊ مان کولي ڪنيا هئم سي هارائي چڪو هئس. منهنجي پيرن جي وڏيل ننهن ۾ ڪاري مٽي جا تهہ، پٽي جي پان ڪائڻ ڪري ڳاڙهن ڏندن مان اُٺندڙ ڌپ، اُيا وار، ڦاٽل بالو، ٽائرن واري جتي ڏسي پيش امام الهورايو ڪرهت مان لاحول پڙهي اڳيان نڪري ويو. هڪ جواري جي ڪچي گار اڏيل ڪچن گهرن مٿان سرڻ وانگر لامارو ڏيئي ڪنهن گوڙ ۾ وڃائجي ويئي، ڇيچ ش... ش... ش ششڪار تي وات مان پان جي ٿُڪ مُڇين مٿان ڳاڙهو تهہ هٽي ايئن ڄاڙي تي ڪري ڄڻ پولڙي ڪي ناڪيلي اچي وئي. هوٽل واري پتاشي چانھ جي آرڊر تي گهوري پوندو ڏيئي وچين آڱر ڪي واهولو ڪري صبح ڪان چوسيل نسوار جي ٻڊ ڪڍي ايئن لڙهي جي ڪليل ڪانين تي اڇلي، جيڪا وڃي عُلو جي پهرئين لڙڪندڙ سِلهہ واري ڪانگهاري تي ڪري، اضافي رنگ سان گڏيل ملڪن جو جهنبو ٿي پئي، ڪارا ڏامر جهڙا هٿ ڪٽيل ڪنٽر ۾ وجهي چلهي ڪي ڦوڪ ڏيندي ٿي بي واري پراٺي ڪنگهہ ۾ ڊيزل جي مشين وانگر وڄڻ لڳو. اجان سج مس چڙهيو تہ اولھہ طرفان ڪبڙن مان هڪلون ٿيون. هلاچو ٿيو، پتا پٽ تي اُڇلي استاد روڙي سان گڏ گوڙ ڏانهن اُسهيس تہ ڪنڌار چار پوليس وارن چارين مان رمون ڪاسائي جو ڪنڌ ڪُٽيندا اچي موري تي چڙهيا، پتاشو بہ ابرندڙ چانھہ ڇڏي ڊوڙي آيو. آواز ئي آواز هڪلون ئي هلڪون، رمون جو ڪنڌ لوهار جي تپيل ڪوڏر وانگر ڳاڙهو ٿي ويو هو. هٿن تي ڄميل رت، حراسيل چهرو، مٿان گوڙ آئون بہ ڄڻ ماٺهو سپاهين جي ڊپ پراٺي پان واري ڄاڙي جي ٽڪ لنگي واري ڦاٽل ٽوال سان ڍڪي ٺهي بيهہ رهيس. سپاهين سهڪي سهڪي رمون کي اهڙو بلاتو جهليو هو ڄڻ مون کي لڳو پئي همراهن دنيا جو ڪو ڏسندي گولي هٽو وارو اشتهاري جهليو هجي. ماستر ولڻ جمعدار کي سلام ڪري چيو، ابا خير آهي رمون کي جهليو اٿئو. ها سائين! رمون وڏو ڏوهہ ڪيو آهي چارين ۾ ڪوڙهہ ورتل بيمار گڏهہ کهي وڍ ٽُڪ ڪري رهيو هو تہ جهلي ورتوسينس. منهنجي نسواري جسم مان هڪ سيسراٽ نڪري پير جي ڪڙي ۾ آمون واڍي جي ڪِلي وانگي کُپي ويئي. چڱو ٿيو تہ رمون ڪاسائي ڪان گوشت رڳو اڌي تي ڏسي، مانڙي بصر جي ڳنگ ڪي اڌ پچايو ڪري مُڪ هٽي مڙيئي چهر ڪري پيٽ جو ڊانيو ڀريندو هئس. رمون ڪي سيني ٿُڪ بجو ڪيو، مگر ڪنڌ ڪلر جي پاٽي ۾ بيتل سڪل ديوي جي ڪاني وانگي جهُڪايو بيٺو هو. ماٺ ۾ اڙي شرم نٿو اچئي، مسلمانن کي حرام ٿو کارائين، ڪميٽا. پوسٽ آفيس جي پٽيوالي جمعي جي پوليس ۾ تازي ڀرتي ٿيل پٽ اڳاري هڪ چنبو رمون ڪاسائي جي ڪنڌ تي هٽندي چيو، رمون ڪاسائي جو ڪنڌ اڃان هيٺ جهڪي ويو. پوليس چنبا هٽي رمون ڪاسائي کي موبائيل ۾ ويهاريو. جمعدار هڪل ڪئي... اڙي رمون ڪاسائي تي بيمار گڏهہ ڪُهڻ جو فريادي ڪير ٿيندو. صلو سپاهي سيني ڏي ڏٺو آئون جاڻ ڊگهي جي پويان لنگي سان ٻوٽ ڍڪي ايئن لِڪس ڄڻ ڪنهن چنبو الاريو هجي. سيني کي ماٺ ۾ ڏسي جمعدار ورائي چيو رمون جي ور مان ڪنڌي تي گوشت ڪٽيندڙن واري ڪاپي مان نالا ڳڻ. پڙهيو تہ جيڪي گوشت ڪٽندا آهن، انهن کي فريادي ڪريون. رمون ڪاسائي جي مروڙيل ڪاپي وارا پنا ڪليا. مٿان مٿان پهريون نالو بورچي ڪيوڙو ڊي سي صاحب، ٻيون نالو پٽيوالو جهو جهو صاحب اي سي صاحب جو بنگلو جي، ٽيون نالو جمعڙو جهانواراٺي نائب ڪلارڪ مختيارڪار بنگلو، چوٿون ريڊر سوتلي، وڏي ڪورٽ، تپيدار ڏرمون، وڪيل ويران واري پٽ، تعليم کاتي جو ڪلارڪ گهوگهو، صوبيدار سڪيلڊو، وڏو منشي نڊٽڪو نسواري انهن نالن تائين پهچندي جمعدار هڙبائي هڪل ڪئي وڄ ڙي ظلم تہ ڏسو تو سڀ صاحب حيثيت ماڻهن جي گهرن ۾ اهڙو بيمار حرام گڏهہ جو گوشت موڪليو آهي. حرام خور اسان توکي اهڙن قلمن هيٺ چالان ڪنداسين جو تون سڄي ڄمار جيل جي هوا کائيندي. توکي اهڙن بالا عملدارن کي گڏهہ جو مئل گوشت کارائڻ جي همت ڪيئن ٿي. انهن صاحب حيثيت ماڻهن جي معصوم اولاد ٻچن کي انهن سان گڏ الائي ڪيتري عوام کي تو حرام کارايو هوندو. حرام جانورن جو حرام گوشت کارايو هوندو، جيڪي بالا عهدن تي فائز آهن، اسان توکي وڏن قلمن هيٺ چالان ڪنداسين. ايستائين گلاب واري پٽ گولي چريئي اوچتي رومڙ ڪري جمعدار جي هٿ مان ڪاپي ڦري ڊوڙ پاتي ۽ چوندو ويو، تنهنجا اهي قلم ڪوڙا آهن، ڪو ڪيس بيهي نہ سگهندو. ... ها ها ها ها ... جن جا تو نالا ورتا آهن اهي سڀ عادي آهن حرام کائڻ جا، رشوت خور آهن، انهي ڪان بہ وڌيڪ حرام کائڻ جا عادي آهن. هٿ وٺي اولاد کي حرام کارائين ٿا ....ها ها ها... گولو چريو ڪلندو ويو. آئون ڊڄي ويس. جمعدار جو وات ڪوڏر وانگر کليو پيو هو، چريو ڊوڙندو ويو.






Regd. No: 3160
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد

ڪهاڻي

# صرف حاصل ڪرڻ جي تمنا

ياسمين چانڊيو

هن پنهنجا وار کولي، سامهون بيٺل ساحل کي چيو، سائين، ٻڌايو مان ڪيئن پئي لڳان؟
ساحل هن ڏي ڪن پل لاءِ نهار ڪندي چيو، واه واه.
هِن چيس بس واه واه، ڪجھ تہ چوندا ڪريو، منهنجي پڇڻ کان بغير، منهنجي زلفن جي تعريف صرف ٻہ لفظ واه واه.
ساحل وراڻيو بابا پوءِ ڇا چوان،
اهو ٻڌي هِن جي چهري تي اداسيءَ جون لهرون نمودار ٿيڻ لڳيون، سڄو چهرو ڏک وچان سرخي مائل ٿي ويس، جنهن اجان بہ هن جي سونهن کي وڌائي ڇڏيو.
سوچڻ لڳي تہ هوءَ جتي بہ ويندي آهي، سڀ هن جي وارن جي هن جي حُسن جي تعريف ڪندا آهن، تمام گهڻي.
پر هوءَ ايترو خوش ناهي ٿيندي، هن کي صرف ئي صرف ساحل جي تعريف جي ضرورت آهي. ان ڪري جو هُو هِن جو محبوب آهي، هيءَ دل جان سان اُن کي چاهي ٿي.
ان سان بي پناه عشق ٿي ڪري.
پر، ان عشق ۾ اظهار جي اڻڻائي هميشہ هن ئي ڪئي آهي، جو سچي عشق جو انحصار اظهار تي ٻڌل هوندو آهي. عشق جي زبان ئي پنهنجي محبوب جي هر شيءِ جي تعريف جو اظهار ڪرڻ آهي.
هِن ڏکياري آواز ۾ ساحل کي مخاطب ٿيندي چيو منهنجا محبوب، مون کي توهان کي حاصل ڪرڻ جي تمنا کان وڌيڪ توهان کي وڃائڻ جو خوف ٿيندو آهي. ساحل ورندي ڏيندي چيس تہ حاصل ڪرڻ ئي سڀ ڪجھ هوندو آهي، اڃايا دل ۾ وڃائڻ وارا وهم نہ پال. هن ساحل کان پڇيو، توهان الله جي اڳيان ڇو جهڪندا آهيون، نمازن ۾ سجدن ۾، دعائن ۾، ان ڪري جو توهان کي الله سان عشق آهي. ساحل جواب ڏنو، بيشڪ.
هِن ساحل کي گهوريندي چيو:
”پوءِ ان عشق ۾ حاصل ڪرڻ جي تمنا ۽ وڃائڻ جو خوف هوندو اٿئي ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ، هٿ مٿي ڪڻي پنهنجي عشق جي التجا جو اظهار ڪندا آهيو؟ ڇو؟“ ساحل وراڻيو تہ رب کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهڙو طريقو اختيار ڪريون؟ هِن چيس، بلڪل صحيح ٿا چئو، عشق الهامي هجي يا انساني، ان کي قائم رکڻ لاءِ اظهار تمام ضروري آهي. عشق جي رسي تمام وسيع هوندي آهي ۽ اظهار ان کي ڳنڍيون ڏيندو آهي.
ايئن اها رسي ويجهو ايندي ويندي آهي.
ساحل هِن ڏي هڪ نهار ڪئي ۽ چيائينس، مان تنهنجو آهيان، تون منهنجي آهين، بس اهو ڪافي آهي ۽ روز روز ويٺو پنهنجي محبت جو اظهار ڪريان. اهو ٻڌي هِن وراڻيو، نماز بہ روزانو ڇو پڙهندا آهيون؟ بس هڪ ڏينهن پڙهي ڇڏيون ڪافي آهي، ان ڪري جو عشق کي حاصل تہ ڪيو، پر ان کي برقرار رکڻ لاءِ هميشہ قائم رکڻ لاءِ، بار بار اظهار جي ضرورت هوندي آهي.
هن ڪنڌ مٿي ڪڻي ساحل جي اکين ۾ غور سان ڏٺو، جتي حاصل ڪرڻ جي تمنا تہ هئي، پر وڃائڻ جو خوف نہ هو. اهو احساس هن جي اندر کي جهوري رهيو هو.



پيءُ ڏانهن لکيل خطَ

# جهرڪين جو آکيرو

تحرير: انور مقصود
ترجمو: انيتا ڪمل

بابا، اوهان جو خط مليو، ايئن لڳو ڄڻ تہ منهنجي گهران ڪو آيو هجي. اوهان جو خط منهنجي هٿن ۾ آهي ۽ لڳي پيو تہ اوهان منهنجو هٿ پڪڙيو آهي. بابا ڇڏجو نہ... ٻن ڏينهن کان هتي برسات ٿي رهي آهي ۽ آئون گهر ۾ ويٺي آهيان. پنهنجي گهر ۾ مينهن ۾ ڪيڏو نہ وهنجندي هئس ۽ امان دڙڪا ڏيندي هئي... مون کي اڃان وڌيڪ مزو ايندو هو ۽ آسمان ڏانهن نهاري چوندي هئس، الله سائين اڃان وڌيڪ مِينهن وسائي.
بابا، توکي ياد آهي، هڪ ڏينهن تمام گهڻي برسات ٿي رهي هئي ۽ توهان مون کي اسڪول ڇڏڻ وارا هئا. توهان جي سائيڪل جي ڦيٿي جي هوا نڪري وئي هئي، اها هوا مون ڪڍي هئي جيئن اسڪول نہ وڃان ۽ اهو سڄو ڏينهن آئون برسات ۾ وهنجندي رهيس.
ادا هميشہ مون سان جهيڙو ڪري مون کي گهر وٺي ايندو هو ۽ آئون روئي توهان سان چنبڙي ويندي هئس.
بابا، هتي تہ مون سان ڪير بہ نٿو وڙهي. تمام گهڻي خاموشي آهي. توهان جي تہ آئون لاڏلي هئس نہ... پوءِ مون کي اوهان ايترو پري ڇو موڪلي ڇڏيو؟
امان ڪيئن آهي؟ هاڻي ڪنهن کي دڙڪا ڏيندي آهي؟ جهرڪين سان ڪير ڳالهائيندو آهي؟ ٻڪرين کي چارو ڪير ڏيندو آهي؟ تنهنجي پڳ کي ڪلف ڪير لڳائيندو آهي؟
گهڻو ڪجھ لکڻ چاهيان ٿي، پر لکي نٿي سگهان... توهان سڀ ڏاڍو ياد ايندا آهيو، تنهنجي لاڏلي.
بابا، ناراض آهين؟ جيڪڏهن اڃين نٿو تہ پنهنجي لاڏلي کي خط ڇو نٿو لکين؟
ڪوڙ ڳالهيون آهن، جيڪي توکي ٻڌائڻيون آهن. امان کي چئجان، پنهنجي سائي چادر ڳولهڻ ڇڏي ڏي، ڇو جو اچڻ وقت مون خاموشيءَ سان پنهنجي بيگ ۾ رکي ڇڏي هئي... جڏهن امان جي ياد ايندي آهي تہ ان کي سُنگهندي آهيان ۽ محسوس ڪندي آهيان تہ آئون امان جي ٻانهن ۾ آهيان.
تو جيڪا پين ادا کي پاس ٿيڻ تي ڏني هئي، اها بہ کڻي آئي آهيان، جڏهن ان کي ڳولهيندو تہ مون کي ياد ڪندو ۽ تنهنجي ٽُٽل عينڪ بہ پاڻ سان گڏ کڻي آئي آهيان، سڄو ڏينهن ان کي جوڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهيان ۽ توهان منهنجي سامهون ويٺل هوندا آهيو... بس انهن ڳالهين سان ئي منهنجي دل ڇيرڀي آهي.
بابا، مون رات خواب ڏٺو تہ تون، امان ۽ ادا اڱڻ ۾ ويٺل آهيو ۽ ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا آهيو، پر بابا، آئون اُداس آهيان. ڇو تہ انب جي وڻ تي جيڪو جهولو هوندو هو نہ اهو مون کي نظر نہ آيو. توهان ايئن ڇو ڪيو؟ ان کي واپس ٻڌرائي ڇڏيو. آئون هاڻي بہ ان جهولي تي ويهنديس ۽ انبڙيون پٽي کائينديس.

تنهنجي لاڏلي

# شاعري شعور

## غزل
### قاضي منظر حيات

روشن ڪرڻا ڪارا ٿي پيا!
ڪارا چنڊ- ستارا ٿي پيا!
وقت جو اهڙو ڦيرو آيو،
پاپي پهري وارا ٿي پيا!
ڪانڊ ۽ ڪونٽر ڪُسندي ڪُسندي،
سهرا سڀ اوسارا ٿي پيا!
چنڊ- ڇهري ڪي گهرڻ گهيريو،
ڏنڏلا راهن- چارا ٿي پيا!
ظلم ڪري ڪو ٺهڪي وينو،
ماڻهو ڪي ويچارا ٿي پيا!
ڏاڍ- ڏندا يا دردن- ڏاڻا،
سک لئہ جڻ لابارا ٿي پيا!
ڪُلفت، ڪينو ڪڙتالن جيان،
ساڙ، حسدُ: يڪتارا ٿي پيا!
سُندر ساٿي جي مون سمجهيا،
سي پي اندر- ڪارا ٿي پيا!
باک جو "منظر" نڪري پوندو،
خواب اجهو سوپارا ٿي پيا!

******

## غزل
### امتياز عادل سومرو

باھ ٿو فردوس ۾ ٻاري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!
پيار جا پاپي ايئن پسٽل ڪٽي،
گام تان گهوري ٻہ ٽي گوليون هٽي،
جهنگ جي قانون ڪاري جا ڏٽي،
چو گلابي جسم ٿو ناري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!
نفرتون بندوق ۾ پيو ٿو ڀرين،
سونهن سڪ تي روز ٿو حملا ڪرين،
شل ٻڏي پنهنجي پگهر ۾ تون مرين،
خون سان چو ٿو خوشيون ڏٺاري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!
شاهديون مهراڻ جون ڇوليون ڀري،
جي ڏين توتي تہ منهنجي دل ٺري،
عشق جي الزام ۾ قابو ڪري،
تون سنڌوءَ ۾ لاش ٿو تاري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!
تو محبت جي نہ سمجهي ماجرا،
دل جي دنيا ڪان صفا ڇڻ اوپرا،
او اڙي آدم جا ارڏا ڇوڪرا،
تون حوا ڪي رت ٿو رئاڙي ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!
چو نہ تو لئہ باھ نفرت جي وسي،
تون دلين ڪي دشمنين جا در ڏسي،
روح ڪنهن جي ڪان ايئن راجا ڪسي،
رت ۾ راڻي ٿو وهنجاري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!
تنهنجو مان پلجي بہ جي نالو وٺان،
حيف تنهنجي ڪوڙي غيرت ڪي چوان،
ڏس تہ توڪان ڪيتري نفرت ڪيان،
چو تہ ٿو تهذيب ميساري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!
شڪ جا شيطان سڀ سمهندا وري،
سونهن سڪ آزاد ٿي گهمندا وري،
ڪي تہ ڪنهن جا هٿ وٺي چمندا وري،
حوصلو "عادل" متان هاري ڇڏين!
سونهن ٿو ڪاري ڪري ماري ڇڏين!!

******

## ڪُتي جو پچ
### ستار سروهي

ڪُتي جو پچ،
ڪڏهن بہ سڌو ناهي ٿيندو،
او وڏيرا،
او پوتار،
او مير،
او پير،
سنڌ جي پٺيءَ ۾ خنجر نہ کُپاءِ،
مان روز ٿو توکي چوان،
تون پوءِ بہ نہ ٿو مُڙين،
شايد،
تون ڪُتي جو پُڇُ آهين،
۽ ڪُتي جو پچ،
ڪڏهن بہ سڌو ناهي ٿيندو.

******

## غزل
### فياض انور بخاري

ڳالھ توسان سچي، توکي چاهيو اسان
لوڪ کي ڏئي پُٺِي، توکي چاهيو اسان
چنڊ تارا گواھ، لوڪ وارا گواھ،
ساھ ڪان وڌ سڪي، توکي چاهيو اسان
تو جفائون ڪيون مون اکين تي رکيون،
دڳ وفا جو وٺي، توکي چاهيو اسان
سار تنهنجي سدا، زندگيءَ جا لمحا،
هر پهر هر گهڙي، توکي چاهيو اسان
لوڪ ڪلندو رهيو "فياض" منهنجي متان.
پير ٽانڊن رکي، توکي چاهيو اسان.

******

## غزل
### مجاهد مشوري

حياتي پئي چوي مون کي
اٿئي جَي موت ڏي مون کي
نهيو پيو شعر وانگر هان
پئي لُڇ پُڇ لِکي مون کي
اُتي حورون نہ ئي غلمان
ڳيو گهرجي هِتي مون کي
خوشين آ راند هارائِي
وَيا ڏُکڙا کٽي مون کي
ائين پي مان چوان ڪنهن کي
نہ وڃجان تون ڇڏي مون کي
جُتيون ماپي مان پيٽ ڀريان
نٿو هِي ڏانءُ اچي مون کي
مجاهد آهي ٽڪرن ۾
ڪري ڏئي ڪو ڪٺي مون کي.

******

## نوان عنوان
### سچل جي نگري ۾ هڪ مسافر جي ياد
### ابل عاقلاڻي ميمڻ

نوان عنوان نوان غزل ڪتان آڻيان
نوان گيت نيون امنگون ڪتان آڻيان
هت تہ قاتل آ هر ڪو غلامي جي چار ۾
نئون سج نيون روشنيون ڪتان آڻيان
هر من اندر انڌيرو ڪٿ نہ سوجهرو سجهي
تن ماروئڙن لاءِ نڪور چانڊوڪيون ڪتان آڻيان
هيل بہ انبن جو ٻور پڪو ڪري انبڙيون آنديون
ڪٽن ڏندن لاءِ نئون تور نيون لذتون ڪتان آڻيان
هت مرڻ جو شوق عروج تي جيئڻ محال آهي
زنده مقامن ۾ جياپي جون حسرتون ڪتان آڻيان
هر ڇهري تي گهنڊ ڏسون پاءُ پاءُ جو ويري
اندر تن جي ليڪن جون فرقتون ڪتان آڻيان
هرڪو ملھ پهلوان تہ ڪو جيءُ جيالو سڏرائي ٿو
ڪنور سينن ۾ نيون نوڙتون ڪتان آڻيان.
هت ڪوڙ اُت ڪوڙ جڻ هر هنڌ ڪوڙ ڪوڙ
ڪوڙن جي ڏيھ ۾ حڪايتون ڪتان آڻيان
هر نفس اندران جڻ ڪڪي ڏپ اچڻ لڳي آهي
بند قلبن ۾ نيون نيون هدايتون ڪتان آڻيان
پٽڪيل مسافر پٽڪيل ماڻهو ۽ لوڪ سارو
جيڪي ڪن نہ گمراھ سي املھ آيتون ڪتان آڻيان
ڇيچ ۾ وجهي ڇيچ جيڪو ڪڏندو هو سو ساٿي
ڪومل هٿڙن جهڙيون نذاڪتون ڪتان آڻيان
جهڙو باطن تهڙو ظاهر هڪ رنگ جو راهي
مٽي بت، دک ۾ حقير حقارتون ڪتان آڻيان
هر پهر ساجن منهنجو توبن نہ سُري سِري
ڏوڙ ٿيل پاڇن ۾ عاجز عداوتون ڪتان آڻيان
محبتن جي پتن تي نفرت جي اوساري چوٽ آ
جيڪي قرب کي اڏين سي اڏاوتون ڪتان آڻيان.
هيڪل رهي هاڻ تڪجي ساٿو ٿي پيو آهيان
جيءُ ڪي ساڻ گڏين سي ڪرامتون ڪتان آڻيان

همسري
ماهوار مئگزين
حيدرآباد

# ڪتاب تي تبصرو

# ”عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“

عيسىٰ ميمڻ

سنڌي سماج نيم جاگيرداري ۽ نيم سرمائيداريءَ جي وچ ۾ رهندڙ سماج آهي. سنڌ جا شهر جيڪي سرمائيداريءَ جو مرڪز آهن اهي ڌارين جي حوالي آهن جنهن ڪري سرمائيداري ۾ اسان consumer طور تي بيٺا آهيون ته ٻئي طرف ٻهراڙي، وري وڏيرا شاهي ۽ جاگيرداري جي پنجوڙ ۾ ڦاتل آهي. اسان جي ادب تي ٻنهي سماجن جو اثر آهي اجان ٻه ايئن چئجي ته جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهيءَ جو اثر سرس آهي. جنهن ڪري اسان جي ترقيءَ جي رفتار ٻه دنيا سان هم آهنگ نه آهي. اسان جو ادب ٻه اجان جديدت ۽ جديدت پڄاڻان جي دور ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پر ساهي رهيو آهي. جن اديبن ۽ محققن سنڌي سماج کي جديدت ۽ جديدت پڄاڻان دور ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون آهن انهن ۾ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جو ڪردار ڪنهن ٻه ريت فراموش نٿو ڪري سگهجي. خاص طور تي سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽيشنل لينگوئيج بڻائڻ لاءِ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي، تاريخ جو اهم ڪم ڪيو آهي. هن سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل دور ۾ نه صرف هڪ ڌار سڃاڻپ ڏني آهي، پر عالمگير تحقيق جي ڏس ۾ پڻ زبردست اڳڀرائي ڪئي آهي مستقبل ۾ دنيا جي اندر اهي ٻوليون زنده رهنديون جيڪي ڪمپيوٽيشنل لينگوئيج جو حصو هونديون، سنڌي ٻولي ان ڏس ۾ خوشنصيب ٻولي آهي جيڪا ڊجيٽل دنيا جي ڊوڙ ۾ اڳڀري بيٺي آهي.

ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جتي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ موجود جذبن ۽ احساسن کي ڊيپ لرننگ ماڊل جي ذريعي پيش ڪرڻ، هٽرادو ڏاهپ، نيچرل لينگوئيج پروسسينگ ۽ ڪمپيوٽيشنل لسانيات جهڙن اهم موضوعن تي ڪم ڪيو آهي اتي سنڌي سماج کي، عالمگيريت کي سمجهڻ لاءِ هي ڪتاب ”عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“ لکي سنڌي ماڻهن کي جديد دور کي سمجهڻ ۽ ان سان هم رڪاب ۽ هم ڪنار ٿيڻ لاءِ ساراهه جوڳي ڪوشش ڪئي آهي. هي ڪتاب پيڪاڪ پبلشرز ڪراچي ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ نه صرف عالمگيريت کي سمجهڻ جي لاءِ ڪوشش ڪئي وئي آهي، پر ان جي فائدن، نقصانن کان وٺي عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪردار جو تعين ڪرڻ، انهن کي عالمگيريت جي دور ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هوشيار رهڻ لاءِ رستو ٻه ٻڌايو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ”عالمگيريت“، ”نيشنلزم کان عالمگيريت تائين“، ”عالمگيريت ۽ سرمائيداراڻو نظام“، ”ٽيڪنالوجي جي ترقي ۽ عالمگيريت“، ”عالمگيريت جي دور ۾ انفارميشن ٽيڪنالوجي جو ڪردار“، ”سماجي ميڊيا جي اوسر ۽ عالمگير سماج ناهڻ ۾ ڪردار“، ”عالمگيريت ۽ ثقافت“، ”عالمگيريت ۽ ٻولي“، ”لنگئا فرئنڪا“، ”عالمگيريت جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ ان کي درپيش مسئلا“ ۽ ” عالمگيريت ۽ سنڌي سماج“ جهڙا ڪارائتا مضمون ۽ مقالا شامل آهن. هي ڪتاب نه رڳو موجوده دور ۾ سنڌي سماج جي رستي جو تعين ڪري ٿو، پر ايندڙ دور ۾ سنڌي سماج ۽ دنيا جي بيهڪ کان ٻه آگاهه ڪري ٿو ان ڪري هي ڪتاب هر هر پڙهڻ، سمجهڻ ۽ هنيانءُ ۾ سانڍڻ جهڙو آهي. ان ۾ ڪو ٻه شڪ ڪونهي ته تاريخ ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيي جي ڪردار کي هميشه ياد رکندي. مان ڪيس دل جي گهراين سان هن جي فڪري پورهئي کي سلام پيش ڪريان ٿو.






رپورٽ

# پاڪستان جي ماءُ ٻولين جو ادبي ميلو

زاهده ابڙو












21، 22، 23 فيبروري 2020 تي انڊس ڪلچرل فورم طرفان پي اين سي اي اسلام آباد ۾ ٽن ڏينهن جو پاڪستان جي ماءُ ٻولين جو ادبي ميلو ملهايو ويو. جنهن جو عنوان هو "اسان جون ٻوليون اسان جي سڃاڻپ" پروگرام ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد ۾ رهندڙ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ مرد ۽ عورتون تمام گهڻي دلچسپيءَ سان شريڪ ٿيا. آءِ سي ايف طرفان سڄي ملڪ مان مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ اديبن، شاعرن، ناول نويسن، ڪهاڻيڪارن، ڪالم نگارن، صحافين، پبلشرن ۽ دانشورن کي گهرايو ويو.

پروگرام جي افتتاحي تقريب پي اين سي اي آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري جنهن جي ميزباني نصرت زهراٰ ڪئي. ڊاڪٽر فوزيہ سعيد سڀني کي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ نياز نديم انڊس ڪلچرل فورم جي ميلي جي پنجن سالن جي ڪامياب منعقد ڪرڻ ۽ گهربل نتيجا حاصل ڪرڻ بابت ڳالهايو.

صحافي خاتون زبيده مصطفيٰ هن سيشن جي Keynote Speakerهئي. جنهن ماءُ ٻولين جي اهميت اجاگر ڪرڻ ۽ ٻارن کي شروعاتي تعليم پنهنجي ماءُ ٻوليءَ ۾ ڏيڻ جي اهميت تي پنهنجا ويچار ونڊيا. هن ميلي جي ٽن ڏينهن ۾ مختلف ۽ دلچسپ ادبي سيشن رکيا ويا، جنهن ۾ بين الاقوامي ادب مان پاڪستاني ٻولين ۾ ترجما، پاڪستان جو لوڪ ادب، پرائمري سطح تي مادري ٻولين کي تعليم ۾ ڏيڻ جي صورتحال، جنهن ۾ خالد احمد، ناز سهتو، جميل چترالي ۽ سيد آل عمران شام هئا. آئين پاڪستان ۽ مادري ٻولين جي تحفظ واري سيشن کي فخرالدين جي ابراهيم جي نانءُ ڪيو ويو هو. جنهن ۾ شريڪ مهمان آءِ اي رحمان، سينيٽر سسئي پليجو، سينيٽر افرا سياب خٽڪ ۽ ڊاڪٽر عبدالمالڪ شامل هئا. هن سيشن ۾ شريڪ سڀني مهمانن جو چوڻ هو تہ پاڪستان جي سڀني ماءُ ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ملڻ کپي.

مادري ٻولين ۾ افسانن جا نوان شايع ٿيل ڪتاب جي نالي سان سيشن حميد سنڌي کي خراج تحسين پيش ڪندي سندس نانءُ ڪيو ويو هو، جنهن ۾ انعام شيخ کي حميد سنڌي جي زندگيءَ تي روشني وجهڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. ان کان علاوه ماءُ ٻولين کي دستاويزي شڪل ڏيئي محفوظ ڪرڻ، ماءُ ٻولين ۾ لکيل پاڪستان جي مختلف شهرن تي ڪتاب شامل هئا. ان کانسواءِ ماءُ ٻولين جي واڌ ويجهہ ۾ رسالن ۽ آن لائين فورمز جو ڪردار شامل هئا.

پروگرام جي هر ڏينهن تي تفريح لاءِ موسيقي ۽ ٿيٽر جا دل وندرائيندڙ حصا بہ شامل هئا. جنهن ۾ ٻئي ڏينهن تي سائين ظهور ۽ ساٿي شامل هئا ۽ لاهور کان آيل عمران مشتر نفيس ٽن ٻولين ۾ "ڊگڊگي" نالي اسٽيج ڊرامو پيش ڪيو.

ميلي جي افتتاحي تقريب جو خاص مهمان وفاقي وزير، قومي تاريخ ۽ ادبي ورثو شفقت محمود شامل هو. انڊس ڪلچرل فورم جي چيئرمين زبيده بروهي ميلي ۾ ڪجهہ خاص بحثن تي روشني وڌي ۽ ڊاڪٽر فوزيہ سعيد مهمانن جو خاص شڪريو ادا ڪيو، جنهن کانپوءِ حديقہ ڪياني پنهنجن ڪلامن سان سڄي پنڊال کي مست ڪري ڇڏيو، جنهن جو اختتام هو جمالو تي ٿيو.



ماهوار مئگزين
Regd. No: 3160
همسري
حيدرآباد

رپورٽ

# ڪشمير مسئلي جي عالمگيريت:

## پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي طرفان ڪوٺايل قومي سيمينار

**اياز چنا**

5 فيبروري يوم يڪجهتي ڪشمير جي موقعي تي پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو بيورو آف اسٽيڪس ۽ سنڌ يونيورسٽي جي بين الاقوامي لاڳاپن جي شعبي جي گڏيل سهڪار سان پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد برفت وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي ڪڍي ويئي جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪئمپسن جي پرو وائيس چانسلرن، مختلف فئڪلٽين جي ڊينن، ڊائريڪٽرن، تدريسي ۽ انتظامي شعبن جي سربراهن، استادن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري ڪشميرين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد برفت وائيس چانسلر ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ سڄي پاڪستان جو عوام رستن تي نڪتل آهي ۽ ڀارتي جارحيت خلاف سراپا احتجاج بڻيل آهي. ڊاڪٽر برفت وڌيڪ چيو ته گڏيل قومن جي اداري ڀاران ڪشميري عوام جي خود ارادیت جو نعراءُ پاس ڪرڻ جي باوجود ڀارت ڊگهي عرصي کان پنهنجي فوج ذريعي ڪشمرين تي جيڪو ظلم ڪري رهيو آهي ان جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي. پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته ڀارت پنهنجي آئين جي آرٽيڪل 370 ۽ 35 A کي هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت ختم ڪيو آهي ته جيئن اُتان جي ستر سيڪڙو آبادي کي اقليت ۾ تبديل ڪري سگهي، پر هو ان سازش ۾ ڪڏهن به ڪامياب ٿي نه سگهندو. ڊاڪٽر شجاع وڌيڪ چيو ته ڀارتي جارحيت ڪشميرين جي آواز کي دٻائي نٿي سگهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو ڪشمير هڪ ڏينهن ضرور آزاد ٿيندو.

6 فيبروري 2020ع تي پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو بيورو آف اسٽيڪس ۽ انٽرنيشنل رليشنز شعبي يونيورسٽي آف سنڌ جي سهڪار سان ”ڪشمير مسئلي جي عالمگيريت: پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي“ جي موضوع تي هڪ روزه قومي سيمينار پڻ منعقد ڪيو، جنهن جي صدارت پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد برفت وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ڪئي. سيمينار جي صدارتي خطاب ۾ پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد برفت چيو ته ڪشمير مسئلو فقط ٻن خِطن جو مسئلو ناهي، پر هي عالمي مسئلو آهي، جنهن جو پُرامن حل ڳالهين ذريعي ئي ممڪن آهي. ڀارت غيرسنجيده رويي ۽ انتهاپسندي واري سوچ جي نتيجي ۾ جيڪڏهن حالتون جنگ طرف وڃن ٿيون ته ان جا اثر پوري دنيا تي پوندا ۽ اها جنگ ڪا عام رواجي جنگ نه پر ايٽمي جنگ هوندي.

پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احميد مهيسر پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ شريڪ سمورن مهمانن کي ڀليڪار چيو ۽ قومي سيمينار جي مقصدن تي روشني وجهڻ سان گڏ ڪشمير مسئلي جو تاريخي پسمنظر پڻ پيش ڪيو. هن چيو ته گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل اهو مڃي چُڪي آهي ته ڪشمير انڊيا جو حصو نه پر اهو متنازع مسئلو آهي جيڪو ڪشميرين جي اُمنگن موجب حل ٿيندو.


ايريا اسٽڊي سينٽر فار يورپ ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر عظمىٰ شجاعت چيو ته ڀارت ڪڏهن به سيڪيولر نه رهيو آهي. سندس اهڙي قسم جي دعويٰ ڊرامي بازي ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي. هن چيو ته ڀارت هميشه نسل پرستي ۽ انتها پسندي کي هٿي ڏني آهي.

سنڌ گورنمينٽ جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر خليل احمد شيخ چيو ته 5 آگسٽ 2019ع تي ڀارت ڀاران آئين جا آرٽيڪل ختم ڪري ڪشمير ۾ ڪرفيو لاڳو ڪرڻ وارو فيصلو سندس پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ برابر آهي. ان ڏينهن کان سندس بدترين شڪست جي شروعات ٿي چڪي آهي.

بيورو آف اسٽيڪس سنڌ يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سُميرا عمراڻي چيو ته گذريل ستر سالن کان ڪشميري عوام جنهن بهادري ۽ دليري سان آزادي جي جدوجهد ڪري رهيو آهي ۽ ڀارتي ظلمن خلاف مزاحمت ڪري رهيو آهي، سندس ان جذبي کي جيترو به خراج پيش ڪجي اهو گهٽ آهي.

انٽرنيشنل رليشن سنڌ يونيورسٽي جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر عشرت افشان عباسي چيو ته ڪشمير مسئلو عالمگير مسئلي جي حيثيت حاصل ڪري چُڪو آهي. پوري دنيا ۾ ڀارتي ظلم جي مذمت ٿي رهي آهي. سموري دنيا جي ڪشمير مسئلي جي حل ۾ دلچسپي ۽ ان حوالي سان بحث مباحثو پاڪستان جي سفارتي ڪاميابي جو ثبوت آهي.

سيمينار جي ڪاروائي ميڊيا سيڪشن سنڌ يونيورسٽي جي انچارج ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙو هلائي. سيمينار جي شروعات ۾ پاڪستان اسٽڊي سينٽر جي شاگرد محمد يونس ڪيريو ڪشميري ۽ اردو ٻوليءَ ۾ هڪ قومي گيت پيش ڪيو، جنهن ۾ ڪشميري عوام ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ هڪ پيغام هو.




سيمينار جي پُڄاڻي تي وائيس چانسلر آيل مهمان مقررن کي يادگارسرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا. آخر ۾ سوشل سائنسز فئڪلٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر زرين عباسي سيني آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو.



# اڪري سئو وڪري

## بيت- شاهہ لطيف

همسري

ڪَيمَ ڪاپَڙِيُنِ جي، پَهرئين ڏينهن پَروُڙُ1،
سَگها2 ساعَتَ نہ هيڪِڙي، چارَئي پَهرَ چوُرَ3،
سَدائِين سَيدُ چئي، هونِ سَناسي ۾ سوُرَ،
جوڳِي ساڻُ ضَروُرَ، لِڪا پُٽَنِ4 لوڪُ ۾.

ڏکين اکرن جي معنيٰ:

1. پروڙ: خبر 2. سگها: تندرست ۽ توانا 3. چُور: بيحال 4. پُٽن: لڪا وتن.

****

پهاڪو

همسري

## ڇَتي ڪوريءَ واري ديگهہ:

ڳالهہ ڪرڻ وقت اجائي اينگهہ ڪرڻ بيجا ڳالهائڻ اجائي بَڪ ڪرڻ.

****

مختصر ڪهاڻي

## خدمت

زاهد منگي

ناميارې پبلشر جي آفيس ڪنهن ڪاموري جي آفيس جهڙو ڏيک ڏئي رهي هئي. اعليٰ ڪوالٽي جي ڦرڻي ڪرسي سندس اڳيان امپورٽيڊ ٽيبل ان تي پيل ليپ ٽاپ، پرسان عمده ڪوالٽي جا صوفا، هيٺان نرم قالين ٿورو پر پرو ڪتابن جي الماري ۽ ان سان لڳ فرج پيل هئي. آفيس جي پٺ جي هڪ پاسي تي سندس پرڏيهي دورن جون تصويرون لڳل هيون تہ ٻئي پاسي وري ڪيس ۾ سندس اداري کي مليل مختلف ميڊلن شيلڊون ۽ ايوارڊ پيل هئا. هو پنهنجي ڪم ۾ ئي مصروف هو تہ پٽيوالي شاعر ”اداسي“ جي اچڻ جو اطلاع ڏنس، ڪنڌ سان ئي هائوڪار جو جواب ڏنائينس ڪجهہ ئي دير ۾ شاعر اندر آيو تہ پبلشر پنهنجي ڪرسي تان ٿورڙو مٿي اٿي هٿ ڏيندي چيس. ”اچو اچو اداسي صاحب“ شاعر جڏهن ڪرسيءَ تي ويٺو تہ حالي احوالي ٿيڻ ڪانپوءِ شاعر چيس، ”سائين جاچ ڪرڻ آيس تہ منهنجي ڪتاب جي ڇپائي وارو ڪم ڪٿي پهتو آهي“؟ ”جي جي اداسي صاحب توهان جو ڪتاب آخري مرحلي ۾ آهي هاڻي ڪجهہ وڌيڪ رقم ڏيو تہ ڪم کي اڳتي وڌايون.“ وڌيڪ رقم جي ڳالهہ ٻڌي شاعر جي منهن تي پگهر اچي ويو نڙي خشڪ ٿي ويس، وات ۾ موجود پاڻياٺ کي ڳيتون ڏئي نڙي کي آلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيائينس: ”پر سائين توهان تہ جيڪو اندازو ٻڌايو هو اوتري رقم تہ مان ڏئي چڪو آهيان.“ ”ان مهل ڳالهہ ٻئي هئي دراصل اداسي صاحب مارڪيٽ ۾ شين جا اگهہ ٻيڻا ٿي ويا آهن اڳ جيڪو ڪاغذ جو اگهہ هو سو هاڻي ٻيڻو ٿي ويو آهي، ٽائيٽل جو خرچ، پاڻي جو خرچ سڀ وڌي ويو آهي. ان ڪري جي وڌيڪ پئسا ڏيندوَ تہ ڇپائي وارو ڪم مڪمل ڪرائبو.“ ”سائين اسان شاعر غريب ماڻهون آهيون ڪجهہ توهان پنهنجي پاران ٻہ وجهو تہ ٻولي ۽ ادب جي خدمت ٿئي پوندي.“ ”ها ها ها“ پبليشر جواب ۾ وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو، ”اداسي صاحب اسان کي پنهنجو ڪاروبار ڪرڻو آ اهو ڪو ادارو خيراتي ڪم جو ناهي ان لاءِ توهان شاعر ئي ڪافي آهيو.“ ”سائين هاڻي تہ مون وٽ پئسن لاءِ ٻيو ڪو وسيلو ڪونهي سواءِ زال جي والين ڪپائڻ جي.“ ”اهو توهان جو مسئلو آهي تہ پئسا ڪيئن ٿا ڪريو جيستائين مون کي پئسا نہ ملندا ڪتاب جي ڇپائي مڪمل نہ ٿي سگهندي.“ شاعر پبلشر ڪان موڪلائي آفيس مان نڪري آيو. ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي هن زال جون واليون ڪپائي پئسا پبلشر ڏي اماڻيا. ٻئي ڏينهن پبلشر پنهنجي فيس بُڪ وال تي شاعر جي ڪتاب جو ٽائيٽل هن اسٽيٽس ”ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ۾ پيش پيش“ سان رکيو تہ وڏي تعداد ۾ ڪيس مبارڪون ۽ آفرين جا ڪمينٽس اچڻ شروع ٿي ويا. ماڻهو ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ سندس انهن خدمتن تي ڪيس نمي سلام ڪندي ادب ۽ ٻوليءَ جي لاءِ سندس خدمتن تي ساراهہ جا ڍڪ پرڻ لڳا. شاعر ڪمينٽ پڙهندي زال جي ٻسن ڪنن ڏي نهاريو تہ سندس اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.

****

نثري نظم

## انٽرنيٽ

سرمد غني

پيارا...!!
انٽرنيٽ جي دور ۾،
وفائن جو نيٽ ورڪ،
زنگجي ويو آهي.!!
ڪوڙُ...،
سچ جا پير اسڪين ڪري،
اُن جي جاءِ، والاري ويو آهي.!
ڳلائن جون صندوقون،
وقت جي طبيبن سان،
پريون پيون آهن.!!
۽ انسان جو شاندار ماضي،
جهنگ جي ڪُن ۾ دٻجي،
تري ۾ هليو ويو آهي.
۽ نئين دور جي مشيني قدرن،
جي بلڊوزرن کي،
انسان جي مٿان چاڙهي،
ڇيپاٽيو پيو وڃي.
جو هاڻي...،
فيس بُڪ، واٽس ايپ،
۽ مسينجر ئي، نئين تهذيب ۽ تمدن،
جا مظهر آهن.!!؟؟؟

***




Regd. No: 3169
ماهوار مئگزين
همسري
حيدرآباد







سنڌوءَ جي سپيتا ڪي پيار ۾ پاٻوھ جا رنگ ڀريندڙ مهراڻ جي موجن جهڙو پاڻي جي لهرن تي محبوب جي اولڙن جا عڪس چٽيندڙ توفيق سولنگي جو ڄامشوري جي پٿريلي ڌرتي تي مست ۾ چنچل هوائن ۾ وينگس جي وارن ۾ چنرين جا رنگ رچائيندڙ محبتي مصور توفيق سولنگي جو مشغلو سنڌ جي عظيم ۾ قديم تهذيب کي فن مصوري جي ذريعي ڪينواس تي رنگن جي رقص ڪندي ڏيکاري ٿو. توفيق گذريل ڪيترن ئي سالن کان لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي ڄامشورو ۾ بطور مصور جي پنهنجون فني خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سندس چوڻ آهي تہ هن جو پنهنجي فن مصوري سان محبوب ۾ سنڌوءَ سان امڙ وارو تعلق آهي.



Artist
# Taufeeq Solangi

COMEX
ACADEMY

# Admissions Open

## Screening Test Preparation


## CSS/ PCS 2021

**Handouts**
**Regular Classes**
**Regular Tests**
**Grand Mock Test**

Join Us & Ensure Your Success

Contact Us:
0334-2654880

House No: B-51, Phase-1,
Qasimabad, Hyderabad,


EDUCATION FOR ALL
BEST WISHES TO THE NATION ON THE OCCASION OF :
23rd MARCH RESOLUTION DAY OF PAKISTAN
By:
Chairman Agha Sohail Ahmed
Secretary Hafeezullah Mahar